


وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان بين الاقوامي اومبڊ انسٽيٽيوٽ اولهه آسٽريليا مسٽر ڪرس فيلڊ، وفاقي محتسب صدر ايشين اومبڊسمين ايسوسيئيشن جناب اعجاز قريشي، صوبائي محتسب اعجاز علي خان، صحت واري پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو، چيف سيڪريٽري سنڌ سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي ۽ ٻين جو گروپ فوٽو.




وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڦوهارا چوڪ تي ڪي ايم سي ميگا اسپورٽس ايونٽ جي پڄاڻيءَ تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي.

ماهوار پيغام ڪراچي

اپريل 2023ع

اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

# ماهوار پيغام ڪراچي


جلد 26، شمارو 16، اپريل 2023ع

**نگران اعليٰ**

**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

**نگران**

**نديم الرحمان ميمڻ**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ

**چيف ايڊيٽر**

**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر، پبليڪيشن

......

**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر

**ايڊيٽر**

**علاب علي ڏيٽو**
انفارميشن آفيسر

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**

**علي حسن چانڊيو**


## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| | ايڊيٽوريل | | 2 |
| 1. | ايڪويهين صديءَ جون تعليمي تقاضائون | محمد ياسين | 3 |
| 2. | ذهين شاگرد امتحان جو دٻاءُ ناهن وٺندا | سليم انور عباسي | 6 |
| 3. | گلوبل وليج جي گهٽين ۾ اڪيلا رلندڙ اسان جا ٻارڙا | يونس ملڪاٽي | 9 |
| 4. | نوجوانن ڪي تعليم ۽ روزگار لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ | حبدار علي | 12 |
| 5. | مستقبل ۾ تبديل ٿيندڙ بزنس ايجوڪيشن | قربان حسين | 15 |
| 6. | سنڌ ۽ پاڪستان ۾ ميڊيڪل ايجوڪيشن جو لاڙو ۽ ڪيريئر | فرح ناز | 18 |
| 7. | ٽُرڪيءَ ۾ جنت- جهنم ۽ سنڌ ۾ بهشت جي دري | عبدالحفيظ لغاري | 20 |
| 1. | 23 اپريل ڪتابن جو عالمي ڏينهن | پروفيسر لطافت علي جوهر | 23 |
| 8. | اروڙ واري پُل | مرزا ڪاظم رضا بيگ | 27 |
| 9. | سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻولي، ادب ۽ صحافت جون سُونهون | لعل بخش سولنگي | 35 |
| 10. | شيخ عبدالمجيد سنڌي | يسريٰ سليم | 41 |
| 11. | جسماني ۽ ذهني صحت لاءِ غير نصابي سرگرمين ڪي ٻه اهميت ڏيو | امام ڏنو | 44 |
| 12. | ريفائنڊ ۽ غير ريفائنڊ ٿيل تيل ۾ فرق | محمد مبين | 47 |
| 13. | سنڌ حڪومت پاران آبادگارن ڪي خوشحال بڻائڻ لاءِ "ٻج سبسڊي پروگرام" شروع ڪرڻ جو اعلان | سفير احمد | 49 |
| 14. | ڪراچي ڪي صاف رکڻ لاءِ سنڌ حڪومت جا سارا هه جوڳا فيصلا | طارق احمد | 51 |
| 15. | رمضان المبارڪ ۾ پيش آيل اهم تاريخي واقعا | سيده خديجه بخاري | 53 |
| 16. | غزوه اُحد | نور افشان | 55 |
| 17. | سونهن ۽ انفراديت: ستارن جي روشنيءَ ۾ | فريحه سليم | 57 |



**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ B-4، ڪراچي. 74200.

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.



**رابطي لاءِ:**

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
www.twitter.com/Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid
021-99202610

**ايڊيٽوريل**

# مڪاني ادارن جي جوڙجڪ ۾ چونڊيل نمائندن جون ذميواريون

آڳاٽي زماني ۾ ماڻهن جا بنيادي مسئلا نبيرڻ لاءِ مقامي طور تي پنچائتي ۽ راڄوڻي نظام قائم هوندا هئا، جن جي ذريعي ماڻهو پنهنجا مسئلا ۽ مامرا نبيريندا هئا. پنچائتي ۽ راڄوڻي نظام ذريعي لاڳاپيل ڌرين کي هڪ هنڌ ويهاري ڪين ٻڌو ويندو هو ۽ گهڻي سوچ ويچار ۽ گڏيل صلاح ڪان پوءِ ڪنهن به مسئلي جو اڻ ڌريو نبيرو ڪيو ويندو هو. اهو مڪاني ادارن جو اوائلي خاڪو هو جنهن اڳتي هلي مختلف مرحلا طئي ڪرڻ بعد باقاعدي هڪ نظام ۽ اداري جي شڪل ورتي ۽ مقامي سطح ڪان وٺي مرڪزي سطح تائين مڪاني ادارن جي باضابطا جوڙجڪ عمل ۾ آئي. مقامي سطح تي عام ماڻهوءَ کي ملڪي ترقي ۽ اختيارن ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻايو ويو. مڪاني ادارن وارو ڪاتو ان جي هاڻوڪي شڪل آهي، جنهن کي صوبائي حڪومت پاران اختيار ۽ فنڊ فراهم ڪري رياست جي اختيارن کي عوام جي درن تائين پهچايو وڃي ٿو. مڪاني ادارن ۾ عوام جا چونڊيل نمائندا، جمهوري عمل مان گذري عوامي خدمت ڪرڻ لاءِ اهل ۽ ذميوار بڻجن ٿا. مقامي طور تي يونين ڪائونسل، ٽائون ۽ تعلقي ڪائونسل ڪان ضلعي ڪائونسل تائين وڏن شهرن ۾ وري ميئر چونڊي مڪاني ادارن جو نظام هلايو ويندو آهي. هن نظام ذريعي شهري توڙي ٻهراڙي جي عوام جا سمورا مسئلا ۽ مامرا سندن چونڊيل نمائندا يا عيوضي حل ڪرڻ جا ذميوار هوندا آهن، جيڪي سندن ئي ووٽن سان منتخب ٿي مڪاني نظام جو وهنوار سنڀاليندا آهن.

مڪاني ادارن کي سرڪار ڀرپور فنڊ مهيا ڪري ذميوار بڻائيندي آهي ته اهي مقامي طور تي ماڻهن جي بنيادي سهولتن جي حاصلات لاءِ ڀرپور ترقياتي ڪم ڪرائين، تعليم، صحت، قانون، انصاف، صفائي سٿرائي واريون ترقياتي رٿائون جوڙي انهن تي وقت سر عمل ڪندي ملڪي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. مڪاني ادارن تحت ملندڙ اختيار ۽ ڏوڪڙ قوم جي امانت هوندا آهن ۽ ادارن جي عيوضين مٿان قانوني، اخلاقي ۽ قومي ذميواري هوندي آهي ته هو ڄاڻايل ذميواريون نڀائڻ لاءِ ايمانداري جو پاند هٿن مان نه ڇڏين ۽ پنهنجي پوري سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجون ذميواريون نڀائي ملڪ ۽ عوام جي ترقي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن. ڇاڪاڻ جو دنيا اندر قائم مڪاني ادارن واري نظام ذريعي انيڪ ڪاميابيون ماڻيون ويون آهن.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اسان جو مڪاني ادارن وارو نظام پڻ لاڳيتو ملڪي ترقي جي راهه ڏانهن وڌي رهيو آهي. ڪجهه عرصو اڳ سنڌ ۾ مڪاني ادارن جون چونڊون خير خوبي سان ٿي گذريون. اميد ڪجي ٿي ته مڪاني ادارن جا چونڊيل عيوضي پنهنجي اخلاقي،قانوني ۽ قومي ذميواريون پوري سچائي سان نڀائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيندا. ان ذريعي ئي ملڪ جي بنيادي ترقي واري منزل ماڻي سگهجي ٿي. هي مڪاني ادارا ئي ڏورانهن علائقن ۾ مقامي طور تي پاڻ کي سرگرم رکي ملڪي ترقيءَ واري خوبصورت خواب جي ساڀيان ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا.

**منصور احمد راڄپوت**

چيف ايڊيٽر

# ايڪويهين صديءَ جون تعليمي تقاضائون

محمد ياسين

ڪمپيوٽر جي ايجاد رياضياتي اصولن تحت هڪ حسابي مشين طور متعارف ٿي پر اهو ڪير بہ سوچي نہ پيو سگهي تہ اڳتي هلي هيءَ مشين سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ريسرچ ۽ پروڊڪشن ۾ سڀ کان وڏيڪ استعمال ٿيندي، جنهن ڪري ڪم سولو ٿي پوندو.

ابتدائي ڪمپيوٽر جي ڳوري جسامت لاءِ پهريان هڪ وڏو ڪمرو گهربل هو پر پوءِ اڳتي هلي نينو ٽيڪنالوجي متعارف ٿي ۽ مختصر ترين ٽيڪنالوجيءَ جي اوزارن ميگا ڊوائيس جي جاءِ والاري. ميڪنٽوش پهرين ننڍو ڪمپيوٽر هو جيڪو ايپل پبلشنگ جي مقصد ڪارڻ ٺاهيو تہ ڪم سولو ٿي پيو. هاڻ مختصر ڪمپيوٽر اسمارٽ موبائل فون جي صورت ۾ اسان جي کيسن ۾ موجود آهي. سپر ڪمپيوٽر هاڻي هڪ باريڪ چپ جي ڪري هينڊي ٿي ويو آهي. هاڻي تہ ڪوانٽم ڪمپيوٽر بہ اچي چڪو آهي جيڪو روشنيءَ جي رفتار سان ڪم ڪندي منٽ جو ڪم سيڪنڊ ۾ پورو ڪري ٿو. اهڙي ماحول ۾ جڏهن اسين اينالاگ کان ڊجيٽل فارميٽ ۾ اچي وياسين تہ انٽرنيٽ ورچوئل ورلڊ کي حقيقت جو روپ ڏنو آهي. اهڙي وايو منڊل ۾ ڪمپيوٽيشنل سوچ، ادراڪ ۽ شعور (Computational Thinking) جهڙي سائنس جو وجود ۾ اچڻ ڪا عجب جي ڳالهہ ناهي ڇو تہ نيورو سائنس يا مائنڊ سائنس اِها ڄاڻ ڏئي چڪي آهي تہ انساني دماغ بہ ڪمپيوٽر وانگر ڪم ڪندو آهي جنهن جي يادگيري ڊائون لوڊ فائلز مثل آهي، جڏهن ضرورت پوي اهو فائل کولي ڏسي وٺو.

ٻارن جي تعليم ۾ ڪمپيوٽيشنل سوچ جو استعمال

ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڪمپيوٽر سائنس ميري ونگ هر هڪ ٻار جي تعليم لاءِ ڪمپيوٽيشنل سوچ جو استعمال ڪندي 12_kڪي نصاب جو لازمي جز قرار ڏنو آهي. ان ۾ ٻارن کي سائنس، رياضي، انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالوجيءَ جا مضمون پڙهائڻ لاءِ ڪلاس روم ۾ ڪمپيوٽيشنل ٿنڪنگ جو استعمال ڪيو ويندو آهي. هن کي ايڪويهين صديءَ ۾ تعليم جو اٽٽر جُز قرار ڏنو ويو آهي.


ايڪيويهين صديءَ جي تعليم ۽ تربيت جي بنيادي جزن کي انگريزي اکر "C" سان شروع ٿيندڙ علمن ۽ سوچ جي چئن زاوين کي پڌرو ڪيو ويو آهي، جن ۾ Communication(سُڻ سماءُ، لهہ وچڙ، رابطو) Critical Thinking(تنقيدي سوچ)، Collaboration(تعاون) ۽ Creativity (تخليق) شامل آهن. ان فهرست ۾ پنجين "C"



Computational Thinking (ڪمپيوٽري سوچ) کي شامل ڪري سگهجي ٿو جيڪا پيچيده مسئلن جو حل رياضياتي ۽ منطقي بنيادن تي پيش ڪري ٿي. ڪمپيوٽيشنل سوچ جو اطلاق سائنسي علمن سان گڏ سماجي علمن ۽ زبان ۽ اسان تي به ٿئي ٿو جنهن ڪري اسان مصنوعي ذهانت رکندڙ اهڙو الگورٿم ٺاهيو آهي جنهن وسيلي زبان جي ٽڪ تور سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿي. جيئن سنڌ سرڪار پنهنجي ادبي ادارن کي ڊجيٽل روپ ۾ آندو آهي. اها سگهه ڪمپيوٽري ادراڪ ۽ شعور جي سوڀ آهي، انهيءَ ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي شاگردن جي ڪمپيوٽيشنل ٿنڪنگ کي متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ برطانيا پهرين نمبر تي آهي، جنهن 2012ع کان پنهنجي قومي نصاب کي مٿي ذڪر ڪيل ايڪويهين صديءَ جي جزن سان سلهاڙيو آهي، ٻين ملڪن ۾ شڪاگو آسٽريليا، چين، ڪوريا، آمريڪا ۽ نيوزيلينڊ آهن جتي وڏي پيماني تي اسڪولن ۾ ڪمپيوٽيشنل ٿنڪنگ کي متعارف ڪرائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن.

ڪمپيوٽيشنل ٿنڪنگ ڇا آهي!؟

ڪمپيوٽيشنل سوچ جو ٽُز جواب آهي: "پاڻ کي سڄاڳ رکي جوش جذبي ۽ چاهت سان ڪم ڪرڻ ۽ ترت نبيرو ڪرڻ ۽ ڪم کي اينگهائڻ بجاءِ وقت سر اُڪلائڻ پر جي ڪمپيوٽري ادراڪ موجب وضاحت ڪيون ته اُها هيءَ به آهي ته ڪمپيوٽري شعور سوچڻ، سمجهڻ ۽ پُرجهڻ جو اهڙو عمل آهي جنهن ۾ مسئلن ۽ ان جو حل اهڙي انداز ۾ ڪڍيو ويندو آهي جيئن ڪمپيوٽر ڪندو آهي. ان جا ٽي مرحلا نيڪال ۽ تجريد "(Abstraction) يعني مسئلي جي نوعيت ۽ ٽڪ تور، "پاڻ ناهڻ جو پاڻ هرتو عمل" (Automation) يعني حل جو اظهار ۽ ٽيون تجزيو (Analysis) يعني مسئلي جي حل لاءِ ورتل اپيرائيءَ جون ڪوششون ۽ ان جي جاچ جوچ شامل آهي. وري جي اڇون متن (Thesis) تي ته ضد متن (Antithesis) به ٽيندو آهي. هر عمل جو رَدُ ان جي ئي عمل مان پڌرو هوندو آهي. اهڙي ڪمپيوٽري سوچ جي شروعات ته 1950ع کان ٿي پر ان اصطلاح کي سڀ کان پهريان آفريقي نسل آمريڪن رياضيدان، ڪمپيوٽر سائنس دان ۽ ماهر تعليم سيموري پيپسٽ 1980ع ۾ اختيار ڪيو جنهن جو شمار هٿرادو ذهانت (Artificial Intelligence) جي باٽين منجهان ٿئي ٿو. هن زندگيءَ جو گهڻو عرصو MIT ۾ بطور محقق گذاريون، ان کانپوءِ 1996ع ۾ ڪمپيوٽري سوچ جي واڪاڻ اُپري جنهن کي پيچيده مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ الگورٿم جي اصولن تي ڪتب آندو ويندو آهي.




مستقبل ڪمپيوٽيشنل سوچ جو آهي

ايندڙ ڪجهه ورهين اندر اوهين ڪمپيوٽري دماغ جا ڪرشما پنهنجي ڪليل اکين سان ڏسندا جڏهن هر هنڌ توهان پنهنجو پاڻ کي رابطي، تنقيدي سوچ، سهڪار ۽ تخليقيت جي لڙين ۾ پوئي منفرد ذهانت ساز ثابت ڪندا، پوءِ اوهين استاد، وڪيل، صحافي، جج، استاد هجو يا واپاري، حڪيم، ڊاڪٽر، معيشت دان ۽ اڪائونٽنٽ هجو. اوهان کي ڪمپيوٽري دماغ وانگر ڪمن کي ترتيبوار تسبيح جي داڻن وانگر من ۾ سانيڍڻو پوندو. هن وقت آن لائن شاپنگ سميت ڪمپيوٽر سائنس جو مستقبل روشن آهي، انٽر پريئرز ۽ اسٽارٽ اپس جي هڪ وڏي دنيا اکين آڏو ڪليل آهي. مستقبل اي- ڪامرس آهي، ان سوچ جي قائد هٿرادو ذهانت آهي، جنهن ڪري سوشل ميڊيا جو انقلاب برپا ٿيو. هن وقت گلوبل وليج اڪانامي ۽ نالج هڪ هنڌ موجود آهن. اهو سڀ ڪجهه هاڻ اسمارٽ فون ۾ اچي ويو آهي، هر شعبي ۾ ڪمپيوٽر ئي سرواڻ بڻيل آهي. اي اليڪشن کان وٺندي اي ڪامرس تائين هر گذرندڙ ڏينهن Targeted

oriented آهي. دنيا جي 8 ارب آباديءَ مان 4 ارب آبادي نيٽ جي سگهہ کان بخوبي آگاهہ آهي. هن مرحلي تي هاڻي اها توهان جي ڪمپيوٽري دانش مندي آهي تہ اوهين ڪهڙي ريت معلومات جي سمنڊ منجهان ڪم جو ڏڪ پريو ٿا. اهڙو بروقت ادراڪ ئي دراصل اڄوڪي ڪمپيوٽري ذهانت آهي. برطانيا ۾ وولف ايم لينگويج پروگرام خاص ان مقصد پٽاندڙ متعارف ڪرايو ويو آهي جيڪا ڪمپيوٽر جي ذهانت تي ٻڌل پروگرامنگ آهي، جنهن ۾ راند راند ۾ تعليم کي ڏاڍو سولو ڪيو ويو آهي. سائنس جهڙا ڏکيا مضمون بہ ٻارن جي راند لڳندا آهن. ان ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سکڻ وڌيڪ آسان ٿي پيو آهي. ان سلسلي ۾ سوين ويب سائٽس منجهان اوهين ”ڪم جي ڳالهہ“ ڄاڻي سگهو ٿا.




### اسمارٽ لرننگ جو جديد انداز

جيڪڏهن اوهين پنهنجي وجود کي اهميت ڏيو ٿا تہ ايڪويهين صديءَ ۾ اسمارٽ لرننگ کي پنهنجو لائيف اسٽائل ڪرڻو پوندو. سنڌي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ موبائل ۾ هزارين ايجوڪيشنل ايپس موجود آهن پر اوهان کي پنهنجي ٽارگيٽ کان هٽڻو ناهي. برطانيا جي قومي نصاب ۾ ڪمپيوٽيشنل سوچ انقلاب آڻي چڏيو آهي. سنڌ جي نوجوانن کي بہ اهڙي انقلاب ۾ آواز سان آواز ملائڻو پوندو. اسان جي دور ۾ پٽي، سليٽ ۽ ڪاپيءَ سان گڏ ڪلڪ، قلم ۽ پينسل هوندي هئي ۽ ڪاغذ تي لکندا هئاسين پر هاڻ ايها چلت ختم ٿي چڪي آهي. ٽيڪ جنريشن لاءِ اسمارٽ سليٽ، ٽيب، اي پين اچي چڪا آهن. ساڳئي سهولت موبائل تي بہ موجود آهي. ايندڙ وقت ڪمپوزنگ ۽ اي پبلشنگ جو آهي، جنهن ۾ ڪاغذي ڪتاب مرهيات تي ويندو ۽ ايندڙ نسل لاءِ اهو عجب جهڙو جهان هوندو. جنهن ۾ 5 هزار صدين ڪانپوءِ پيپرس وانگر ڪاغذ بہ نوادرات ۾ شمار ٿي ويندا ۽ اسين سپ اي پلينٽ، سمارٽ ارٿ، اسمارٽ يونيورس جا واسي هونداسين. اسان جي هٿن ۾ اهڙي واچ پاتل هوندي جنهن جي اسڪرين تي ايڊريس لوڪيشن دٻائيندي ئي شمر روشنيءَ جو گولو ٿي هتان غائب ٿي ڪلڪ لوڪيشن تي رسي ويندا. جنهن کي ڏاها ٽيلي ٽرانسپورٽيشن چون ٿا، جڏهن تہ اهو دور وحدت (Singularity) جو هوندو، جنهن ۾ انسان ڪائنات کي ٿان وانگر ويڙهي مُٺ ۾ ڪندو. پوءِ انسان جو انت ڪٿي ٿيندو؟ سوچ کان اڳتي سوچ جو قدم ئي ڪمپيوٽري سوچ آهي جنهن جي وسعتن جو ڪاٿو ڪرڻ بہ دماغ جو ڪم آهي نہ ڪرڻ بہ دماغ جو ڪم آهي. اِها اوهان جي نئين آس آهي تہ نيون ڪائناتون اڏيو ٿا يا کوهہ جا ڏيڏر ٿي ٽران ٽران ڪيو ٿا. پنهنجي فن، وجود جي ساک کي قائم رکڻ ئي ايندڙ وقت جي تعليم ۽ سکيا آهي. هينئر اسين جنهن اسپيشلائيزيشن جي دور ۾ جي رهيا آهيون، اُتي آباديءَ جي گهڻائي وسيلن جي کوٽ اسان کان مطالبو ٿي ڪري تہ اوهين بہ حد سرحد پنهنجي قابليت کي سڃاڻي Computational Thinking جي فاسٽ ٽريڪ تي هلي پئو.

# ذهين شاگرد امتحان جو دٻاءُ ناهن وٺندا

سليم انور عباسي

اسان وٽ شاگردن جي اڪثريت سڄو سال تفريح ۾ گذاري جڏهن امتحان جي مرحلي ۾ داخل ٿيندي آهي تہ سندن حالت ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ان وقت هڪ ئي طريقو وڃي رهي ٿو سو آهي رٽي بازي يا نقل، جيڪو اسان جي تعليمي ادارن کي اهڙي ريت وڪوڙي ويو آهي جو هاڻي شاگردن کي رڳو گائيڊ بڪس ۾ نوٽس جي آڌار تي امتحان پاس ڪري ڊگري وٺڻي آهي، ڪين علم سان ڪو چاهہ ڪونهي پر ڏاها ۽ ذهين شاگرد پنهنجي دماغ تي امتحان جو دٻاءُ ناهن وٺندا. هُو تعليم ڊگريءَ لاءِ نہ پر شعور ۽ آگاهيءَ لاءِ حاصل ڪندا آهن. هو نصابي ڪتابن جي اڀياس جو شيڊول ٺاهيندا آهن ۽ ان موجب هوم ورڪ ۽ امتحانن جي تياري ڪندا آهن. امتحان شروع ٿيڻ جو انتظار ناهن ڪندا پر سيني نصابي ڪتابن جا اهم سبق ۽ لاڳاپيل سوالن جي تياري اڳواٽ شروع ڪري ڇڏيندا آهن.

اهڙيءَ ريت سندن ذهن تي ڪنهن بہ قسم جو دٻاءُ ناهي هوندو، نہ ئي ڪين اهو الڪو هوندو آهي تہ ناڪاميءَ جي صورت ۾ ڇا ٿي پوندو. جيڪڏهن اوهين بہ پنهنجي فائنل امتحانن جي تياري ڪري ذهين شاگردن جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهيو ٿا تہ توهان لاءِ ڪجهہ ڪارائتا مشورا حاضر آهن، جن تي عمل ڪري اوهين امتحان دوران دٻاءَ کان محفوظ رهي سگهو ٿا.

- امتحانن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ تياري ڪري وٺو.
- جيڪڏهن اوهان جي امتحان ۾ هڪ هفتو باقي آهي تہ سستي ڇڏي تياري شروع ڪيو ۽ رڳو ان مضمون تي ڌيان ڏيو جنهن بابت پرچو ٿيڻو آهي. ڇو تہ سڄي معلومات اوهين هڪ ئي رات ۾ ذهن نشين نٿا ڪري سگهو.
- مضمونن جو روزاني جو شيڊول ترتيب ڏيو
- پنهنجي مضمونن جي ترتيب ٺاهي هر

هڪ ڪلاس جو روزاني جو شيڊول اهڙيءَ ريت سهيڙيو جو هر پيري مضمون مڪمل ٿيڻ تي ڀيهر جائزو وٺڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مختصر وقت ملي وڃي. هر هڪ مضمون منجهان انهن سبقن کي اوليت ڏيو جن بابت گهڻو امڪان هجي تہ انهن جا سوال امتحان ۾ متوقع آهن. ان سلسلي ۾ ڏهن سالن جي حل ٿيل پيپرز مان بہ پيٽرن جي خبر پئجي سگهي ٿي ۽ استادن کان بہ اِن ڏس ۾ مدد وٺي سگهجي ٿي.

هر هڪ مضمون جا اهم جُزا پڌرا ڪريو.



جڏهن اوهين مضمونن جي اڀياس جو روز جو شيڊول ٺاهيو ٿا ته اڳئين وک اِها آهي ته پنهنجي نصابي ڪتاب مان جيڪو به مضمون پڙهو ٿا يا نوٽيس وٺو ٿا ته ان جو تت (Summery) لکو جنهن ۾ اهڙن جُزن کي واضح ڪيو جيڪي اوهان لاءِ مونجهاري جو ڪارڻ آهن. انهن کي ياد ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ استادن کان مدد وٺو. پوءِ ان مختصر تت کي ٻيهر پنهنجي لفظن ۾ لکو. رٽو هڻڻ بجاءِ مواد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. هر هڪ سبق جي اهم جزن جي ترتيب وار فهرست ۽ آئوٽ لائن ٺاهيو. اِن ريت تاريخون، اصطلاح ۽ ڏکيا لفظ bullet wizen لکڻ سان ڪم جي ڳالهه ترت ملي ويندي، اهڙو شيڊول پنهنجي موبائل ۾ به لکي سگهو ٿا.

**فليشس ڪارڊز ٺاهيو**

آئوٽ لائن ۾ جزن ۾ اهم نڪتن جي فهرست سازيءَ سان گڏ گهڻي ۾ گهڻي مشغولي فليش ڪارڊز آهن. ٽارگيٽ جي حساب سان امتحان ۾ پڇيل امڪاني سوالن جا رنگ برنگلي فليش ڪارڊز يادگيريءَ لاءِ انتهائي ڪارآمد آهن. اهڙا ڪارڊ اوهين تاش جي پتن وانگر هلندي ڦرندي به پڙهي ۽ ورجائي سگهو ٿا. ساڳيا فليش ڪارڊز اوهين موبائل تي به ڊيزائن ڪري سگهو ٿا پر سڀ کان اثرائتي ڪرت لکڻ آهي، جو ته امتحان به قلم سان ڪاغذ تي رائج آهي. اسان وٽ آن لائن ايجوڪيشن اڃا ابتدائي مرحلن ۾ آهي. آن لائن امتحانن جو تجربو اسان وٽ گهڻي ڀاڱي ناڪام ويو ڇو ته اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ روبرو استادن کان ليڪچر ٻڌڻ ۽ پوءِ هڪ ٻئي سان معلومات ونڊڻ وارو علمي ماحول گهر ويني جڙي نٿو سگهي.



**ٻين کان مدد وٺو_ پُڇڻ نه مُنجهڻ**

چوندا آهن ته "پُڇڻا نه مُنجهڻا" اسين گهڻي ڀاڱي سوال پڇندي ڀاڙ کي هيڻاهون سمجهندا آهيون ته متان ڪير سمجهي ته مارا! اها به خبر ڪونهيس، جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن سوال ۾ مونجهارو آهي، ڪو سائنسي فارمولو سمجھ ۾ نٿو اچي ته استادن کان مدد وٺي سگهجي ٿي. دوستن جو گروپ ٺاهي ڪوئز شو وانگر هڪ ٻئي کان سوال پڇي سگهو ٿا. جيڪڏهن 1000 لفظ ياد ڪرڻ ڏکيو ٿو لڳي ته 1000 انڊيڪس ڪارڊز ٺاهي دوستن جي گروپ ۾ Speak ۽ Spell جو مقابلو ڪري سگهو ٿا. لفظن سان دوستيءَ کي پڪو ڪرڻ لاءِ Word Games کيڏي سگهو ٿا. موبائل تي ورڊ گيمز کي روزاني جي وندر ڪري سگهو ٿا.

**ڇڱيءَ ريت ننڊ ڪريو**

امتحانن جي تياريءَ جو مطلب اهو هرگز ناهي ته رات جو اوجاڳا ڪري پنهنجي ننڊ پوري نه ڪريو ۽ سڄو ڏينهن ٿڪل ۽ اوٻاسيون ڏيندي نظر اچو. امتحان اوهان جي سوچڻ جي صلاحيت جاچڻ لاءِ ڊيزائن ڪيا ويندا آهن. ننڊ جي ڪوٺ ۾ اوهين ڪا به معلومات ياد رکي نه سگهندا، توهان جي دماغ تي بوجهه رهندو. ان ڪري امتحان وارن ڏهاڙن ۾ پنهنجو دماغ تازو رکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ست ڪلاڪ ننڊ ضروري آهي، جو ته ننڊ هلندڙ دماغ کي سڪون بخشڻ لاءِ ٽانڪ آهي. دماغ تازو هوندو ته توانائي ۽ ڦڙتي هوندي. نه ته ننڊ جي ڪوٺ جي ڪري ياد رهيل ڳالهه به وقت تي وسري ويندي.

**امتحان کان اڳ پُرسڪون رهو**

امتحان جو بخار ڀاڙ تي طاري نه ڪيو. امتحان جو دٻاءُ ڪٽي ڪيڏو به هجي اوهان جي پريشان ٿيڻ سان نتيجا بدلجي نٿا سگهن. باقي اوهان جي پريشاني ايندڙ امتحان لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري هر پوئين امتحان کي وساري ايندڙ امتحان جي تياري مڪمل جوش ۽ توانائيءَ سان امتحان ۾ سوڀ لاءِ پنهنجي حواسن کي هٿان وڃائڻ نه ڏيو. انتهائي سڪون سان امتحاني حقيقت کي تسليم ڪندي ان کان ڊپ بجاءِ پنهنجي قابليت جي آزمائش طور امتحان کي اڳتي قدم جاڻائجي.



### نوٽيس ٻيهر پڙهو

پنهنجي سبق جا نوٽيس ان ريت پڙهو جڻ اوهين امتحان ڏئي رهيا آهيو. ابتدائي معلومات کان تاريخ، پسمنظر ۽ نواڻ سميت ٽائيم لائن ايونٽس گراف ٺاهي ان ۾ رکو. اهم معلومات کي هاءِ لائٽر سان واضح ڪيو. ان مقصد لاءِ هر هڪ سبق لاءِ ڌار رنگ جي هاءِ لائٽر سان نوٽيس ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. جڏهن اوهين نوٽيس پڙهو ٿا تہ واچ رکي ٽن ڪلاڪن دوران 10 سوالن جا جواب لکڻ جي پرئڪٽس ڪيو تہ وڌيڪ سٺو ٿي پوندو تہ هٿ ۾ واڍي جي واهولي واري تيزي اچي ويندي ۽ امتحان هال ۾ لکندي بيزاري ۽ مونجهارو نہ ٿيندو.

### پنهنجي نصاب جو جائزو وٺو

هتي اوهان کي شاگرد جي چولي مان نڪري استاد جي لباس ۾ پاڻ کي تصور ڪرڻو پوندو ۽ من ۾ تنقيدي ذهانت جو ڏيئو ٻاري هڪ مدبر ۽ دانشور جهڙي سنجيدگي ۽ بصيرت ڀريل اک سان پنهنجي نصاب جي نوٽس تي پرسڪون نظر وجهو. جتي ضرورت پوي سبق جو اصل نمبر لکو ۽ ضروري چاٽو تہ اهم سوالن جا جواب نصابي ڪتاب ۾ بہ هاءِ لائٽ ڪيو. وندر ڪارڻ هر هڪ سوال کي تاري، دل، ڪارٽون يا مضمون جي علامتن سان سينگاري سگهو ٿا.

### اهم مضمون نوٽ بڪ ۾ لکو

گذريل چند سالن جي امتحاني پرچن ۾ سوالن جي لاڙي کي ڏسندي، استادن سان خيالن جي ڏي وٺ جي روشنيءَ ۾ اهم موضوعن ۽ مضمونن کي پنهنجي نوٽ بڪ ۾ ان ريت لکو جو اصل مضمون جو صفحو نمبر، سمري ۽ آئوٽ لائن درج هجي تہ جيئن ترت ريفرنس طور ڪتب آڻي سگهجي.

امتحان کان بہ ڪلاڪ اڳ پرسڪون ٿي ويهي رهو.

سائنسدانن جو مڃڻ آهي تہ رات جي سٺي ننڊ ۽ امتحان شروع ٿيڻ کان بہ ڪلاڪ اڳ سڀ وهم وساري پرسڪون ٿي ويهڻ بهترين نتيجن جو ڪارڻ هوندو آهي. اهڙي نويڪلائيءَ ۾ اوهان جا فليش ڪارڊز اسڪين ريڊنگ لاءِ سٺي ڪرت ٿي سگهي ٿي. پنهنجي دماغ کي نون خيالن لاءِ ڪليل رکو.

هي اُهي سونهري نُڪتا آهن جن کي ذهين شاگرد پنهنجو اسمارٽ لائيف اسٽائل ڪندا آهن. ان ريت هو امتحانن جو دٻاءُ قبول ناهن ڪندا. اوهين بہ چاهيو تہ اهڙا ذهين شاگرد ٿي سگهو ٿا. ياد رکو! سوچ جي واٽ سولي ناهي، ان لاءِ مستقل مزاجيءَ سان گڏ چاهہ ۽ چاهت جي چاشني کپي. هن دنيا تي حڪمراني عظيم خيال رکندڙ ماڻهن ڪئي، اوهين بہ ان راهہ جا مسافر ٿيڻ جا آسوند آهيو تہ پنهنجي من جي دنيا کي روشن ڪيو. حضرت دائود ع چواڻي: "من جو سوچي ٿو اهو ئي انسان هوندو آهي." ساڳي ڳالهہ برطانوي ناٽڪ نويس وليم شيڪسپيئر چئي: "ڪو بہ سٺو خراب ناهي هوندو، ماسوا اسان جي سوچ جي جيڪا ان کي سٺو ۽ خراب ڪري ٿي." هاڻ اهو اوهان تي ڇڏيل آهي تہ اوهان جو من ڇا ٿو چاهي!؟ ذهين، هوشيار، يڪتا يا تقليد پرست- پيروڪار!؟

# گلوبل وليج جي گهٽين ۾ اڪيلا رلندڙ اسان جا ٻارڙا

يونس ملڪاڻي

عام طرح سان هڪ ڪٽنب جو سربراهه جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان جو ٻار ئي استقبال ڪندا آهن ۽ هو انهن جي گهيري ۾ پنهنجي آرام واري جاءِ تائين پهچندو آهي جتي به ٻار ان سان چنبڙيل رهندا آهن، ننڍا ٻار جهولي ۾ ويهندا ۽ جن کي جهولي ۾ جاءِ نه ملندي ته اُهي وري پنهنجي بابا جي اڳيان پويان رهندي پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياريندا رهندا، پر بابا کي ته آرام ڪپي سو نيٽ پنهنجو موبائيل ڪڍي ٻارن کي ڏيڻ ۾ ئي ڀلائي سمجهي ٿو. ٻارن کي به جڻ گهربل ئي موبائيل هو جيڪو ملندي ئي يڪدم بابا کي اڪيلو ڇڏي پنهنجي ڪرت ۾ لڳي ويندا آهن، پوءِ جهڙو موبائيل اهڙي مشغوليت هوندي اٿن.

گهڻو ڪري والدين پنهنجي ننڍين ٻارن جي لاءِ موبائيل ۾ گيمون، ڪارٽون يا اينميشن موويز رکندا آهن جيڪي ٻارن کي وندرائڻ ۽ والدين کي ڪجهه وقت ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. پر شايد هر هنڌ ائين ناهي هوندو، اڪثر طور تي ٻارن جو ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾ پوئتي رهجڻ جو ڊپ والدين کي گهرن ۾ ڪمپيوٽر، ليپ ٽاپ، نوٽ پيڊ، ٽيبليٽ يا سمارٽ فون رکڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي ۽ گڏوگڏ پنهنجي ڪمن ڪارين ۽ وڏن ٻارن جي ضرورتن کي ڏسندي انٽرنيٽ جو ڪنيڪشن به اڻٽر هوندو آهي. ڪجهه گهرن ۾ ته انهن شين جو انگ وڌيل به هوندو آهي ڇوته هر ٻار جا پنهنجا انگل هوندا آهن جن اڳيان مائٽ نيٽ به مجبور هوندا آهن.

اسان هن وقت هڪ هاءِ ٽيڪ دور مان لنگهي رهيا آهيون، جڻ ته ٽيڪنالاجي جو هڪ وڏو وهڪرو لنگهي رهيو آهي جنهن اڳيان بند ٻڌي به نٿو سگهجي ۽ بند ٻڌڻ بيوقوفي به ٿي سگهي ٿي. روز نت نيون ايجادون ۽ ورزن مارڪيٽ ۾ اچي رهيا آهن جيئن اليڪٽرانڪس آئٽم ٺاهيندي وقت انهن ۾ اپڊيٽ جو آپشن به لازمي رکيو ويندو آهي اهڙي ئي طرح اڄ جي والدين کي به پنهنجو پاڻ کي اپڊيٽ ڪرڻ جي گهرج آهي، اسان پنهنجي اولاد کي هن دور جي سائنسي ترقي کان پري نٿا رکي سگهون پر گڏوگڏ اهو به خيال رکڻ گهرجي ته ٽيڪنالاجي جي وڏڻ سان ماهرن دنيا کي ”گلوبل وليج“ قرار ڏيئي ڇڏيو آهي، هاڻي دنيا واقعي ڳوٺ وانگر ٿي وئي آهي پر جيئن اسان پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پنهنجي ٻارن کي اڪيلو احتياط سان ڇڏيندا آهيون



بلڪل ائين ئي گلوبل وليج جي گهٽين ۾ ٻارن کي اڪيلو ڇڏڻ مهل احتياط ضروري آهي، ٻي صورت ۾ اوهان جا ٻار متان ڪٿي ڀلجي نه وڃن.

اسان وٽ اڪثر والدين ٽيڪنالاجي جي جهنگ ۾ پنهنجي ٻارن کي اڪيلو روانو ڪري پوءِ انهن جي خبر به ناهن لهندا، پوءِ اهو ٻارن جو ڀاڳ آهي ته انهن کي پراڻن بادشاهن وارين ڪهاڻين وانگر ڪا رحمدل پري ملي ۽ انهن جي مدد ڪري يا ڪو ظالم ديو ملي وڃي جيڪو هنن کي قيد ڪري ڇڏي. ٻارن جي هٿن ۾ ليپ ٽاپ ڪمپيوٽر، ٽيبليٽ يا سمارٽ فون ڏيڻ ۾ ڪا غلطي ناهي پر بعد ۾ انهن جي استعمال تي نظر نه رکڻ بيوقوفي آهي جنهن جا انتهائي بُرا نتيجا نڪري سگهن ٿا. جيڪي شايد والدين جي لاءِ پريشان ڪندڙ هجن. جن ۾ امتحانن ۾ گهربل نتيجا نه ملڻ کان وٺندي ٻارن جي گهر ڇڏڻ جهڙا واقعا به پيش اچي سگهن ٿا. پر اهڙن خراب نتيجن کي وقت سر سٺي منصوبه بندي سان بهتر نتيجن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. پر ان جو اهو مقصد هرگز ناهي ته اسان ٽيڪنالاجي کان پري ٿيڻ جي ڪوشش ڪريون. ڇوته ٽيڪنالاجي هڪ حقيقت آهي ۽ حقيقتن کي مڃڻ ۾ ئي سمجهداري آهي پر اسان کي پنهنجي ٻارن جي ٽيڪنالاجي جي استعمال بابت ڪجهه سمجهداري کان ڪم وٺڻو پوندو. آمريڪي ليکڪ ايليسين سليٽر ان حوالي سان پنهنجي واشنگٽن پوسٽ جي مضمون ۾ لکيو آهي ته اسان والدين جو اهو پهريون نسل آهيون جيڪي پنهنجي اولاد کي هاءِ ٽيڪنالاجي دور ۾ وٺي وڃي رهيا آهيون. اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ اصل شيون ڏٺيون هيون جيڪي وڻندڙ ۽ حقيقي هيون گهر کان اسڪول ايندي خوبصورت نظارا اسان کي ياد هوندا هئا پر اڄوڪو ٻار سموري دنيا کي پنهنجي آڱرين هيٺان رکيو ويٺو آهي پر هُن کي اها خبر ناهي ته اهو سڀ ڪجهه حقيقي دنيا کان پري آهي ۽ جڏهن هُن جو اهو ڊجيٽل خواب ٽٽي ٿو ته ان ٻار کي ڀيهر جڙڻ ۾ وقت ٿو لڳي". اسان جي ٻارن سان به اهو ئي مسئلو آهي. ٻار جڏهن پنهنجي آس پاس جي ماحول مان غير مطمئن ٿي ڊجيٽل دنيا ۾ وک رکي ٿو ته هن جي لاءِ اها دنيا نئين ۽ وڻندڙ هوندي آهي جتي هُن جي مرضي هلندي آهي ۽ ڪا به روڪ ٽوڪ ناهي هوندي. سندس ڪوڙ به ناهن پڪڙبا ۽ ڪيس ڪو هوم ورڪ لاءِ به تنگ ناهي ڪندو. ڪجهه وقت کان پوءِ ٻار ان ڊجيٽل دنيا جو رهواسي ٿي پوندو آهي جنهن سان هن جي اصلي زندگي ۽ فرضي زندگي ۾ وڏي وٿي اچي ويندي آهي جيڪا ئي اڳتي هلي هن جي لاءِ بُرا نتيجا پيدا ڪندي آهي.

پر هتي اهو مقصد هرگز ناهي ته ٻارن کي پنهنجي دنيا ٺاهڻ کان روڪيو وڃي. ٻارن ۾ سوچ ۽ تخليق جو عمل ڪڏهن به بند ناهي ٿيندو پر والدين سمجهداري سان انهن جي سوچن جو رُخ پنهنجي مرضي سان موڙي سگهن ٿا. ٻارن لاءِ مشهور آهي ته ٻار مڇ جو وار - جيڏانهن وٽي اوڏانهن وار. سو اسان به پنهنجي ٻارن کي ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي به مثبت رُخ ۾ موڙي سگهون ٿا. ڪافي والدين ٽيڪنالاجي جي نقصانن جو ٻڌي پنهنجي ٻارن کي ان کان بلڪل به محروم ڪري ڇڏيندا آهن جيڪو پڻ هڪ غلط قدم آهي. ٽيڪنالاجي اسان جي ٻارن جي مستقبل جي مکيه گهرج آهي جنهن تي هو هن وقت پنهنجي سِر ڪم ڪري رهيا آهن اسان انهن کي دنيا سان گڏ هلڻ کان روڪي نٿا سگهون پر پنهنجي ٻارن کي ٽيڪنالاجي جي درست استعمال بابت ٻڌائي سگهون ٿا ان لاءِ اسان کي پاڻ سرگرم ٿيڻ سان گڏ ٻارن سان ٽيڪنالاجي جي اثرن بابت ڳالهائڻ به گهرجي. جنهن ۾ ٻارن پاران ٽيڪنالاجي جي استعمال ڪرڻ تي انهن جي همت افزائي به ڪرڻ گهرجي. پر ساڳئي وقت ۾ ٻارن کان ليپ ٽاپ يا ٽيبليٽ جا جيڪو هو استعمال ڪن ٿا وٺي چيڪ پڻ ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪر انهي ۾ ڪا شيءِ قابلِ اعتراض آهي ته ٻارن سان ان تي ڳالهائڻ گهرجي. نه ڪي ٻارن کان ان شيءِ جي استعمال ڪرڻ جو حق ئي کسي وٺجي. ٻارن کي اهڙين سائيٽن تي وڃڻ لاءِ همٿايو وڃي جيڪي اوهان جون آزمايل ۽ تعليمي بهتري لاءِ ڪارائتيون هجن.

انٽرنيٽ جي استعمال جو ذڪر ٿيندي ئي سوشل سائيٽس جو ذڪر به لازمي نڪري ٿو سوال اهو آهي ته ٻار ڪهڙي عمر کان سوشل سائيٽون هلائڻ شروع ڪن؟ ان سلسلي ۾ ڳوڙهي تحقيق کان پوءِ ماهر ان نتيجي تي پهتا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ 13 سالن جي عمر تائين جي ٻارن کي سوشل سائيٽس کان پري رکو جيڪر پري نٿا رکي سگهو ته اهو ئي اُهو وقت آهي جڏهن اوهان ٻارن جي سوشل سائيٽس جي استعمال تي نظر رکي سگهندا ۽ هو اوهان جي ان عمل کي پنهنجي ذاتي معاملن ۾ دخل به محسوس نه ڪندا. ٻارن کي وقت به وقت سوشل سائيٽس جي نقصانن بابت خبردار ڪندا رهو ۽ انهن جي اڪائونٽس جا تفصيل پاڻ وٽ لازمي رکو جيتري قدر ممڪن

تي سگهي انهن جي وِنڊ جي پرائيويسي ”پاڻ تائين محدود“ رکو. جڏهن ته پنهنجي ٻارن پاران لائيڪ ڪيل مختلف پيجز ۽ چيٽنگ جي به نگهداشت ڪرڻ والدين جي زميواري آهي، فحش مواد اوهان جي ٻارن جي پهچ کان پري رهي ان لاءِ اوهان مختلف فلٽر ۽ سافٽ ويئر استعمال ڪري سگهو ٿا. جيڪي ٿوري توجهه سان آساني سان مفت ۾ دستياب هوندا آهن. سمجهدار والدين ٻارن کي ڪمپيوٽر وٺي ڏيڻ کان اڳ ۾ انهن ۾ اڻ وڻندڙ مواد جي روڪٿام جو بندوبست ڪندا آهن. ڪمپيوٽر تي اڻ وڻندڙ ويب سائيٽن جي روڪٿام لاءِ اوهان پنهنجي واءِ فاءِ ڊوائيس ۾ به سيٽنگ ڪري سگهو ٿا، واءِ فاءِ جي DNSسيٽنگ تبديل ڪرڻ لاءِ برائوزر ۾ 192.168.1.1 يا وري 192.168.0.1 ٽائيپ ڪري پنهنجي رائوٽر جو ويب انٽر فيس پيج کوليو جتي گهڻو ڪري يوزر نيم ۽ پاس ورڊ adminهوندو آهي هتي اوهان DHCP سيٽنگ ۾ وڃي DNSجي سيٽنگ ڪري سگهو ٿا، ساڳئي طرح سان اوهان اوپن ڊي اين ايس فيملي سروس به استعمال ڪري سگهو ٿا جيڪا خصوصي طور تي ڪتنب ۽ اسڪولن لاءِ جوڙيل آهي، ان کان علاوه انٽرنيٽ تي مختلف مفت سافٽ ويئر موجود آهن جن ۾ بلاڪ اِٽ فار مي، دي ويب بلاڪر ۽ ٻيا ڪارائتا سافٽ ويئر مشهور آهن جن کي استعمال ڪندي اوهان پنهنجي ٻارن کي فحش ۽ اڻ وڻندڙ سائيٽس کان پري رکي سگهو ٿا. اهڙا سافٽ ويئر به موجود آهن جيڪي فحش مواد کي ڪڏهن به اوهان جي اسڪرين تي اچڻ نه ڏيندا. ان سلسلي ۾ گوگل جو ”سيف سرچنگ“ آپشن به ڪافي ڪارائتو آهي.



جڏهن ته سمارٽ فونز ۽ ٽيبليٽ لاءِ پلي اسٽور تان Trend Micro's App ۽ Parental Fluxجهڙيون ڪارائتيون ۽ مفت ايپليڪيشنز موجود آهن جن جي استعمال سان اوهان پنهنجي ٻارن کي انٽرنيٽ تي اڻ وڻندڙ مواد ڇاڻائي يا اڻ ڇاڻائي ۾ ڏسڻ کان بچائي سگهو ٿا.

پر سافٽ ويئر لڳائڻ يا ايپليڪيشنز لڳائڻ ڪافي ناهي ان سلسلي ۾ والدين کي هر وقت ڌيان ڏيڻو پوندو، جن جي لاءِ اوهان کي ڪجھ اصول اختيار ڪرڻا پوندا، جن مان سڀ کان بهتر اهو ئي آهي ته اوهان پنهنجي ٻارن سان انٽرنيٽ جي نقصانن ۽ احتياطن بابت ڳالهايو ۽ انهن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن بابت ٻڌايو. گهر ۾ ڪمپيوٽر ڪوشش ڪري اهڙي جاءِ تي رکو جتي ٻارن کي انٽرنيٽ هلائيندي آساني سان ڏسي سگهجي ۽ ڪوشش ڪري پاڻ به ساڻس گڏ ويهجي جيئن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جو استعمال سکي به سگهجي. ساڳئي وقت ۾ ٻارن کي ڪمپيوٽر يا ٽيبليٽ استعمال ڪندي وقت جو به پابند بڻايو وڃي ته جيئن انهن جو گهڻو وقت انٽرنيٽ ۽ سمارٽ فونز ۾ ضايع نه ٿئي، جيڪڏهن اسان اهڙا احتياطي اپاءُ وٺندا رهياسين ته اسان پنهنجي ٻارن سان انٽرنيٽ جي گلوبل وليج ۾ گڏ ٻيلي هونداسين ۽ اسان جا ٻار ڪڏهن به ڀٽڪي نه سگهندا.

# نوجوانن ڪي تعليم ۽ روزگار لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي ؟

حبدار علي

جڏهن اسين سنڌ سڳوريءَ جي شهرن، وستين، واهڻن، ڳوٺن ۾ رهندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليمي ۽ روزگار جي وهنوار تي نظر وجهون ٿا ته اسان وٽ هڪ وڏي ويڌن اِها آهي ته هر ڪو پنهنجي ڪُني ڏار ڇاڙهڻ چاهي ٿو پر اسين جنهن ڊيجيٽل انٽرنيٽ اسمارٽ ورلڊ ۾ رهون ٿا اتي اسان لاءِ اي ايجوڪيشن ۽ اي ڪامرس وسيلي تعليم ۽ روزگار جا بي بها موقعا موجود آهن پر انهن وسيلن ڪي استعمال ڪرڻ جو ڏس پتو ڪو ٻه ٻڌائڻ وارو ناهي. هر ڪو پنهنجي مرلي وڄائي پنهنجي ئي ڌن تي من مست ملنگ ٿيو جهومي پيو. جنهن ڪي ٻه نيو انٽرنيٽ – سائيبر ورلڊ جي ترجيتري ٻه ڄاڻ آهي تنهن ڪي هُو لڪائڻ جا جتن ڪري ٿو ان ڪري سنڌين ۽ سنڌياڻين ڪي "گڏيل نيڪي" (Collective Wisdom) ڪي اهڙيءَ ريت اختيار ڪرڻو پوندو جو ڏهه نه ته چار دوست ۽ ساهيڙيون ملي ڪري اسٽارٽ اپ ورلڊ ۾ پنهنجا تجربا هڪ ٻئي سان شيئر ڪن.

## ڪٿان شروعات ڪجي؟

ساهه جي ڏور باقي آهي ته ڪو ٻه وقت، ڪا ٻه گهڙي، ڪا ٻه مهل اجائي ناهي. ڪجهه ڪرڻ جو ارادو ئي اوهان جي تخليقي صلاحيت جو آغاز آهي.

## من اندرجهاتي پايو!

اسان جي حياتيءَ جو قيمتي وقت ٻين تي تبصرن تيرن ۾ گذرندو آهي. نه اسين پاڻ ڪم ڪرڻ چاهيندا آهيون. جيڪڏهن صلاح وٺبي ته سڄي دنيا ۾ ڪو ٻه اهڙو علم ۽ هنر نه ملندو جتي لکن جي ڪپت نه هُجي. پنهنجي دائري ڪي محدود ڪندي پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن تي نظر وجهو ته مٽيءَ جي سُڳند





۾ منهنجي پاڙي جي بهار اوهان کي اِهو احساس ڏياريندي تہ اوهين ڌرتيءَ واسي ڀوڪي ڪنڌڙ سڀاجهڙا هاري آهيو جن جي پگهر جي پورهئي منجهان اَنُ ملي ٿو تہ اهڙي ان داتا واري سرواڻي پڳ کي ڦٽو ڪري سرڪاري نوڪريءَ جي ٽڏي ڇانوَ جا سيئي چاهڪ هوندا تہ سنڌ ڪيئن خوشحال ۽ سکي ستابي ٿيندي!؟

## پنهنجي شخصيت ۽ صلاحيت کي ڏسو پرکيو

اوهان کي سڀ کان پهريان ڪاغذ قلم کڻي پنهنجي شخصي خوبين ۽ خامين جي لسٽ ٺاهڻ گهرجي تہ ڪهڙيون خاميون آهن جن ڪارڻ مقابلي جي ڊوڙ کان پوئتي آهيون. مثال طور: آءٌ موڊي آهيان، دل چويم تہ ڪم ڪندم، نہ تہ ڪم کان جان ويندي. سدائين ڪم نہ ڪرڻ جا بهانا۔ خوبيون۔ شڪر آهي ساهہ جي رڳ هلي پئي. سچ ڳالهائڻ گهرجي، نہ پڇي تہ سانت ڀلي۔ هٿ پير دماغ حواس سلامت ۽ سامت ۾ آهن – مولا جو پيو ڪهڙو ڪرم! سڀ کان وڏيڪ پنهنجو وجود آهي تہ پوءِ دير ڇاجي!؟

خامين خوبين جي پچار ڪانپوءِ پنهنجي صلاحيتن جو جائزو وٺو۔ ڇا ڇا ڪري سگهان ٿو، هنر جي تربيت لاءِ سنڌ سرڪار جي اسڪل ڊولپمينٽ پروگرام سان پاڻ کي سلهاڙيو۔ صلاحيتن جي ڪوٺ کي پورو ڪرڻ لاءِ ننڊ جا ست ڪلاڪ ڇڏي باقي وقت کي مختلف ڪمن ۾ ورهايو.

وقت جي انتظام ڪاري (Time Management) وقت جي ورهاست (Time Schedule) ڪيو.

اسان سڀني لاءِ هيءَ زندگي سماجي معاهدو آهي، جنهن ۾ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڪرت، فن، فڪر ۽ تخليق آزمائي ٿو ۽ آخري ساهہ تائين خيالن جي نڪور دنيا ۾ گولاٽيون پائي ٿو. زندگيءَ جو اِهو ڦيٿو گڏيل سهڪار ۽ وسيلي ئي ممڪن آهي پر ان ڦيٿي کي چورڻ لاءِ اڳئين وک توهان کي کڻڻي پوندي.

جديد دور ۾ تعليم ۽ روزگار جو واحد ماپو وقت جي انتظام ڪاري آهي تہ ڪمن ڪارين جي ورهاست اوهين ڪيئن ٿا ڪيو! پرهہ ڦٽيءَ مهل جڏهن اوهين 5 وڳي اُٿڻ جو شيڊول ٺاهيو ٿا ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪيو ٿا تہ اوهين پاڻ واڌڙا ٿي ويندا تہ ڪيئن مهينن، سالن جا رهيل ڪم روزاني جي ان شيڊول ڪارڻ اُڪلائجي ويا.

5 وڳي اُٿي سڀ کان پهريان اڪيون ٻوٽي مراقبو ڪيو ۽ اندر ۾ جهاتي پائي سوچيو تہ اڄ ڪهڙا ڪم ڪرڻا آهن. ان لاءِ پلٿي ماري چيلهہ سڌي ڪري هٿ گوڏن تي رکي اکيون ٻوٽيو ۽ چَپَ بند ڪري ناسن مان هوريان هوريان هوا اندر سيني ۾ اماڻيو جيئن ڦوڪڻي ۾ هوا ڀربي آهي. پوءِ هوا کي سيني اندر جيتري دير روڪي سگهو ٿا روڪيو۔ وري چپ سيٽيءَ وانگر ڪولي وات مان هوريان هوريان سيني مان ايئن هوا ڪڍو جڻ ڦوڪڻي کي خالي ڪري رهيا آهيو. وري خالي سيني ۾ ساهہ کي جيترو روڪي سگهو ٿا روڪيو – اهو عمل ساڳئي ترتيب سان گهٽ ۾ گهٽ 10 منٽ ورجايو.

هاڻي عضون کي ڍرو ڇڏي اندر ۾ ڏسو تہ اوهان ڪير آهيو؟ ڪهڙيون خراب عادتون وقت جو زيان آهن؟ پوءِ جي هاري آهيو تہ هاريي تي لڳي وڃو. جي شاگرد آهيو تہ

پوري ڏيان سان 7:20 تائين پڙهو. پوءِ جوس جو گلاس پي اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽي وڃو. 8:00 کان 1:00 وڳي تائين 4 ڪلاڪ ڌيان سان ليڪچر ٻڌو. نوٽس وٺو. واپسيءَ ۾ واٽ ويندي دماغ کي فريش رکڻ لاءِ ورڊز ويڊيو گيمز کيڏو يا اکيون ٻوٽي آرام ڪيو. گهر اچي مانجهاندو ڪري 3:00 وڳي ٿوري دير لاءِ آهلي پيو. 4:00 وڳي اُٿي هٿ منهن ڌوئي اسٽڊي ٽيبل تي ويهو ۽ اڄوڪا نوٽيسن فيئر ڪيو. پوءِ 3 ڪلاڪ ڌيان سان اسٽڊي ۽ نوٽيس کي ڌيان سان ڏسو. 8:00 وڳي ڊنر ٽائيم ۽ 9:00 تائين وندر ڪري وري 5 وڳي اُٿڻ جي شيڊول تي لڳي پئو. وڌ ۾ وڌ هفتي اندر 5 کان 9 جو شيڊول اوهان جو لائف اسٽائل ٿي پوندو. گڏوگڏ ڪم جو اُڪلاءُ به ٿيندو ۽ هر روز جو ڪم ڪرڻ سان ڪم جمع به نه ٿيندو ۽ دماغ به فريش رهندو.

## پاڻ سان ۽ ڪم سان عشق ڪيو

انسان جي سوچ جي سموري کهاڻي پنهنجي وجود کي عزت ۽ مان ڏيندي ڪم سان عشق جو داستان آهي جنهن ۾ سوين در ۽ ڳُڙڪيون آهن جن ۾ پنهنجي ڪم ۾ ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڪمال حاصل ڪري سگهجي ٿو. غير ذميواري ۽ من موجيءَ واري ڪرت ڪارڻ اسين سوپارا ناهيون ٿيندا. ان عادت کي ختم ڪندي ڪم کي عشق جي انداز ۾ ڪجي ته نه رڳو پاڻ پر جڳ کي سوپارو ۽ خوش رکي سگهو ٿا.

## اسمارٽ ايجوڪيشن ٽولز اينڊ اسڪلز استعمال ڪيو!

جڏهن به آن لائن تعليم، تربيت ۽ هنر جي ڳالهه نڪرندي آهي ته نوجوانن لاءِ رابطي جي سرچ انجڻ گوگل (Google) وري مٿان يوٽيوب تي موجود ايجوڪيشن ايپس ۽ ويب سائيٽس هر نوجوان لاءِ اوپن فورم آهي. هاڻ اِهو اوهان تي ڇڏيل آهي ته اوهين سوشل ميڊيا کي ڪيئن علمي فورم ڪري سگهو ٿا. ان ڏس ۾ اوهان وٽ الادين جو ڏيئو اسمارٽ موبائل آهي. يوٽيوب، ٽيوٽر اوهان کي ٽيڪنيشن ڪرڻ جون سڀئي خاصيتون رکي ٿو. مثال طور انگريزي، سنڌي، اردو، پشتو، پنجابي سميت دنيا جي هر ٻوليءَ کي سکڻ پهريان کان وڌيڪ سولو آهي پر ان لاءِ ساهي منجهاٺي پوندي ۽ جڏهن پڙهڻ لکڻ اوهان جي عادت ۽ عشق ٿي ويو ته پوءِ يقين ڄاڻو ته اوهان کي ڪير به اڳتي وڌڻ کان روڪي نٿو سگهي. اوهان جي ڪاميابي ٻين جي به ڪاميابي آهي ۽ ان سوچ لاءِ اوهان ۾ سرواڻ واري اِها خوبي پيدا ڪرڻي پوندي ته اهي وک اڳتي وڌائي ليڊرشپ جو ڪردار ادا ڪندي گڏيل سهڪار سان پاڻ کي ۽ ملڪ کي سنواريندا آهن.

## سنڌ ايجوڪيشنل فورس جوڙيو

سنڌ قدرت جي انيڪ نعمتن سان مالا مال آهي، جنهن ڏيهه واسين کي ڏسي انگريز سنڌ کي ڏکويل ماٿري سڏيو پر انگريز کي به اها ڳل ڪانهي ته مهين جي دڙي جا واسي سنڌ سڀيتا جا اُهي پڙهيل ڳڙهيل لوڪ هئا جن لاءِ علم، هنر ۽ واپار ئي انسانيت رهي. جديد اڏاوتي انداز ۾ پڪين ڳاڙهين سرن سان نهيل گهر، سيوريج سسٽم ۽ اتان لڌل سڪا ۽ مورتيون، اِها ساک ٿيون ڏين ته سنڌ، قديم مصر، ميسوپوٽيميا، فارس، لاطيني آمريڪا جي اڳوڻي سڀيتا يوڪتان ۽ سمونڊ جي تري ۾ گم ٿي ويل ايٽلانٽس تهذيب تائين سڀني تهذيبن وچ ۾ اناج ۽ اٽي لٽي جا وکر مليا آهن، جنهن ۾ ويدن جي ڌرتي سنڌ درياهه ڪناري اُسرندڙ سڀيتا هڙپا - موهن جو دڙو – مهر ڳڙهه منجهان هڪ هٿيار، ڪو تير ناهي لڌو ويو، جنهن ڪارڻ سنتن صوفين ۽ دانشورن جي هن تهذيب سنڌ ماٿري (Indus Valley) کي دنيا جي واحد پُرامن تهذيب ڪري ڄاڻايو ويو. اسين ڌرتيءَ جي هن گولي تي 10 هزار سالن کان آباد رهيا آهن سو اسان کي 1000 سالن جي راتين کي ٻيهر اُجاري هر شعبي ۾ سنڌ ايجوڪيشنل فورس ٺاهڻي پوندي. تنهن لاءِ اوهين چاهيو يا ڪو ٻيو چاهي. وک وڌائڻي سنڌ جي نوجوانن کي آهي. ان لاءِ هر هڪ سنڌيءَ کي پنهنجو قومي فرض گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻار، جوان يا پوڙهي کي پڙهائڻ، اختيار ڪرڻو پوندو. اڄوڪي دور جي آءِ ٽي انقلاب کي سمجهڻو پوندو. معياري تعليم جو جائزو وٺڻو پوندو. سنڌ سرڪار جي نوجوانن جي تعليم ۽ سکيا لاءِ ورتل ڪوشش مان لاڀ پرائڻو پوندو. پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي ڪروڙين سنڌي هڪ مُٺ ٿي رڳو رپيو رپيو به گڏ ڪن ته ڪروڙين رپيا جمع ٿي پون. اسين سنڌي دل جا سخي به آهيون. اهڙي سخاوت پ پ پ جي سنڌ سرڪار به تعليم، صحت ۽ روزگار ۾ ڏيکاري آهي ته پوءِ اسان کي هر حال ۾ پاڻ جديد تعليمي تقاضائن سان ڳنڍي سنڌ جي سينڌ سنوارڻي پوندي.

# مستقبل ۾ تبديل ٿيندڙ بزنس ايجوڪيشن

قربان حسين

سڄي دنيا جي بزنس اسڪولن ۾ اڄڪلهه ان ڳالهه تي بحث ۽ مٿاڪٽ تي رهي آهي تہ ڪاروبار جي شڪل ڪهڙي بيهندي؟ ٿلهي ليکي ان سوال جو جواب گهرجي تہ سولو جواب آن لائن واپار آهي. آن لائن شاپنگ، هوم ڊليوري سڀ کان سولي آهي. ايترو ئي نہ پر هاڻ تہ ايزي پئسا جهڙين ڪيترين ايپس اڳواٽ ڏوڪڙن جي وصوليءَ کي ممڪن ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ سڀ کان مُک ڪردار فيس بُڪ، ٽوئيٽر، يوٽيوب، انسٽاگرام، لنڪڊاِن جهڙن سوشل ميڊيا پليٽ فارمز ادا ڪيو آهي.

ان ڏس ۾ بزنس اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن، تحقيق ۽ شاگردن شاگردياڻين جي تجربي کي سامهون رکندي بحث، منصوبابندي ۽ امڪانن جو جائزو ورتو پيو وڃي. تيزيءَ سان بدلجندڙ دنيا ۾ اسٽوڊنٽس ۽ جاب مارڪيٽ کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي ۽ مستقبل ۾ ڇا گهربل هوندو؟ ان تي نظر ۽ ڌيان رکڻ ۽ ان جي تياري ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هائر ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان ملڪ ۾ معياري بزنس ايجوڪيشن لاءِ پتوڙي رهيو آهي. هن اداري جو هڪ مينڊيٽ هي بہ آهي تہ هُو ملڪ ۾ معياري بزنس ايجوڪيشن کي هٿي وٺرائي- ان ڏس ۾ ايڇ اي سي، نيشنل بزنس ايجوڪيشن ايڪريڊيشن ڪائونسل قائم ڪئي آهي، جيڪا ملڪ ۾ معياري بزنس ايجوڪيشن جي واڌ لاءِ جاکوڙي رهي آهي. هن وقت پاڪستان ۾ بزنس جي تعليم ڏيندڙ ادارن جو انگ اٽڪل 200 آهي، جتي BBA ۽ MBA جي تعليم ڏني ويندي آهي. HEC جي نئين مقرر ڪيل معيار موجب BBA جي ڊگريءَ جي مدت 2 سال جڏهن تہ سڌو سنئون MBA جي ڊگري اڍائي ورهين ۽ ساڍن ٽن ورهين جي هوندي آهي.

مفاصلاتي بزنس ايجوڪيشن

تعليمي ترقي ڪنهن بہ ملڪ جي سماجي، سياسي، معاشي ترقيءَ ۽ واڌ ويجهہ لاءِ انتهائي ضروري هوندي آهي، جنهن ملڪ جا



نوجوان ذهني ۽ جسماني طور هنر ۽ ڄاڻ جا چاهڪ هوندا آهن تن لاءِ خوشحاليءَ جا در کُلندا آهن- هنر، ڄاڻ ۽ مهارت اڄوڪي ڊجيٽل دنيا جي اهڙي حقيقت آهي جنهن کي ڪنهن به ريت نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. دنيا سان معاشي ۽ صنعتي ميدان ۾ ڪُلهو ڪُلهي سان ملائڻ لاءِ اسان کي بزنس ايجوڪيشن کپي. چو ته هاڻ کپت ۽ طلب جو سرشتو منتجي چُڪو آهي. هاڻي واپار ڪرڻ به ڳُڏي ڳُڏيءَ جي راند نه رهي آهي، ڪک ڪان لک تائين جو حساب ڪتاب آڊٽيڊ کپي. نه ته عالمي واپار جو لائسنس نه ملندو. ايئن سمجهو رڳو دڪاندار نه پر انڪم ٽيڪس آڊيٽر ۽ اڪائونٽنٽ به ٿيڻو پوندو، جنهن لاءِ اسان وٽ رسيد ۽ ڪاتو اڄ به هلي ٿو پر هاڻي خالي اسان وانگر قلم هلائي لکڻ سان ڪجهه نه ورندو، ڪمپيوٽر تي ڪاتو ٺاهڻو ۽ رڪارڊ مين ٽين ڪرڻو پوندو، جنهن لاءِ اڄ جو ڪم اڄ اُڪلائڻ کي لائيف اسٽائيل ڪرڻو پوندو ۽ پاڪستان جهڙي ترقي پذير معيشت ۾ ايندڙ ڪيترن ورهين تائين اسان کي بزنس گريجوئيٽس جي خدمتن جي ضرورت به پوندي، انهيءَ ضرورت کي نظر ۾ رکندي پاڪستان ۾ ورچوئل ايجوڪيشن جي سڀ کان وڏي ۽ مانواري اداري علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ بزنس ايجوڪيشن لاءِ خصوصي ڊگري پروگرام شروع ڪيو آهي، هي پروگرام ڪاروباري شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ خاص طور تيار ڪيو ويو آهي. يونيورسٽي فيڪلٽي جو چوڻ آهي ته هن پروگرام سان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي واپاري معاملن بابت پنهنجي سگهه ۽ قابليت کي وڌائڻ جو موقعو ملندو. خاص طور اُهي نوجوان جيڪي مصروفيت ڪارڻ يونيورسٽي نٿا وڃي سگهن اُهي مفاصلاتي تعليمي نظام مان لاڀ حاصل ڪري سگهندا چو ته ڪين يونيورسٽي وڃڻ جي ضرورت ئي نه پوندي- هُو پنهنجي موبائل، ٽيبليٽ، ليپ ٽاپ، ڊيسڪ ٽاپ تي به بزنس ٽپس هلندي ڦرندي ٻڌي، هينئن ۾ هنڊائي سگهي عمل ڪري سگهن ٿا. هن پروگرام لاءِ نصابي ڪتاب ۽ مواد بين الاقوامي معيار موجب تيار ڪيو ويو آهي.

پاڪستان ۾ IBA ڪراچي ۽ سکر سميت ڪيترائي تعليمي ادارا نه رڳو جاب اورنٽيڊ ڪورسز ڪرائڻ ٿا پر انٽرن شپ وسيلي ڪاروباري دنيا کي پنهنجين اکين سان ڏسي عملي تجربو پڻ حاصل ڪندا آهن ته ڪيئن واپار ۾ لهه وچڙ ۾ اچجي ٿو. لاڳاپيل شعبي جي تربيت ۽ مهارت IBA بزنس ڪورسز جو مرڪزي نُڪتو آهي پر هن ٽيڪنالوجي تي ٻڌل دنيا ۾، جتي نينو ٽيڪنالوجي هر گذرندڙ ڏينهن شين کي ننڍي کان ننڍي ڪرڻ ۽ هينڊي يوز لاءِ پتوڙي رهي آهي، اُتي گريفائن جهڙي لوهه جي ڌاتوءَ کان مضبوط مواد موبائل مارڪيٽ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. ڊرون موبائل به موجود آهي ۽ آٽو ري چارجنگ بيٽري جو پروٽو ٽائپ به ٺهي چڪو آهي، ان ريت مستقبل جي دنيا ۾ ڪاروبار گهڻي ڀاڱي آن لائن ٿي ويندو. آن لائن شاپنگ، فري لانس، ٽيلي هيلٿ ۽ ڊجيٽل ايجوڪيشن هينئر حقيقت جي روپ ۾ اسان جي هٿن ۾ موبائل، ٽيب، ليپ ٽاپ جي صورت ۾ موجود آهن. هاڻ اِهو اسان تي ڇڏيل آهي ته ترقي يافته، تعليم يافته تهذيب يافته قوم ٿي رهون ٿا يا هڪ ٻئي پُٺيان پوندي زندگيءَ جي قيمتي دولت کي هٿان وڃايو ٿا. تنهن ڪري بزنس ايجوڪيشن کي پڻ بدلجندڙ حالتن جي تقاضن کي نظر ۾ رکندي نصاب ۽ تدريس جي شعبي ۾ اُهي تبديليون آڻيون پونديون جيڪي جديد دور جي تقاضائن ۽ گهرجن تي ٺهڪي اچن. ان ڏس ۾ ڪيترائي اپاءَ وٺي سگهجن ٿا جيڪي پاڪستان ۽ سنڌ ۾ بزنس ايجوڪيشن کي وڌيڪ ڪاراتو ۽ اثرائتو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

### ٽيڪنالوجيءَ جو استعمال

جديد دور ۾ بزنس ۽ ٽيڪنالوجي هڪ ٻئي جو لازمي جُزو ٿي ويا آهن. ٻنهي وچ ۾ وڌندڙ تعلق ڪارڻ شاگردن کي انڊسٽريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ بهترين پروگرامز جي استعمال جي ٽريننگ ڏيڻ گهرجي. گهڻي ڀاڱي يونيورسٽين ۾ اوريڪل، سيپ، ايڪسل، مائيڪرو سافٽ پروجيڪٽ، ريٽيل پرو، ماءِ ايس ڪيو ايل، گوگل ايڊورڊز ۽ فوٽو شاپ ته سيکاريا ويندا آهن پر گهڻي ڀاڱي اها ابتدائي سطح جي ٽريننگ هوندي آهي ان جي سيڪنڊري ۽ ايڊوانس ليول تي سکيا ئي نه ڏني ويندي آهي ان جي ڀيٽ ۾ دنيا هاڻي انٽرنيٽ آف ايوري ٿنگ ۽ بلاڪ چين ٽيڪنالوجي جي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي. ڪرپٽو ڪرنسيءَ جي لاهن چاڙهن بابت ماهر سافٽ ويئرز گهر ويٺي منفرد بزنس ايپليڪيشنز وسيلي تيزيءَ سان سليڪون ويليءَ سان سلهاڙجي دنيا ۾ ڪاروبار جا وجهه ڳولهين ٿا. سائبر سيڪيورٽي، ڊيٽا سائنس، ڪسٽمائيزيشن سميت بزنس اسڪول ايجوڪيشن ۾ اُهي سڀ سُڌارا آڻڻا پوندا جيڪي ڪاروبار کي ريئل ۽ ورچوئل هيڪرز کان بچائي سگهن ٿا.

### نيٽ ورڪنگ انتهائي اهم

يقيني طور ڊجيٽل بينڪنگ جي هن دور ۾ نيٽ ورڪنگ جي اهميت کان هر ڪو چڱيءَ ريت واقف آهي پر جڏهن ڳالهه بزنس گريجوئيٽ جي ايندي آهي ته نيٽ ورڪنگ جي اهميت اڃا به وڌي ويندي آهي چو ته آن لائن دنيا ۾ نيٽ ورڪ جو فيل هئڻ،

آن لائن رابطو ختم ٿيڻ ڪنهن به ڪاروباري ناهه لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪنهن به بزنس گريجوئيٽس لاءِ سڀ کان اهم اثاثو سندس نيٽ ورڪ هوندو آهي. بزنس گريجوئيٽس جو انتهائي گهڻ انگ اِهو هجي ٿو ته فيس بڪ، ٽوئيٽر، لنڪڊ اِن لائيا تا سوشل پليٽ فارمز آهن. تازو ڪجهه ورهين ۾ Linked In وسيلي "نوڪرين جي ڀرتين" (Job Recruitments) ۾ واڌارو آيو آهي. هاڻي اهي دور لڏي ويا جڏهن ڪارپوريشنز جا ايڇ آر مئنيجر مائيڪرو سافٽ ورڊ يا پي ڊي ايف فارميٽ ۾ تيار ڪيل سوين CVs مان اميدوارن جي چونڊ ڪندا هئا. اڄڪلهه ڪارپوريشنز ۾ ريڪروٽمنٽ اسپيشلسٽس ڀرتي ڪيا ويندا آهن جيڪي لنڪڊ اِن وسيلي صحيح ماڻهن کي ترت ۽ وڌيڪ اثرائتي انداز سان ڳولهي وٺندا آهن.

ڳالهه ٻولهه جي صلاحيت کي بهتر ڪرڻو پوندو!

عام تاثر اهو آهي ته بزنس گريجوئيٽس ۽ ٻين شعبن جي گريجوئيٽس ۾ بنيادي فرق ڳالهه ٻولهه جو هوندو آهي. بزنس گريجوئيٽس ۾ ڪميونيڪيشن اسڪلز ٻين گريجوئيٽس جي مقابلي ۾ وڌيڪ بهتر هونديون آهن جيڪي توهان ڳالهين جا ڳهير ماڻهو ڏنا ڀسيا هوندا اُهي گهڻي ڀاڱي واپاري ڏنا هوندا، جيڪي منن ٻولن سان توهان کي ڪا به شيءِ وڪرو ڪرڻ ۾ سوپارا ٿي ويندا آهن جيڪي اِها ڳالهه اوهان تي ٺهڪي اچي ٿي ته پوءِ اوهانکي سنو پبلڪ اسپيڪر هئڻ گهرجي پريزينٽيشن ڏيڻ پبلڪ اسپيڪنگ جو رڳو هڪ حصو آهي. سمپوزيمز ۾ تقرير ڪرڻ ٻئي ڳالهه آهي ۽ ڪنهن بزنس ڊيلنگ کي سهڻي گفتي سان انجام تي رسائڻ بنهه ڌار شيءِ آهي. اسان جي بزنس اسڪولن کي گهرجي ته هو TEDx طرز تي ايونٽس جو انعقاد ڪن جتي شاگردن، شاگردياڻين کي پنهنجي نوَن آئيڊياز جي اظهار جو موقعو ڏنو وڃي.

ڪيس اسٽڊيز جي لوڪلائيزيشن

جڏهن اسان ڪيس اسٽڊيز جي ڳالهه ڪندي ڪاروباري ماڻهن جي سڦلتا جا راز ۽ ڳُجهه حاصل ڪرڻ چاهيندا آهيون ته اسان جا وڏيڪ رول ماڊل اسٽيو جابس، بل گيٽس، مارڪ زڪربرگ ۽ هنري فورڊ وغيره هوندا آهن، جن جي واپاري سوچ جا مثال ڏيندي ڪپڙن ۾ ناهيون ماپندا. پاڻ کي عالمي تصور ڪرڻ لڳندا آهيون پر جڏهن ڳالهه پنهنجي ديس پاڪستان ۽ سنڌ جي ڪامياب واپارين جي حڪمت عمليءَ جي اچي ته پوءِ اسان جو نصاب چُپ ڀڪوڙي ويهي ٿو رهي ۽ ان کي مقامي ڏيهي علائقائي چئي ڌتاري ٿو. اسان کي اها روش ختم ڪري ڪيس اسٽڊيز ۾ مقاميت (Localization) کي به اهميت ڏيڻي پوندي ته ڪيئن نه پاڪستان جهڙي ڏکئي ملڪ ۾، جتي ٽيڪس نيٽ ورڪ مضبوط ناهي، رکت مارڪيٽ زباني ۽ چنين ڪاٺن تي هلي ٿي ۽ معيشت جا ماهر غير دستاويزي معيشت جو ماتم ڪندا آهن. اهڙي غير ڪاروباري طبقاتي برادري لساني مذهبي سياسي ماحول ۾ ڪيئن پاڪستان جي سطح تي وڏا واپاري اُڀريا. اِهو ڪڏهن به پڙهايو نٿو وڃي.

پاڪستان ۽ سنڌ جي ڳالهه ڪجي ته اسان اسٽيٽ ۽ بلڊرز جي شعبي ۾ بحريا ٽائون ماڊل جي رياض ملڪ، فلاح بهبود جي شعبي ۾ ايڌي فائونڊيشن جي عبدالستار ايڌي، نشاط گروپ جي ميان منشا، اسٽاڪ مارڪيٽ گرد عارف حبيب، نيٽسول ٽيڪنالوجيز جي روح روان سليم غوريءَ جي ڪاروباري سفر بابت به پڙهائي سگهون ٿا.

## انٽر پرينيوئر شپ

اسانکي پنهنجي گريجوئيٽس کي بزنس اسٽارٽ اپ جي اهميت کان متعارف ڪرائڻ گهرجي. خاص طور تي ويمن اسٽارٽ اپس لاءِ ورتل ڪوششن جي واکاڻ ڪرڻ گهرجي ته ڪيئن سنڌ سرڪار يورپي يونين ۽ يو اين ويمن جي سهڪار سان سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ عورتن کي هنري سکيا ڏئي عورتن کي خودمختيار ۽ پاڻپرو ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا آهن. اسان جي بزنس گريجوئيٽس کي نوڪريون ڏيڻ وارو هئڻ گهرجي نڪي نوڪريون ڳولهڻ وارو. ڪيس ليڊرشپ رول ادا ڪندي اُبوجهن ۽ پنتي پيلن جي سهائتا ڪندي ڪين آن لائن هنر سان سلهاڙڻ گهرجي. اسانجي ڪجهه بزنس اسڪولز ۾ انڪيوبيٽن سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. ان ڏس ۾ پهريان تڙان ڪيوبيشن سينٽرز جي چار کي ڦهلايو وڃي ۽ ٻيو اهو ته اسان جا بزنس اسڪولز اِن ڪيوبيشن سينٽرز هڪ وِک اڳتي وڌائيندي اهڙو ماحول قائم ڪن جو بزنس اسڪول ئي انڪيوبيٽر ٿي وڃي جتي شاگرد گروپس جي شڪل ۾ پنهنجا بزنس آئيڊياز بحث هيٺ آڻن ۽ انهن آئيڊياز کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پنهنجي يونيورسٽيز سان سلهاڙيل سيڙپ ڪارن کان سرمائيڪاري حاصل ڪن.

## سنڌ ڊجيٽل انٽر پرينيوئرز

سنڌ جي ڪاروباري نوجوانن کي اهڙو سنڌ ڊجيٽل انٽر پرينيوئرز سوشل پليٽ فارم گروپ جوڙڻ گهرجي جنهن وسيلي هُو سنڌ هند ۽ دنيا جهان ۾ وسندڙ ڪاروباري سنڌين سان ملي ڪري سنڌ کي خوشحال ڪرڻ لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪن ۽ پاڪستان، سنڌ ۽ پنهنجو وقار وڌائڻ لاءِ سرواٽيءَ جو ڪردار ادا ڪن.

## سنڌ ۽ پاڪستان ۾
# ميڊيڪل ايجوڪيشن جو لاڙو ۽ ڪيريئر

فرح ناز

دنيا جي سڀني ملڪن ۾ ميڊيڪل جو شعبو انتهائي گهربل ۽ مان ڀريو پروفيشن آهي. جيڪڏهن اسين سنڌ حڪومت جي ڳالهه ڪيون ته ٿلهي ليکي صحت جي شعبي ۾ دل جي علاج، گردي جي صفائي، آپريشن، ڪينسر ڪيئر سينٽر جي ڊسائن ۾ سٺيون پريا قدم ڏريا آهن. جيڪڏهن اسين ميڊيڪل سائنس ايجوڪيشن جي دائري کي وسيع ڪندي پاڪستان جي ڳالهه ڪيون ته ملڪ ۾ ميڊيڪل ادارن جي طئي ٿيل اعليٰ ميرٽ ڪارڻ هن شعبي ۾ گهڻو مقابلو آهي. داخلا ملي وڃڻ ڪانپوءِ زندگيءَ جو هڪ نئون سفر شروع ٿي وڃي ٿو. هن پيشي جي سونهن اِها آهي جو نوڪري سولائيءَ سان ملي وڃي ٿي، اهوئي سبب آهي جو اوهين ميڊيڪل اسٽوڊنٽس کي ڪتابن جي بوجهه ڪارڻ ڊبيل گهيريل نه ڏٺو هوندو. اوهين جيترا سٺا ڊاڪٽر، فزيشن ۽ اسپيشلسٽ هوندا اوترا ئي مالي فائدا حاصل ڪري سگهو ٿا.

### تعليم ۽ تربيت

MBBS ۽ BDS (بيچلر آف ڊينٽل سرجري) به عام طبي تعليم جون ڊگريون آهن جيڪي پاڪستان ۾ مهيا ڪيون وينديون آهن ۽ انهن جي ئي سڄي ملڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ گهرج آهي. ايم بي بي ايس پنجن ورهين جو ڊگري پروگرام آهي جنهن کي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ شاگرد ڊاڪٽر ۽ معالج ٿي ويندو آهي. BDS چئن ورهين جو ڊگري پروگرام آهي جنهن جي پڄاڻيءَ تي اوهين ڏند ساز ٿي وڃو ٿا. ميڊيڪل تعليم جا هي اُهي ٻه شعبا آهن جن ۾ سنڌ ۽ پاڪستان هڪ حد تائين سوڀارا آهن. هر گذرندڙ ڏينهن سان گڏ ڊاڪٽرن جي گنجائش ۽ طلب تمام گهڻي وڌي رهي آهي. سڄي ملڪ ۾ سندن خدمتون گهربل آهن. MBBS ڊگريءَ کان پوءِ FCPRS ۽ ٻيا خصوصي ڪورس به ڪري سگهجن ٿا. شاگرد هڪ ڀيرو جڏهن انساني جسم جي ڪنهن به عُضوي يا حصي تي مهارت حاصل ڪري وٺندا آهن ته پوءِ سندن لاءِ پريڪٽس ڪرڻ سولي ٿي ويندي آهي. BDS ۽ MBBS گريجويٽ نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا ۾ انتهائي احترام جوڳا مڃيا ويندا آهن. پاڪستان ۾ ڊاڪٽرن کي مسيحا سمجهيو ويندو آهي، جيڪڏهن اوهين سماج ۾ عزت ۽ تڪريم حاصل ڪرڻ ۽ معاشي طور خوشحال حياتي گهارڻ چاهيو ٿا ته هي پروفيشن بهترين چونڊ آهي.

### Fsc پري ميڊيڪل

پاڪستاني شاگرد ايف ايس سي پري ميڊيڪل ڪري طب ۽ صحت جي دنيا ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. ٻن ورهين جي پڙهائي دوران شاگرد حياتيات، طبعيات ۽ ڪيميا بطور لازمي مضمون ڪٽندي پاڻ کي طبي ذهن لاءِ تيار ڪندا آهن. هيءُ اهو مرحلو آهي جنهن ۾ اوهان کي پنهنجي صلاحيتن بابت اندازو لڳائڻ ۽ ڪنهن فيصلائتي نتيجي تي





پهچڻ جو ته ڪهڙي شعبي، مضمون ۽ علم ۾ توهان جي دلچسپي آهي ۽ ڪهڙي شعبي جي چونڊ سني رهندي. ايف ايس سي پري ميڊيڪل ڪانپوءِ اوهين ڪوڙ سارا طبي مضمون چونڊي سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان جي چونڊ صحيح هوندي جنهن ۾ دلچسپيءَ ڪارڻ ڌيان ۽ ذهن به اُن ڏانهن مائل ٿيندو ته اوهين سولائيءَ سان اڳتي وڌي سگهو ٿا ۽ مستقبل ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪري سگهو ٿا.

**اهم ترين طبي مضمون:**

انٽر ميڊيٽ ۾ ڪيريئر بلڊنگ جي حوالي سان ساڃاهه وند صلاح جي ضرورت پوي ٿي. ان لاءِ سڀ کان قيمتي مشورو هيءُ آهي ته ايف ايس سي پري ميڊيڪل يعني 12 هين ڪلاس ڪانپوءِ ڪنهن هڪ فيلڊ جي چونڊ ڪرڻ کان اڳ اهو جاچڻ جي ڪوشش ڪيو ته اوهان جي دلچسپي ميڊيڪل جي ڪهڙي فيلڊ ۾ آهي. اوهين بيچلر آف ميڊيسن، بيچلر آف سرجري، بيچلر آف فارميسي (بي فارميسي)، ڊاڪٽر آف فارميسي (ڊي فارميسي)، ڊينٽل سرجري (BDS)، بيچلر، بي ايس سي نرسنگ، بي ايس سي فزيو ٿراپي، بي ايس سي ميڊيڪل ليبارٽري ٽيڪنالوجي، بيچلر آف فزيو ٿراپي ( (BDS، بيچلر آف هيوميو پيٿڪ ميڊيسن اينڊ سرجري (BHMS)، بي ٽيڪ (بيچلرز اِن ٽيڪنالوجي)، BEانوائرنمينٽل انجنيئرنگ، بي ايس سي (بيچلر آف سائنس)، بي ايس سي بائيو انفارميٽڪس، بي ايس سي بائيو ٽيڪنالوجي، بي ايس سي نينو ٽيڪنالوجي، بي ايس سي مائيڪرو بائيولوجي، بي ايس سي سائيڪيالوجسٽ، ويٽرنري ڊاڪٽر، بائيو جينيٽڪس، ايگريڪچرل ميڊيسن ۽ بائيو ڪيمسٽريءَ ۾ تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل کي محفوظ ۽ روشن ڪري سگهو ٿا.

**عوام ۾ هيلٿ ڪيئر جو وڌندڙ شعور:**

آمريڪا سميت سموري دنيا ۾ ميڊيڪل جي شعبي ۾ 23 سيڪڙي کان وڌيڪ اضافي نوڪرين جي آس رکي پئي وڃي. روح ريلا، روج راڙا، ٿهرن ڪوڪن جي ور چڙهيلن مريضن ۽ ڦٽلن جي ڦٽن تي پها رکڻ لاءِ اٽڪل 9 لک 74 هزار کان مٿي نوڪرين جي نئين آس آهي جا ڪڏهن به اجهامڻي ناهي. نگهداشت، علاج معالجو ۽ صحت انشورنس جي بروقت فراهمي پاڪستان سميت دنيا جي سڀني ذميوار ملڪن جو نعرو آهي. ميڊيڪل ايجوڪيشن کي ٻن ڌارائن ۾ ورهايون ته عام چونڊ جنرل فزيشن ۽ ڊينٽل سرجن آهي. گڏوگڏ اسپيشلائيزيشن تي به خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. سنڌ ۽ پاڪستان ۾ دل جي مرضن جي حوالي سان تعليم، علاج معالج ۽ ڪيئر جون ڪافي سهولتون موجود آهن. ٽيلي ميڊيسن اهو ممڪن ڪري ڇڏيو آهي ته گهر ويٺي علاج ڪرائجي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ ميل ۽ فيميل نرسنگ جو شعبو تيزيءَ سان مقبوليت حاصل ڪري رهيو آهي. سڀني اعليٰ ميڊيڪل تعليمي ادارن ۾ تدريس ۽ تحقيق سان گڏ ملڪ ۾ صحت مند لائيف اسٽائل کي رائج ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. سڄي ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جي وڌندڙ گهرج پٽاندڙ ميڊيڪل سائنس کي سٺو معاوضو حاصل ڪندڙ پروفيشن ۾ شامل رکيو آهي. سوشل ميڊيا جي موجودگيءَ ۾ پاڪستاني عوام پنهنجي صحت جو خيال رکڻ سان گڏ ميڊيڪل سائنس جي اعليٰ ڪارنامن کي سنجيدگيءَ سان ڏسندي طبي بي ضابطگين جي نشاندهي ڪرڻ ۾ پيش پيش رهندا آهن جيڪو ميڊيڪل ايجوڪيشن جي وڌندڙ لاڙي جو چٽو عڪس آهي.

# تُرڪيءَ ۾ جنت_ جهنم ۽ سنڌ ۾ بهشت جي دري

عبدالحفيظ لغاري

جنهن به شهر گهُمڻ ڦرڻ جي خيال سان وڃجي ته وڃڻ کان اڳ "اتي ڇا ڏسجي؟" واري سوال جو جواب نيٽ تان اڳ ۾ ئي وٺي ونجي ۽ ممڪن هُجي ته ان تائين آسان ۽ سستي طريقي سان پُهچڻ جي معلومات پڻ گڏ ڪجي. اهو ڪم ڏُکيو ناهي بس گوگل ۾ وڃي What to see in لکي اڳيان شهر جو نالو لکجي ته ڪافي معلومات ملي ويندي آهي.

ايئن ئي تُرڪيءَ ۾ هوندي بحرِ اسود (Black Sea)ڪناري شهر ترابزون کان عيد ملهائڻ اُتي جي هڪ دوست جي اباڻي شهر مرسن وياسين جيڪو پونچ سمنڊ (Mediterranean sea)ڪناري آباد آهي. اسان جي رهائش مرسن شهر کان اولهه طرف 60 ڪلوميٽر اڳيان هڪ آبادي "عياش" ۾ هُئي جيڪو اُتي جو مشهور بيچ آهي. اُتي 4_5 ڏينهن جو اسٽي هُيو. پهريان ٻه ڏينهن ته سمنڊ ۾ ٽُٻڪڻ جو مزو وٺندي گُذري ويا ۽ ميزبان پڻ عيد جي ڪري آيل مقامي مهمانن سان ملڻ ملائڻ ۾ مصروف رهيا پر ان کان پوءِ نيٽ تي مٿي ڏسيل طريقي سان What to see in Ayashلکي ڳولا ڪئي ته ٻين ڪافي ماڳن سان گڏ هڪ انوکي ماڳ جو ڏَس پڻ مليو جيڪو هو "جنت ۽ جهنم". ڪنهن مغالطي جو به امڪان نه هو ڇو ته عربي فارسي جي ڪافي لفظن جو ذخيرو تُرڪي ٻولي ۾ ضم ٿي ويو آهي جن مان اُهي جيڪي اسان وٽ به آهن اهي سمجهڻ صفا سولا آهن. ايئن ئي تلفظ جي فرق سان اسان جَنت چئون ته هو جِنت چون ۽ اسان جَهنم چئون ته هو وري جِهنم چون. ميزبان اونيور تولگا سان ڳالهه ڪيم ته ڏسيائين "اهو ماڳ واقعي اتي پاسي ۾ ئي آهي. صبح پنهنجي گاڏيءَ ۾ هلنداسين ڏسڻ". رات سڄي هورا ڪورا ۾ گُذري ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڌرتيءَ تي ئي جنت ۽ جهنم هُجن پر اُتان تي اچڻ کان پوءِ سڄي ماجرا سمجهه ۾ اچي وئي جيڪا ٻين سان ونڊڻ جهڙي پڻ لڳي.

اونيور سندس گهرواري ۽ پنهنجي ٻارن سان اسان پوئنچ سمنڊ ڪناري هلندڙ روڊ تي اولهه ۾ ڪو ٽي چار ڪلوميٽر مس هلياسون ته دُنيا سڄي جيان هتي به تفريحي يا تاريخي ماڳن جو بورڊ ناسي رنگ جو ڏسڻ ۾ آيو جنهن تي Cennet_Cehennem لکيل





هو. ٽُرڪي ٻوليءَ ۾ Cجو استعمال ج يا انگريزي اکر Jجي اُچار لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اهو شايد ان ڪري ته هنن جڏهن عربڪ ڇڏي رومن لپي اختيار ڪئي ته ا، ب، ج لاءِ ترتيبوار A, B, Cاکر ڪتب آندا ۽ ايئن C هميشه لاءِ وٽن Jٿي ويو. اسان مين روڊ ڇڏي ساڄي پاسي مُڙياسيون. ٿوري ئي پنڌ تي اهو ماڳ هو جتي جولاءِ جي لڳ ساڙيندڙ گرمي باوجود سياحن جو وڏو انگ موجود هو جنهن ۾ ٽُرڪيءَ جي ٻين شهرن کان آيل مقامي ماڻهن سان گڏ اسان پارن ڏارين جو پڻ وڏو انگ هو. اهو ماڳ ڏسڻ جو پڻ ٽڪيٽ هو ۽ سياحت کاتي پاران اُتي جوڳا انتظام ڪيل هُئا. جيئن ته اسان جي ميزبان اونيور تولگا جو اهو ماڳ اڳي ڏٺل هو پر اسان جو تجسس خراب ڪرڻ خاطر ڪُجهه به نه پئي ٻُڌايائين. بس اهو چيائين ته ڪائي پي هلو. پاڻي ساڻ کڻو ۽ ٻارن کي به گهڻو رستو ڪچ تي ڪٽي هلڻو پوندؤ. اُن لاءِ به ذهني طور تيار رهو. هڪ عجيب تصور ته ٽڪيٽ وٺي دُنيا ۾ ئي جنت ۽ جهنم جو نظارو ڪرڻ پيا وڃون. جنت ۽ جهنم جو ٽڪيٽ ڪائونٽر هڪ ئي هو پر اها اوهان جي مرضي آهي ته پهريان جنت ڏسو يا جهنم. ٻين جيان اسان به پهريان جنت ڏسڻ جو شوق ڪيو ۽ ٽڪيٽ چيڪ ڪرائي اندر داخل ٿياسين ته ايئن لڳو هي جيڪو وڏو جبل آهي اهو ڪيئي ايڪڙ جي ايراضيءَ ۾ بيضي جي شڪل ۾ ڪوريل آهي ۽ هڪ گهري کاهي آهي. جڻ ته هنداڻي کي ڪنهن نا هموار بيضوي شڪل ۾ چتي هنئي هُجي. اسان کي وڏي احتياط سان هيٺ لهڻو هو. ڪٿي ڪٿي مصنوعي سِرن يا سيمنٽ سان نهيل ڏاڪا هُئا ته ڪٿي وري جبل جي ٽَڪري تراشي ان کي ڏاڪو ڪيو ويو هو. جهنگلي وڻ ٽڻ هُئا پر جيئن جيئن هيٺ لهندا وياسين ٻوسٽ وڌندي پئي وئي. ٿَڪاوٽ پڻ وڌي ٿي. بظاهر ٿورڙو پر ور وڪڙن وارو اهو اٽانگو پنڌ ڪري مس مس ان کَڏ جي تهَ تي پُهتاسين جڪو هڪ بي ترتيب ميدان هو. جهنگلي وڻ ۽ پٿرن سبب هلڻ مُشڪل هُجي. ساهيون کائيندا ٻين جي ڪڍ هلندا رهياسين اهو سمجهي ته جنهن کي هتي جنت چون ٿا اُها ايڏانهن ئي آهي. آخرڪار سهڪي سهڪي وڃي جڏهن ويجها پُهتاسين ته اُتي هڪ پراڻي زماني جي تعمير ٿيل هڪ ڪمري جيڏي زبون عمارت نظر آئي جنهن لاءِ چون پيا ته اها هڪ قديم عبادتگاهه هُئي. طرزِ تعمير مان لڳو ته اها عيسائين جي عبادت گاهه ٿي سگهي پئي. اڳيان قبر جي ڳُجهه جيان غار هُئي. اسان پگهر ۾ شل هُجون. غار ۾ لهڻ جي همت ئي نه پئي ٿي پر اونيور تولگا چيو

”اهو ئي ته مزو آهي. هاڻي اوهان جڏهن غار ۾ داخل ٿيندا ته لڳندؤ ته ڪنهن ايئر ڪنڊيشنڊ سان ٺِل ٿيل ڪمري ۾ داخل ٿيا آهيو“. ۽ پوءِ واقعي ايئن ئي ٿيو. اسان جو غار ۾ داخل ٿيڻ ۽ لڳن کي ٺارينڌڙ ٿڌي هوا جو استقبال. هڪ پل لاءِ ايئن لڳو ته سچ پچ جنت ۾ اچي ويا آهيون ۽ هي جيڪا پويان مشقت جهڙي واڪ ڪندا هتي پُهتا آهيون ان جا سپ ٿَڪ لهي ويا. اندر انڌيري کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سياحت کاتي پاران بلب لڳايا ويا هُئا پر انهن جي روشني بس ايتري رکي وئي هُئي جو قدرتي ڏيک به متاثر نه ٿئي ۽ ماڻهو هلندي ٿاٻڙجي ڪِري نه پئي. غار ڪافي گهري ۽ ڊگهي هُئي ۽ ان جي اوچائي پڻ تمام گهڻي هُئي. ڪافي دير ان ٿَڌ جو مزو وٺي جڏهن واپس ٻاهر آياسين ته اُها ئي گرمي هُئي. عجب مشاهدو هو ته ٻه قدم ٻاهر سخت گرمي ۽ ٻه قدم اندر غار ۾ قدرتي طور ايڏي ٿڌ هُجي.

غار کان واپس اچي جهنم جو ٽڪيٽ ان جي داروغي (ٽڪيٽ چيڪر) کي ڏيئي اڳتي هلياسين ته چند قدمن تي ئي ساڄي جبل ۾ هڪ گهرو نا هموار گول کوهه نظر آيو. ان جي گهرائي ايڏي ته گهڻي هُئي جو هيٺ

ڏسي چڱي ڀلي جو متو چڪرائجي وڃي. گهرائي جو ڪو بيو اندازو ته نه پئي ٿيو پر پاڻيءَ جي ڀريل بوتل هيٺ اُڇلي ته ڪا دير اها بوتل هيٺ وينديءِ پئي ڏسڻ ۾ آئي ۽ جڏهن هيٺ ڪري ته ان جو آواز به مس مس ٻُڌڻ ۾ آيو ڏسڻ ۾ ته بلڪل به نه پئي آئي. توڙي جو ان ۾ جهنم واري باهه نه هُئي پر ان جي گهرائي جي هيبت جهنم جو تصور ضرور ڏنو ٿي. اونيور تولگا پُڇيو

”سمجهيئي ته هن ماڳ کي اهو نالو ڇو ڏنو ويو آهي؟“

چيم ”ها! ڇو ته هو ٿڌي غار آهي جنهن کي جنت چون ۽ هي گهري گول کوهه جهڙي کاهي آهي تنهنڪري جهنم چون. آهن به هِڪٻئي کي ويجهيون“

”نه. اها به هڪ وجهه آهي پر اصل راز بيو آهي. اُهو اهو ته تو نوٽ ڪيو ته جنت نالي ان غار تائين پُهچڻ جو رستو ڪيڏو اٽانگو ۽ ٿڪائيندڙ هو پر هڪ دفعو اهو طئي ڪرڻ سان ڪيڏي نه راحت واري جاءِ ملي. هڪ پل ۾ سڀ ٿڪ لهي ويا. پر هن کوهه تائين اچڻ ۾ اسان کي ڪا به مشقت نه ڪرڻي پئي. ڪلندا ڪڏندا اچي پُهتاسين پر هتي آهي ڳُجهه به ڪونه. اهوئي سبب آهي جو هنن ماڳن کي اهو نالو ڏنو ويو آهي“. جتي انهي دل کي لڳندڙ لاجڪ مزو ڏنو اُتي اهو ٻُڌي پڻ حيرت ٿي ته اهو تصور هڪ غير مُسلم سياح ڏنو جڏهن هو گهُمڻ سانگي هتي اچي نڪتو ۽ اهي ماڳ ڏٺائين ته چوڻ لڳو هي ته هو بهو جنت ۽ جهنم جو مثال آهن ۽ پوءِ جڏهن سياحن هتي اچڻ شروع ڪيو ته سياحت کاتي مناسب انتظام جوڙي مُلڪي ناڻي جي واڌارو ڪمائي جو هڪ ذريعو وڌائي ورتو. ان بابت وڌيڪ ڏسڻو هُجي ته يو ٽيوب تي Cennet _ Cehennem لکي ڳولهو ته وڊيوز ملي وينديون.

ان ٽوئر بابت لکڻ جو ارادو تڏهن ٿيو پر تازو سنڌ جي يگاني محقق، ليکڪ ۽ آرڪيالاجيءَ ۾ دلچسپي رکندڙ اديب بدر ابڙي جو ڪتاب سنڌوءَ جو سفر پڙهيم ته حيرت ٿي ته اهڙا ماڳ سنڌو ماتري تي پڻ آهن. سنڌوءَ جو سفر ڪتاب ان سفر تي لکيل آهي جيڪو ثقافت کاتي جي سهڪار سان مختلف کاتن جي ماڻهن جي هڪ ٽيم ڪيو جن ۾ انور پيرزادو، بدر ابڙو، ڪليم لاشاري، اشتياق انصاري، انتخاب شاهه، محمد علي قادري ۽ ٻيا شامل هُئا. دريا جي مُنڍ کان پڇاڙي تائين ٻيڙين ۽ دريا سان لڳ خشڪي رستي تي ڪيو ويو ۽ سنڌوءَ لڳ مشاهدي ۾ آيل ماڳن، مڪانن، ماڻهن، ريتن رسمن ۽ تاريخ تي تفصيلي جاچ ان ڪتاب ۾ قلم بند ڪئي وئي. اهڙين ٿڌين غارن بابت بدر ابڙو لکي ٿو ته سنڌوءَ ڪناري ڪيترين ئي غارون ڏٺيون ويون. ۽ سندس اندازو آهي ته يقينن جتان اهي ٿڌيون هوائون ڏين ٿيون انهن جو ڪو ٻيو ڇيڙو پڻ هوندو جتان گرم هوا داخل ٿيندي هوندي ۽ پوءِ وڏو سفر ڪري ٻئي پار پُهچي ٿي ته ٿڌي ٿيو وڃي.

اهڙين غارن ۾ قابلِ ذڪر غار آهي سيوهڻ کان 15 ڪلوميٽر اوريان پڳو نوڙهو (انڊس هاءِ وي) واري غار جنهن مان قدرتي طور انتهائي ٿڌيون هوائون هلن ٿيون. بدر ابڙو لکي ٿو ته جڏهن اسان لال باغ ٽپي اڳتي هلياسين ته پڳو نوڙهو ريلوي اسٽيشن وٽ اها غار آئي جنهن کي مقامي ماڻهو بهشت جي دري چون ٿا. اُتي هڪ وڻندڙ منظر هو. ساڄي هٿ تي ڏيڍ به هزار فوٽ اوچو جبل، جبل جي ڪور تي ور وڪڙ روڊ ۽ کابي ڪنڌيءَ تي سنڌوءَ جو بيٽ. ”سنڌوءَ جو سفر“ پڙهي خبر پئي ته سنڌو ماتريءَ لڳ اهڙيون جيڪي به عجيب و غريب شيون آهن انهن سان ڪا نه ڪا روايت پڻ منسوب آهي جنهن جا نيم تاريخي حوالا آهن. هن غار لاءِ به چيو وڃي ٿو ته اتي لال شهباز قلندر چلو ڳتيو هو تنهنڪري اتي ٿڌيون هوائون شروع ٿيون. ٻارنهن فُٽ ويڪري ۽ چار فوٽ اوچائي واري اها غار اندر اڳتي سوڙهي ٻُڏائي وڃي ٿي. ليکڪ جو چوڻ آهي ته ان غار جو ٻيو ڇيڙو ڪٿي آهي اهو معلوم ناهي پر يقينن اهو ڪافي پري آهي تڏهن اُتان داخل ٿيل هوا جڏهن هن پار پُهچي ٿي ته ايتري ٿڌي ٿيو پوي جو ٻاهر ڀلي 50 ڊگري گرمي هُجي پر انهي غار مان ٻن ٽِن ٽَنن جي اي سي جيتري ٿڌي هوا پئي ايندي آهي. ڪو وقت اها غار ايئن کُليل هوندي هُئي ۽ آيو ويو پيو آرام ڪري مزا وٺندو هو پر هاڻي مقامي ماڻهن اُتي هڪ مسجد اهڙي نموني ناهي آهي جو ان جي ڍڪڻ واري ديوار کي غار طرف رکيو اٿن. غار واري ٿڌي هوا سڄي مسجد کي ٿڌو رکي ٿي.

بدر ابڙو لکي ٿو ته ”بهشت جي دري واري غار جيتوڻيڪ قدرتي عمل جو حصو آهي پر ان جي بيهڪ تي ٿورڙو غور ڪرڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته، انساني هٿن ان کي کوٽي خلاصو ڪري رهڻ لائق ناهيو آهي. ڇا اهي هٿ پٿر جي دور جي انسانن جا هُئا؟ جيڪڏهن اهو امڪان سچو ثابت ٿيو ته پوءِ چئي سگهبو ته اهي سنڌ جا پهريان ماڻهو هُئا جن اوائلي ايئر ڪنڊيشنر تيار ڪري پنهنجو گهر اونهاري ۾ ٿڌو ڪيو“.

hafeezlaghari58@yahoo.com

23 اپريل ڪتابن جو عالمي ڏينهن

# ڪتاب جي تاريخ ۾ سنڌي عالمن جون خدمتون

پروفيسر لطافت علي جوهر

جديد سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾ جن جن قومن اخلاقي ڏاهپ، سماجي شعور، علمي تحقيق ۽ فني ترقي ڪان ويندي مادي ۽ اقتصادي ميدان ۾ جيڪي ترقي ڪئي آهي اها سڀ ”علم“ جي بدولت آهي.

علم، فن ۽ تحقيق جو بنياد ڪتابن تي آهي ۽ ڪتاب انساني خيالن ۽ فڪر جي آزاديءَ ۽ اظهار جي آزاديءَ جو هڪ ڀرپور ذريعو ۽ بهترين نمونو آهي.


سرور علم هي ڪيف شراب سي بهتر
ڪوئي رفيق نهين هي ڪتاب سي بهتر

هي ڪائنات بہ هڪ ڪتاب آهي ۽ تخليق جو هر شاهڪار ڪتاب آهي، انسان خود هڪ ڪتاب ۽ قدرت جي عطا ڪيل زندگي بہ هڪ ڪتاب آهي. هنن ڪتابن کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ انسان جي زندگي جو مقصد آهي.

بقول هڪ ڏاهي جي:

زندگي هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن جو پهريون ۽ آخري ورق ڦاٽل آهي. نہ آغاز جو علم آهي ۽ نہ انجام جي خبر!

مشهور جرمن شاعر ۽ فلاسافر ”گوئٽي“ بہ زندگي کي ڪتاب چيو آهي. هو لکي ٿو تہ ”مون حياتي جي ڪتاب جو چڱي طرح مطالعو ڪيو. انهيءَ ۾ مسرت بخش يعني خوشي ڀريا ورق گهٽ آهن ۽ سمورا ورق/پنا ڏکن ڏولاون ۽ غمن ۾ اونداهين سان ڀريل آهن. هن ڪتاب جو وڏو حصو ۽ اهم باب حيرت انگيز آهي، ڪائنات ۽ زندگي جي نيرنگي تي غور ۽ فڪر ڪندي صرف حيرت حاصل ٿيندي آهي. انهيءَ جو ننڍي ۾ ننڍڙو باب ”علم“ جو آهي.“




يعني اسان کي ڪائنات ۽ حيات بابت تمام گهٽ علم يا ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. دنيا جي سمورن صوفين توڙي ويدانتي مفڪرن جو انهيءَ حقيقت تي ايمان ۽ اتفاق آهي تہ ”انسان“ پنهنجي جاءِ خود هڪ عالم (Scholar) آهي جيڪو خدا ۽ فطرت ٻنهي جو مظهر آهي. انسان جو وجود الله تعاليٰ جي ذات جو خارجي عڪس آهي. اهڙي طرح انسانذات جي تعلق ۾ رابطي سان ذاتِ باري تعاليٰ خود پنهنجو مشاهدو ڪندي آهي. انسان هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ ذات باري تعاليٰ جا جلوه منعڪس ٿين ٿا.

صوفين بہ انسان جي ”مشاهده ذات“ کي مشاهده حق ۽ معرفت نفس کي ”معرفت الاهي“ چيو آهي. ڪتاب جي تاريخ ۾ تعريف بہ عجيب آهي، خدا جي ڪلام کي بہ ڪتاب چيو ويو آهي. اهڙي طرح ڪائنات ۽ فطرت کي بہ ڪتاب سڏيو ويو آهي جنهن جي مطالعي لاءِ انسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ اهو انسان ٻنهي ڪتابن جو اڀياس ڪري ٽيون ڪتاب تخليق ڪندو آهي.

انسان ترتيب ڏنل ڪتاب پڻ هڪ تخليقي شاهڪار آهي. يعني ڪتاب انسان جي غور، فڪر، اڀياس، مشاهدي، تجربي ۽ خيال آرائي ۽ اظهار آرائي جو هڪ مقدس ۽ اڻ مٽ قيمتي دستاويز آهي. انساني ارتقاءَ جي تاريخ جيڪا عالم سڳورن ۽ آثار قديمہ جي ماهرن بيان ڪئي آهي تنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ لکين سال اڳ جڏهن انسان تي علم ۽ شعور جو سج اُڀريو نہ هو ۽ انسان اجا اونداهہ غارن ۽ گهاٽن جهنگن ۾ جانورن سان گڏ بنا لباس جي بکئي پيٽ زندگي

گذاريندو هو تڏهن هن جي غلط سلط سوچ ويچار، اڻ گهڙيل ۽ منتشر جذبات، سمجهه ۽ ڏاهپ جا هلڪا هلڪا احساس ڪيس پنهنجن خيالن کي ظاهر ڪرڻ ۽ ڪين محفوظ رکڻ تي مجبور ڪندا هئا ۽ پوءِ انسان پاڻ کان انتهائي وڏيڪ طاقتور ۽ هيبت ناڪ جبلن ۽ پهاڙن تي نظرون وڌيون. انسان جي حيرت ۾ غرق ٿيل معصوم نگاهن ۾ پيدا ٿيل سوالن کي پهاڙن سمجهي ورتو ۽ پنهنجو سينو انسان جي اڳيان کولي ڇڏيو ۽ انسان اڻ گهڙيل ۽ اڻ تراشيل هٿيارن کان قلم ۽ ڪاغذ جو ڪم ورتو ۽ پنهنجي جذبات جو اظهار اُڀتين سبتين لڪيرن ۽ غلط سلط تصويرون، نقش نگاري ذريعي پٿرن ۽ جبلن جي سيني کي تراشڻ ذريعي شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح انسان پنهنجي دل جي حالت، ڪيفيت ۽ جذبات جي غير تحريري تحريڪ، پڪار ۽ اندر جي اُڌمن کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهڙي طرح انسان جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل وزن به هلڪو ٿيو ۽ ڳڻوڳڻ ڪجهه قلبي سڪون ۽ سرور به محسوس ٿيو.

زمانو گذرندو ويو ۽ اڳيان هلي هزارين سالن جي ڪوشش بعد اهي تراشيل پٿر ۽ پهاڙي نقش نگار ايندڙ وقت ۾ ڪتاب جي هيئت ۽ سنگ بنياد بڻيا ۽ پٿر تي تراشيل ڪتاب اڄ به پڙهيا وڃن ٿا. انسان جڏهن تهذيب ۽ تمدن، علم ۽ فن، ادب ۽ تاريخ جي خزاني کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪتاب ايجاد ڪيو تڏهن ڪتاب پنهنجي تقدس ۽ احترام جي حيثيت سان "ديوتا" جي درجي تي پهچي ويو ۽ ڪيس ديوتا سمجهي پاڪ ۽ پوتر آستانن ۾ سجايو ويو. دنيا جون تي عظيم تهذيبون سنڌو ماٿري (Indus Civilization) جي تهذيب جنهن جو مرڪز "موهن جو دڙو" هو. انهيءَ سان گڏوگڏ درياءِ نيل، فرات ۽ دجلا جي تهذيب جيڪا مسيح عليہ السلام کان پنج ڇهه هزار سال آڳاٽي هئي، اُتي به ڪتاب، ڪتابت ۽ ڪتاب سازي جو سامان مٽي جا ٺاهيل ساڳيوئي هو.

اڳيان هلي لکن جي تعداد ۾ ڪتاب پيپئرس (Papyrus) تي منتقل ٿيا. اڄ موهن جو دڙو بائبل، نينوا، مصر، آشور ۽ فلسطين جي پراڻي لکت ۽ تحريرون (Papyrus) تي محفوظ آهن. پيپئرس (papyrus) هڪ خاص قسم جي جڙي ٻوٽي مان تيار ڪيو ويندو هو موجوده وقت جو ڪاغذ (Paper) لفظ شايد انهيءَ مان نڪتو هجي.

اهڙي ريت ڪاغذ تي لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن لکين انسانن جا سينا چيري ڇڏيا ۽ انسانذات جي دل ۽ دماغ ۾ لڪيل نفسياتي ۽ روحاني راز رموز، انساني شعور ۽ لاشعور ۾ لڪيل جذباتي طوفان، ڪائنات تي سوچ ۽ ويچار ڪندي بي شمار پيدا ٿيل سوالن، هلچل ۽ هنگامن شروعاتي دور، مذهبن، عقيدن، ديوتائن ۽ هزارين ديوتائن سان ڳنڍيل عقيدت مندن ۽ انهن جي فڪر ۽ فن سان پيدا ٿيل بي شمار تخيلات نڪري نروار ٿيا نوان بحث شروع ٿيا.

"موهن جو دڙو" جي عبادتگاهن جي ديوارن، فرعون جي ايوانن جي ٿنڀن ۽ مصر جي احرامن جي ڇتين، بائبل ۽ نينوا جون پراڻيون پڪل سرن کي اڄ به عظيم الشان ۽ واجب الاحترام ڪتاب مڃيو وڃي ٿو جن کي هزارين سال گذري ويا آهن. انهيءَ زماني ۾ ڪتاب هڪ ديوتا جي صورت ۾ صرف ۽ صرف مذهبي پنڊتن جي استعمال ۾ رهيا، اهي ئي پڙهندا ۽ سنڀاليندا هئا ۽ انهيءَ مان فائدو حاصل ڪندي فيضياب ٿيندا هئا ۽ باقي پوري انسانذات ڪتاب ۽ ڪتاب جي علمي فيض کان محروم هئي.

هزارين سالن کان پوءِ اسلام جو سج اُڀريو. اسلام مذهبي ماڻهن جي هڪ هٽي ختم ڪري ملوڪيت جي زنجيرن کي ٽوڙي پروهتي نظام کي ناس ۽ برباد ڪري ڇڏيو مذهبي تعصب، تنگ نظري جي ڪوٽ ۽ قلعن کي درهم برهم ڪري ڇڏيو ۽ ڪتاب جهڙي مقدس ديوتا کي چند مخصوص ماڻهن جي قبضي مان آزاد ڪرائي عوام جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ مذهبي پنڊتن، پيشوائن ۽ برهميت جي ٺيڪيدارن جي هوڙ ۽ حاڪميت کي لتاڙيندي ڪتاب کي عام انسانن تائين پهچائڻ جو انتظام ڪيو.

يعني ڪتاب کي سلطنت کان وڏيڪ محترم ۽ مقدس قرار ڏنو ويو. عباسي خليفن يوناني فلاسافرن جي ٻن ڪتابن کي حاصل ڪرڻ لاءِ باقاعدي روم جي شهنشاهه سان جنگ لڙي جنهن مان ڪتاب جي تقدس ۽ اهميت جي خبر پوي ٿي.

مسلمانن جي خلافت ۾ مسجدن سان گڏوگڏ درسگاهون، مدرسا ۽ مڪتبه به لازمي قائم ڪيا ويا. مسلمانن جي علم پروري ۽ علم دوستي جا اهڙا مثال به ملن ٿا ته مسلمانن جي حڪمرانن، خليفن، اڳواڻن ۽ مسلمان فاتحن ڪتابن جي عيوض فتح ڪيل سمورا شهر ۽ علائقا واپس ڪيا ۽ اهڙا "ڪتاب مرڪز" ۽ ڪتب خانا (Libraries) قائم ڪيا جن جو مثال يورپ جي لائبريرين ئي ملي سگهي ٿو. اهڙن مثالن ۾ طرابلس جي هڪ لائبريري ۾ 30 لک ڪتاب، قاهره جي لائبريري ۾ 10 لک

ڪتاب ۽ قرطبه جي لائبريري ۾ چار لک ڪتاب موجود هئا.

مسلمانن روم، مصر، سنڌ، يونان ۽ چين مان گهرايل هزارين قلمي نسخن، ڪتابن جا عربي ترجما ڪرائي پوري دنيا ۾ پکيڙيا جيڪو هڪ وڏو علمي ۽ تحقيقي فريضو هو. فرينچ اسڪالر "گستا ولي بان" پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "تمدن عرب" ۾ لکي ٿو ته جيڪر اهل عرب پوري دنيا مان هٿ جا لکيل قلمي نسخا حاصل ڪري عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو نه ڪرائين ها ته اڄ دنيا ۾ علم ۽ فن جو نالو نشان نه هجي ها.

جڏهن قرطبه ۽ اشبيليه ۾ يونيورسٽيون قائم هيون انهيءَ وقت لنڊن جي روڊن ۽ گهٽين ۾ فانوس (Street Light) ٻارڻ جو رواج به نه هو. يورپ ۾ اسپين کان سواءِ ڪنهن به ملڪ ۾ بائبل جي هٿ اکرين دستخطي نسخن کان سواءِ ڪو به ڪتاب موجود نه هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن خوش قسمت انسان کي ڪو ڪتاب يا ان جا چند صفحا ملي ويندا هئا ته هو خوشيءَ ۾ نه ماپندو هو ۽ ڊوڙي (ڪليسا) پهچي جلد ئي پوپ (مذهبي پيشوا) وٽ پنهنجو ڪتاب جمع ڪرائي ڪائنس يڪدم جنت جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندو هو.

سنڌ جي ماٽري به علم ۽ دانش جو مرڪز رهي آهي، هتي ڇاپا خانا (Printing Press) نه هئا تنهن هوندي به هتي ويدانت، الاهيات، فلسفي، رياضي، ميڊيڪل سائنس (علم طب)، علم نجوم، ادب ۽ اخلاق تي هزارين ڪتاب ترتيب، تاليف ۽ تحرير ڪيا ويا جيڪي وڏي عرصي ۽ زماني کان وٺي سنڌ ۽ ٻاهرين دنيا ۾ پڙهايا ويندا آهن. بنو عباس جي دورِ حڪومت ۾ سنڌ جي عالمن ۽ انهن جي فني ڪتابن جو ذڪر ملي ٿو خاص طور تي خليفه منصور، خليفه هارون الرشيد ۽ خليفي مامون الرشيد جي فماضي ۽ برمڪي خاندان جي علمي قدرداني سبب سنڌ جا ڪيترائي عالم، پنڊت، حڪيم، ويج سرڪاري عهدن تي فائز ٿيا پر صد افسوس جو سنڌ جي بيش بها علمي ذخيري مان تمام گهڻو حصو بنو عباس جي دور ۾ بغداد پهتو ڇو ته محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ سبب سنڌ جو سمورو علمي خزانو تباهه ۽ برباد ٿي ويو هو.

علامه سيد سليمان ندوي رح فرمائن ٿا ته علم رياضي، انگن ۽ ڳڻپ جو علم ۽ فن عربن سنڌ جي عالمن کان سکيو ۽ حاصل ڪيو. ميڊيڪل سائنس (علم طب) ۾ سنڌ جا عالم ايترا ته ماهر ۽ مشهور هئا جو خليفي معتمد پاران "احمد ديلمي" کي 279 هجري ۾ سنڌ ۾ علم طب، رياضي ۽ اصطرلاب (ستارن جي رفتار جو علم) جو فن حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.

سنڌي عالمن کي ستارن جي بلندي، دريافت ۽ علم نجوم ۾ ايڏي ته مهارت ۽ ڪمال حاصل هو جو جڏهن 280 هجري شوال مهيني ۾ ديبل (سنڌ) ۾ زلزلو آيو تڏهن سنڌي عالمن ۽ نجومين بغداد ۾ ويني انهيءَ زلزلي جو اطلاع خليفي کي ڏنو انهي زلزلي ۾ ڏيڍ لک ماڻهو فوت ٿيا.

ايتري تحقيق ۽ بحث مباحثي کان پوءِ اهو واضح ٿيو ته سنڌ جي عالم سڳورن جا عربن ۽ عرب دنيا تي لکين علمي احسان آهن پر سنڌ جي عالمن پنهنجي علمي ۽ فني دولت سان پوري انسانيت کي فيضياب ڪيو آهي. عربن سنڌي علماءِ ڪرام کان حاصل ٿيل علم ۽ ڪتاب اسپين تائين پهچايا ۽ اسپين مان پورو يورپ فيضياب ۽ مستفيد ٿيو. اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته سنڌ جي سرزمين قديم زماني کان علم ۽ فن جو مرڪز رهي آهي جنهن جو اعتراف پاڻ عرب عالمن، محققن ۽ دانشورن ڪيو آهي ته چين، عرب، ايران، مصر ۽ يونان تائين سنڌ جي عالمن جا لکيل ڪتاب پهتا ۽ انهن ڪتابن جي معيار متعلق عالمن، محققن ۽ تجزئي نگارن تسليم ڪيو آهي ته سنڌي عالمن جا ڪتاب هر علم ۽ فن تي سَندَ جو درجو رکندا هئا ۽ علمي دنيا ۾ اعتماد جي لحاظ کان وڏو مقام رکندي ڪين قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو.

سنڌ تي ٻاهرين طاقتن جي حملن ۽ ڌارين جي حريص نگاهن خاص طور افغان حملي آور ۽ لٽيري نادر شاهه ۽ مدد خان پٺاڻ هزارين قيمتي ڪتاب ٺٽي، ٻکر، پاٽ شريف، سيوهڻ ۽ ٻين شهرن ۾ ساڙي تباهه ڪيا. عرب به ويا سندن دور به ويو هن وقت اسان جو دور آهي. اڄ ته انهيءَ ڏک کي سارين ۽ پڪارين جنهن جي شدت اسان کي اهو احساس ڏياري متوجهه ڪيو ۽ ڪتاب جي اهميت ۽ قدر کان واقف ڪيو.

ڪتابن جو داستان به عجيب آهي ڪڏهن ڪين باهه ڏيئي ساڙيو ويو ته ڪڏهن درياهه ۾ لوڙهيو ويو، ڪڏهن دفنايو ويو ته ڪڏهن چوري ڪيو ويو، ڪڏهن شاهي دربارن جي زينت بڻايو ويو ته ڪڏهن عبادتگاهن ۾ ادب ۽ احترام سان رکيو ويو ۽ درس گاهن ۾ تدريس جو ذريعو بنايو ويو ۽ ڪڏهن فٽ پاٿن تي ردي جاٽائي پڳڙن مٽ وڪرو ڪيو ويو. ڪتاب ۽ علم دوستي اقتصادي خوشحالي ۽ سماجي امن جي ضامن

آهي. تاريخ جي ورق گرداني مان خبر پوي ٿي ته جنهن قوم علم ۽ تحقيق جو رستو ڇڏي ڏنو اُها زوال جو شڪار ٿي ويئي، مسلمانن جو زوال انهيءَ جو واضح مثال آهي.

دنيا ۾ جڏهن به ۽ جتي به تاريخ کي تحقيق جي ضرورت پئي ته ڪتاب رهبر ۽ رهنما بڻجي سامهون پيش ٿي مدد ڪئي. ستين صديءَ کان تيرهين صديءَ تائين بغداد علم ۽ ادب جو عظيم الشان مرڪز رهيو. جڏهن بغداد جو زوال ٿيو ته مسلمانن جا عظيم ۽ قيمتي ناياب ڪتاب ۽ پوريون لائبريريون درياءِ فرات ۾ لوڙهيا ويا ۽ اهي ايترا ته ضخيم ادبي ذخيرا ۽ شهپارا هئا جو درياهه جو پاڻي انهن جي لڪيل مس سان ڪارو ٿي ويو.

جڏهن اندلس ۾ پندرهين صديءَ جي آخر ۾ اسلامي حڪومت ختم ٿي ته غرناطه جي وڏي لائبريريءَ کي راڻي ازابيلا ساڙائي ڇڏيو ۽ اِهو اهو دور هو جڏهن مسلمان ڪتاب پڙهندا ۽ سنڀالي گڏ ڪندا هئا پر آهستي آهستي علم کان دوري مسلمانن کي ذلت ۽ رسوائي ڏانهن وٺي ويئي. اڄ دنيا جا 28 ملڪ اهڙا آهن جتي سڀ کان وڌيڪ ڪتاب خريد ۽ وڪرو ڪيا وڃن ٿا پر افسوس جو انهن 28 ملڪن ۾ هڪ به مسلمان ملڪ ناهي.

افسوس! مسلمان پنهنجي ميراث علمي شان ۽ شوڪت وساري وينا آهن ۽ يورپي دنيا مسلمانن جي ڇڏيل علمي ورثي، علمي مرڪزن خاص طور هسپانيه جي مرڪزن مان فائدو حاصل ڪري تحقيق جي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ وڏي ترقي ماڻي آهي.

اسان جي ابن ڏاڏن جي محنت اڄ به لنڊن جي انڊيا آفيس لائبريري ۾ موجود آهي ۽ انهن ڪتابن جو تعداد اٽڪل ڇهه ڪروڙ آهي جنهن ۾ عربي، فارسي، ترڪي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن ۽ قلمي نسخن جو وڏو تعداد موجود آهي. لنڊن ڪانپوءِ "پيرس لائبريري" ۾ مشرقي ٻولين ۾ لکيل ڪتاب جو وڏو ذخيرو موجود آهي. 1857ع ۾ مغل سلطنت جي زوال بعد انگريزن لال قلعي جي شاهي لائبريري مان هزارين ڪتاب لٽي ڪانپوءِ لنڊن پهچايا.

ڪتاب هڪ قوم جي تهذيب ۽ ثقافت، اقتصادي، سائنسي ۽ علمي ترقيءَ جو اهڃاڻ هئڻ سان گڏوگڏ انسان جو بهترين دوست پڻ آهي. ڪتابن سان دوستي رکندڙ شخص ڪڏهن به اڪيلو نٿو رهي. ڪتاب انهيءَ وقت به ساٿ ڏيندا رهندا آهن جڏهن سمورا دوست ۽ پيار ڪندڙ ساٿي ساٿ ڇڏي ويندا آهن. اڄ سوشل ميڊيا، انٽرنيٽ، موبائل فونز ۽ اليڪٽرانڪ سٹ سماءَ جي ذريعن ماڻهن جي ذهنن تي قبضو ڪري ورتو آهي پر ڪتاب جي اهميت پنهنجي جاءِ تي مڃيل آهي. اڄ جي نئين نسل ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪتاب سان دوستي جو رجحان گهٽجي رهيو آهي.

اسان لاءِ پنهنجن ٻارن کي ڪتاب ۽ مطالعي ڏانهن راغب ڪرڻ ڏکيو عمل ٿي ويو آهي. جڏهن ته موجوده دور ۾ وڌندڙ نفسياتي مسئلن تي ضابطو آڻڻ لاءِ نفسيات جي ماهرن ٻارن کي ڪتابن سان دوستي، دلچسپي ۽ مطالعي کي لازمي قرار ڏنو آهي ڇو ته سٺا ڪتاب ٻارن جي سيرت، ڪردار سازي ۽ شعور کي جلا بخشڻ سان گڏوگڏ ٻارن کي اجائي ۽ فضول سرگرمين کان بچائن ٿا.

يوناني ڊرامي نگار "يوري پيڊس" هڪ جاءِ تي لکيو آهي ته "جيڪو نوجوان مطالعي کان پاسو ڪري ٿو اهو ماضي کان بي خبر ۽ مستقبل کان مرده هوندو آهي."

ٻارن ۾ مطالعي جو شوق ۽ ذوق پيدا ڪرڻ ۾ والدين اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. والدين کي گهرجي ته ٻارن کي سٺا ڪتاب آڻي ڏين ۽ واندڪائي جي وقت اُهي ٽي وي جي بجاءِ ڪنهن ڪتاب يا مئگزين جو مطالعو ڪندي ٻارن کي به انهي ڏانهن رغبت ڏيارين، جنهن سان ٻار کي لاشعوري طور اهو ادراڪ ملندو ته واندڪائي ۾ مطالعو ڪرڻ گهرجي ٿي سگهي ته ٻارن کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن لائبريري ۾ وٺي وڃن ڇو ته لائبريري ٻار جي دماغ جي بهترين ميزبان ثابت ٿيندي آهي. ڪوڙ سارا ڪتاب ڏسي ٻار خوش به ٿيندو آهي ۽ هو پنهنجي مرضي ۽ مزاج موجب ڪتاب پسند ڪندي پنهنجي ذهني ۽ فڪري صلاحيتن کي اُجاگر ڪري سگهي ٿو.

ٻار قومن جا مستقبل هوندا آهن ۽ ڪتاب قومي ترقي جا ضامن. جيتوڻيڪ ٻارن کي ڪتابن سان دوستي ڪرائي ڪين سٺا دوست عطا ڪريو سٺا ڪتاب انسان کي مهذب ۽ باوقار انسان بڻائن ٿا ۽ سندن شخصيت کي جلا بخشي ذميدار شهريءَ جو درجو ڏين ٿا. ڪتاب کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪا به اهڙي شيءِ ناهي جيڪا هميشه توهان جي دوست رهي.

اچو ته اڳتي وک وڌائيندي پنهنجن ٻارن جي روشن مستقبل لاءِ موجوده صديءَ کي ڪتاب جي صدي طور ملهايون.

# اروڙ واري پُل

مرزا ڪاظم رضا بيگ

اروڙ واري پُل متعلق تاريخي حقيقتون بيان ڪرڻ کان پهرين ڪجهه اروڙ جي باري ۾ عرض ڪندس. اروڙ پراڻين جاين جي ڪري مشهور آهي. قديم گهرن جي بيهڪ ۽ ڪتبا پڙهڻ کانپوءِ هن شهر جي آڳاٽي هجڻ جو ثبوت ملي ٿو بلڪ هن شهر جي سونهن ۽ سوڀيا جو به اهڃاڻ ملي ٿو.

اروڙ جي تاريخ ڪيتري قديم آهي، تنهن لاءِ پڪتي تاريخي شاهدي موجود نه آهي. هڪ ڳالهه جنهن تي سمورا تاريخي ڪتاب متفق آهن ته راءِ سهاسي ٻئي جي دورِ حڪومت ۾ جڏهن ڏڪر پيو، تڏهن غريب عوام سرڪاري ڍل ڏئي نه سگهيو ۽ راءِ سهاسي (ٻيو) ساڻن رعايت ڪري ڍل جي عيوض ڪين اروڙ ۽ پنجن قلعن مان "سرواهي يا سيرورائيءَ" جو قلعو خاص طور تي قابل ذڪر آهي، سرواهي اڄوڪي رياست بهاولپور ۾ آهي، اِها ڳالهه ظاهر ڪري ٿي ته اروڙ جي قلعي کي 1500 سال اڳ مٽي وجهي مٿي ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري ايئن چئجي ته ان وقت اهو قلعو ايترو ته جهونو هو جو سندس تري واري حصي کان ٻاهرين مٽي ڪافي مٿي اچي چڪي هئي. مٽيءَ تهه جو مٿي اچڻ ڪافي سئو سالن کانپوءِ ٿئي ٿو انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته اروڙ گهٽ ۾ گهٽ اڍائي هزار سال اڳ آباد ٿيو هوندو؟

**اروڙ متعلق غلط فهمي:**

ابنِ حوقل مشهور عرب سياح ٿي گذريو آهي. هن اروڙ واري قلعي کي خطِ ڪوفي ۾ "الرور" لکيو آهي. ڪتاب "آئينه" قديم سنڌ جو مصنف رقم آهي ته "الرور" لفظ جو جيڪڏهن فقط "لام" ساڪن ڪجي ٿو ته پوءِ اهو نالو اروڙ ٿئي ٿو مگر جيڪڏهن ان جا "الف" ۽ "لام" ٻئي اکر ساڪن ڪجن ٿا ته پوءِ اهو نالو "رور" ڪري پڙهبو مگر هن وقت جي ڪن صاحبن ابن حوقل جي لکيل نالي "الرور" کي "الور" ڪري سمجهيو آهي ۽ ان کي تمام گهڻي شهرت ڏني آهي، جنهن ڪري ڪتابي دنيا ۾ هن اروڙ وارو ڪنڊر قديم سنڌ جو پايهء تخت "الور" ڪري مشهور ڪرايل آهي.

آئينهء قديم سنڌ جي مصنف جي خيال موجب موجود "اروڙ" اهو قلعو نه آهي جنهن ۾ راجا ڏاهر رهندو هو، هو اڳتي لکي ٿو ته: "اروڙ جو ڪنڊر هن وقت ايرندي ناري جي ڪپ تي روهڙي شهر کان ستن ميلن جي مفاصلي تي ڏسجي ٿو جتي اروڙ نالي سان ڳوٺ به آهي. ڪنڊر ۾ هڪ قلعو ۽ ڪن قديم عمارتن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اتي هڪ ننڍي مقدار جو قلعو هو جيڪو اڄ تائين اروڙ جو قلعو سڏجي ٿو. قديم وقت ۾ ايرندي ناري کي هاڪڙا درياهه جي نالي سان سڏيو ويو ٿي، جنهن ڪري هاڪڙا درياهه ڪپ وارو قلعو هو هاڪڙا، واهند، والن ۾ ڪول وارين شاخن جي وچ ۾ جيڪو بيٽ پيدا ٿيل هو تنهن بيٽ جو حاڪم اروڙ واري قلعي ۾ رهندو هو."

هتي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته "آئينه" قديم سنڌ جو مصنف اروڙ جي آثارِ قديمه کي ڪا به اهميت نه ٿو ڏئي. سندس خيال موجب اروڙ جو قلعو ڪنهن وڏي ايراضيءَ واري ملڪ جي راڄڌاني ٿي نٿو سگهي پر منهنجي تحقيق موجب ڳالهه ٻنهه ان جي ابتڙ آهي. اروڙ جي عظمت ويدن ۾ پراڻن مان ثابت آهي، جنهن زماني ۾ مها ڀارت واري لڙائي لڳي، تنهن سمي مسٽر مورڪ (ايپيگرانيا انڊڪا جو مصنف)، پنڊت هيمراج شرما، پروفيسر پريوٽ چندريسن گپت ۽ ٻين جي راءِ مطابق سڄي هندستان ۾ اٽڪل هڪ سئو ڪن راجا راڄ ڪندا هئا، جن مان ڪي ننڍا راڄ يا (جن پد) هئا ته ڪي وڏا راڄ يا "مهاجن" به هئا. سنڌ جي تاريخ لکندڙن مها ڀارت واري دور ۾ سنڌ تي راڄ ڪندڙ راجا جو نالو "جئه رٿ" ڄاڻايو آهي. هن راجا بابت مها ڀارت ۾ چيل آهي ته مها ڀارت جي لڙائي وقت ورڌ ڪيتر جو پٽ جئه رٿ سنڌو جو راجا هو. هن ڪورون جي شهنشاهه ڌرتراشٽر جي راجڪماري دهيلا سان شادي ڪئي هئي، هو جنگ جي فن ۾ اهڙو ماهر هو جو پانڊون جو ڪو به بهادر سندس

مورچي ۾ گهڙيو نہ سگهيو. انهيءَ سنڌوءَ جي ڏهن پرڳڻن مان هڪڙي پرڳڻي "سئو وير" جون سرحدون ذري گهٽ اڄڪلھ جي سنڌ واريون هيون. سندس ذڪر ۾ نہ فقط مها ڀارت بلڪ انيڪ پراڻن ۾ بہ اچي ٿو. سئو وير جي حدن متعل پروفيسر سلوين ليري بہ تمام گهڻي کوجنا ڪئي آهي. هن سڀ کان اڳ پراڪرت پاشا جو هينيون شلوڪ اخبارن ۾ ظاهر ڪيو.

ونت پرم ڪلنگا نام اسڪا ناپچ پوئم،
ماهستي اوتتي نام سئو ويرا نام چہ روڙ ڪم.

پراڪرتڪ پاشا جي مٿئين شلوڪ موجب "روڙڪم" سئو ويرا راڄائن جي راڄڌاني هئي. عرب تاريخ نويس هن کي الرور يا ارور جو نالو ڏنو آهي. ايترو تہ "آئينہ" قديم سنڌ جو مصنف بہ قبول ڪري ٿو تہ "هاڪڙا" واهند، والن ۽ ڪول نالي وارين شاخن جي وچ ۾ جيڪو بيٽ پيدا ٿيل هو تنهن بيٽ جو حاڪم اروڙ واري قلعي ۾ رهندو هو ۽ انهيءَ ايراضي، سابق رياست خيرپور جيسلمير جو ڪجھ حصو ۽ حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعي جا ڪي ڀاڱا اچي وڃن ٿا.

ايڏي وڏي ايراضيءَ جو حاڪم جيڪڏهن موجوده اروڙ واري قلعي ۾ رهي ٿي سگهيو تہ پوءِ ان لاءِ ايئن چوڻ تہ هڪ ننڍڙي مقدار جو قلعو هو يا ان قلعي جي رهندڙن لاءِ ايئن چوڻ تہ سموري سنڌ تي حڪمراني ڪرڻ جي لائق نہ هوندو، ڪيتري قدر مضحڪ خيز ڳالھ آهي.

سنڌ جي راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي، اروڙ کي پنهنجو دارالحڪومت بڻايو. راءِ ۽ برهمڻ گهراڻا هن شهر ۾ رهندا هئا ۽ سموري سنڌ تي سندن حڪمراني جو سڪو هلندو هو. مسلمان تاريخ نويس ۽ جاگرافيائي دان بہ هن شهر ۾ آيا ۽ پنهنجي لکيل تاريخن ۾ هن شهر جو اکين ڏٺو احوال لکيائون. فتوح البلدان جي مصنف جو بيان آهي تہ جنهن وقت محمد بن قاسم هن شهر کي فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ هن کي ڏاڍي تڪليف پيش آئي، ڇو تہ هن ڪيترن ئي مهينن کان هن شهر کي پنهنجي گهيري ۾ رکيو. آخرڪار اروڙ جي رهاڪن، ان شرط تي محمد بن قسم جي اطاعت قبول ڪئي تہ هو اسان جي ڪنهن بہ قسم جي ڪم ۾ رنڊڪ نہ وجهندو. محمد بن قاسم اهو شرط منظور ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ڳري رقم ڍل ڪاڻ مقرر ڪري پوءِ اتان روانو ٿيڻ کان پهرين اروڙ جو انتظام رواح بن اسد جي حوالي ڪيو ۽ موسيٰ بن يعقوب ثقفي کي قاضي القضات جا فرائض سرانجام ڏيڻ جي هدايت ڪئي ۽ کين حڪم ڏنو تہ هو رعايا سان شفقت ۽ مهرباني سان پيش اچن ۽ هر فيصلو قرآن ۽ سنت مطابق ڪن.

ابن حوقل جڏهن اروڙ ۾ آيو ۽ هن شهر کي ڏسڻ وائسڻ ڪانپوءِ لکيائين تہ هي شهر ملتان کان گهٽ نہ آهي، هن شهر جي آسپاس بہ وڏيون پٽيون هن شهر جي حفاظت ۽ سلامتي لاءِ جوڙايون ويون آهن. هڪ ٻئي مسلمان سياح ابوالقدر جڏهن هن شهر کي ڏٺو تہ ان وقت هن شهر جي آبادي مسلمانن تي مشتمل هئي، سندس لکڻي مطابق هن شهر جا تمام رهاڪو مسلمان هئا ۽ منصوره جي بادشاهہ جي اطاعت ڪندا هئا. شمس الدين التمش جڏهن ناصرالدين قباچہ تي حملو ڪيو تڏهن هن کي اروڙ جي پهرين قاضي القضات موسيٰ بن يعقوب جي اولاد مان هڪ بزرگ اسماعيل بن علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي جي عربي ۾ لکيل تاريخ، متحاج المسالڪ پيش ڪئي وئي. منهاج المسالڪ اها ئي تاريخ آهي جنهن کي اڄ چچ نامي جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

ارور جو شهر جبل تي واقع هو اروڙ جي اوپر ۾ رڳو زمين آباد آهي، باقي ٽنهي طرفن کان برپٽ بيابان ۽ جبل ئي جبل آهن. جيئن ئي هن ڪنڊرن واري شهر ۾ اسين قدم رکنداسين تہ سڀ کان پهريائين محمد بن قاسم جي ٺهرايل مسجد نظر ايندي، جنهن جون پٽيون اڃا تائين زبون حالت ۾ موجود آهن. مسجد کان ٿورو اڳتي راجہ ڏاهر جو شاهي محل ويران نظر ايندو. شاهي محل هن وقت صرف ڪنڊر جي صورت ۾ موجود آهي. شاهي محل کان چند قدم اڳتي هڪ مقبرو نظر ايندو، چون ٿا تہ ان مقبري ۾ هڪ الله وارو بزرگ، حضرت مهر علي فقير مدفون آهي. هن مقبري ۾ داخل ٿيڻ سان انسان اڇرج ۾ پئجيو وڃي، ڇو تہ مقبري جو اندريون حصو جنهن خوبصورت نموني ۾ تعمير ڪيو ويو آهي، اهو ڏسڻ وٽان آهي ۽ ان وقت جي فنِ تعمير جو عظيم شاهڪار آهي. اروڙ جي ڏکڻ ۾ پڻ هن الله وارن بزرگن جا مقبرا آهن. جن کي اتي جا رهاڪو حضرت شاهہ گنج ۽ قتل شاهہ جي نالي سان ياد ڪن ٿا. هي ٻئي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جا معاصر هئا. هتي اسلامي تعليم عام هئي ۽ اولھ طرف هڪ وڏو ديني مدرسو پڻ هو.


مغل شهنشاهہ اڪبرِ اعظم جي دور جو ناميارو مورخ مير معصوم بکري، تاريخ معصومي ۾ هن شهر جي اهميت ۽ افاديت تي تفصيلي روشني وڌي آهي. هو لکي ٿو تہ سنڌو درياهہ جي ڪناري تي اروڙ هڪ عظيم الشان شهر هو، جنهن ۾ عاليشان عمارتون،




وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، سيڪريٽري يونيورسٽي اينڊ بورڊز مريد رحيمو، سيڪريٽري آءِ ٽي آصف اڪرام ۽ ٽيڪ ويلي ۽ گوگل پاڪستان عمر فاروق ۽ ٻيا ايم او يو تي صحيحون ڪرڻ واري تقريب ۾ موجود آهن.



وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گورنر ڪامران ٽسوري
قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن.



وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري ۽ صوبائي ڪابينا جا ميمبر
پاڪستان جي ڏهاڙي تي قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي فاتحه خواني ڪري رهيا آهن.




وڏو وزير سيد مراد علي شاهه هڪ پروگرام ۾
سنڌ پريميئر ليگ جي آفيشل شرٽ جي پڌرائي ڪري رهيو آهي.




پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪورنگيءَ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز جي
پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.




وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪورنگيءَ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز جي
پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.



وڏو وزير سيد مراد علي شاهه حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي
چادر چاڙهڻ بعد دعا گهري رهيو آهي، مرتضيٰ وهاب ۽ ٻيا پڻ موجود آهن.




وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ستين ڊجيٽل آدمشماريءَ جي حوالي سان
پارٽي جي ميزبانيءَ ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيو آهي.

خوبصورت ۽ مضبوط محلات، ميون سان ڀريل باغ ۽ وڻن ٻوٽن سان سهڻا باغ ۽ شهريت ۽ تمدن جو اهو سمورو سامان موجود هو. جو ڪنهن وڏي شهر ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

مير معصوم بکري وارو دور اڪبر ۽ جهانگير وارو دور آهي. هن سلسلي ۾ هڪ ڳالهه واضح معلوم ٿئي ٿي ته مغلن جي دور ۾ ٻه هي شهر آباد هو. هي شهر زلزلي جي ڪري زمين دوز ٿي ويو يا ڪنهن ٻي طرح سان تباهه ٿيو؟ ان متعلق به طرح طرح جون مختلف ڪهاڻيون ۽ قصا مشهور آهن. پر تاريخي طور تي انهن تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي. هي ماڳ غالبن مغلن جي آخري دور ۾ اجڙي ويو هجي. اها به هڪ مڃيل حقيقت آهي ته درياهه هميشه کان پنهنجو رخ بدلائيندا رهندا آهن جنهن ڪري اروڙ جو شهر ڪنڊرن ۾ بدلجي ويو هجي ۽ اروڙ جا رهاڪو درياهه جي ٻئي ڪناري تي لڏي وڃي آباد ٿيا هجن. جيڪو اڄڪلهه روهڙي جي نالي سان مشهور آهي.

هتي هڪ ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته اڳوڻي دور ۾ راجائن وٽ مقرر لشڪر ڪونه هوندو هو پر ضرورت يا جنگ وقت جاگيردار ۽ نواب پنهنجي حيثيت موجب لشڪر مهيا ڪري ڏيندا هئا. ان کان سواءِ راجا ڏاهر، جيڪو سنڌ جي ٽن اهم مرڪزن ۾ واري ڦيري سان سڪونت اختيار ڪندو هو. تنهن جو خاص لشڪر به ته تنهي هنڌن تي ورهايل هوندو هو. انهيءَ ڪري وثوق سان چئي سگهبو ته اروڙ عهدِ رفته جو هڪ عظيم الشان شهر هو. جيڪو نامساعد حالتن خاص ڪري جاگرافيائي تبديلين جو مقابلو نه ڪري ڪنڊرن جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. عربن جي عهد جا اهڃاڻ وري به ڪنهن حد تائين معلوم ڪري سگهجن ٿا. باقي پراڻين نشانين کي سطح زمين تي ڳولڻ خام خيالي آهي. اهي ته هن عظيم ارض جي ڇاتيءَ هيٺان آهن. جيڪي آثار قديمه سان دلچسپي رکندڙ محقق ئي ڳولي سگهن ٿا. هاڻي اچو ته اروڙ واري پُل جو جائزو وٺون.

**اروڙ واري پُل:**

اِها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته جنهن قوم جي تاريخ محفوظ نه آهي، اها قوم ان وڻ جي مثال آهي جيڪو ميوو نه ڏئي. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته ايندڙ نسل کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيون ته اسان لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته اسين اروڙ يا سنڌ جي ٻين شهرن جي قديم آثارن کي جيترو به ٿي سگهي محفوظ رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون.

اروڙ صدين کان قديم آثارن جو مرڪز رهيو آهي جن مان ڪجهه هن وقت خسته حالت ۾ موجود آهن ته ڪن جا وڃي رڳو آثار رهيا آهن ۽ انهن آثارن جو ذڪر رڳو تاريخي ڪتابن ۾ محفوظ رهجي ويو آهي. اهڙي قديم آثارن مان اروڙ واري پل جا رڳو آثار، آثارِ قديمه جي ماهرن ئي ڳولي لڌا پر وقت گذرڻ سببان انهيءَ پُل جا آثار به متجي ويا، البت دڙي جي مٿان اهو ڳوٺ اڃا قائم آهي جيڪو ڪرنل اي بي ايسٽوڪ سن 1839ع ۾ سکر کان اروڙ جا ڪنڊر ڏسڻ ويو هو. هو پنهنجي ڪتاب "نئين مصر جا پراڻا ورق" ۾ لکي ٿو ته:

"اروڙ روهڙيءَ کان پنجن ميلن جي پنڌ تي آهي. اوڏانهن وڃڻ جو رستو هڪ پُل جي مٿان وڃي ٿو جنهن کي اروڙ واري بند چون ٿا. ڪي ان کي تمام پراڻو سمجهن ٿا پر مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اها پل به صديون پراڻي آهي ۽ منهنجي راءِ به اها آهي ته اها بند يا پُل انهيءَ عرصي کان وڌيڪ پراڻي ٿي نه ٿي سگهي. ظاهر آهي ته اها پُل درياهه جي سڄي وهڪري تي نه ٺاهي وئي آهي پر هڪ شاخ تي ٺاهي وئي آهي جيڪا درياهه جي اروڙ ڇڏڻ کان پوءِ درياهه جي پراڻي پيٽ ۾ اروڙ جي لڳ وهندڙ هجي. سڀ کان وچ واري ڪمان جي اوچائي فقط چوڏهن فوٽ آهي ۽ سڄي پل جي ڊيگهه 600 فوٽن کان مٿي نه ٿيندي، منهنجي خيال ۾ ته اِها پل مير معصوم شاهه بکري يا وقت جي ٻئي ڪنهن نيڪ امير جي ٺهرايل ٿي ڏسجي، پل اڪرڻ کان پوءِ اوهان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ پهچندا، جنهن ۾ سيد ماڻهو رهن ٿا."

ڪن روايتن مطابق اها پُل محمد بن قاسم جي مسجد جي هيٺان بادل شاهه بادشاهه پير جي مزار وٽان هئي. انهيءَ پل جا پٿر محمد بن قاسم جي مسجد جي هيٺان پيل هئا، جيڪي هن وقت آهن يا نه تن بابت ڪا به ڄاڻ نه آهي ۽ ٻئي طرف انهيءَ پُل جو چيڙو ناري جي پرين پر ڏاڪڻ ۽ سهاڳڻ جي قبرن جي هيٺان هو. ناري جي پرين پر تي هن پل جا آثار موجود هئا ۽ ان پُل جي ويڪر اٺ فوٽ هئي، اتان بيل گاڏيون (ڏڳي گاڏيون) پڻ لنگهنديون هيون.

اروڙ واري پل اي بي ايسٽوڪ کان پوءِ به 93 سال موجود هئي. سن 1932ع ۾ جڏهن سکر جي لائيڊ بئراج مان نارو واهه کوٽيو ويو ته انهيءَ واهه جي کوٽائي جي زد ۾ اچي اها پُل به تباهه ۽ برباد ٿي وئي. اِها پُل جنهن جاءِ تي هئي، قديم زماني ۾ انهيءَ هنڌ سنڌو درياهه وهندو هو. (سنڌ هڪ عام جائزو از لئمبرڪ، نقشو نمبر 9) . لائيڊ بئراج جي نارا واهه کان اڳ ان هنڌ يعني سنڌو جي پيٽ مان اروڙ نالي

واهه وهندو هو جنهن جي مٿان اها اروڙ واري پُل درياهه جي پراڻي ڏوري مٿان ناهي وئي هئي چو ته آبڪلاٽي جي وقت ۾ پڙو منڌوديرو، هاڪڙو ۽ ٻيا ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏي ويندا هئا ۽ اهو سڄو ٻوڏ جي پاڻي جو وهڪرو اروڙ واري پُل جي هيٺان ٿيندو اڳتي هليو ويندو هو.

هاڻي اسان ڪي اهو ڏسڻو آهي ته اِها پُل ڪنهن ٺهرائي. ايسٽوڪ سن 1839ع ۾ سنڌ ۾ آيو. انهيءَ مطابق هجري سن 1259ع بيهي ٿو. جيڪڏهن مقامي رهاڪن ۽ ايسٽوڪ جي چوڻ مطابق اگر چئون ته 200 سال اڳ جي هيءَ پل آهي ته پوءِ اهو عيسوي سن 1639ع ۽ هجري سن 1059ع ٿو بيهي. اي بي ايسٽوڪ پاڻ ٿو چئي ته ”منهنجي خيال موجب ته اِها پل مير معصوم بکري يا وقت جي ٻئي ڪنهن نيڪ امير جي ٺهرايل ٿي ڏسجي.“ مير معصوم شاهه بکري ته سن 1014هه ۾ فوت ٿي ويو يعني ان پُل جي اڏاوت واري سن کان 44 سال اڳ پر عالم ۽ محقق ان سن تي متفق نه آهن. جيڪڏهن اسان ايئن چئون ٿا ته اِها پل سن 1893ع کان اڍائي سئو سال اڳ جي آهي ته پوءِ عيسوي سن 1589ع ۽ هجري سن 1009ع ٿو بيهي. سن 1009هه مير معصوم شاهه بکري جي اڏاوتن واري سالن جي بلڪل ويجهو آهي. هاڻي ڏسون ته مير معصوم شاهه بکري موجوده سکر ضلعي ۾ ڪهڙيون عمارتون، ڪهڙي سن ۾ جوڙايون:

(1) سن 1002هه ۾ روهڙي جو عيد گاهه تعمير ٿيو.
(2) سن 1003هه ۾ معصوم شاهه مناري جي تعمير جي ابتدا ٿي.
(3) سن 1004هه ۾ فيض محل جڙي راس ٿيو.
(4) سن 1005هه ۾ هشت پهلو مسجد ۽ منزل گاهه وارو باغ تعمير ٿيو.
(5) سن 1006هه ۾ جاءِ عشرت تعمير ٿيو.
(6) سن 1007هه ۾ منزل گاهه ستياسر ۽ ٻيڙي نما مسجد تعمير ٿي.
(7) سن 1008هه ۾ اروڙ ۾ درياهه جي سير واري پٿر جو سنگِ بنياد رکيو ويو.
(8) سن 1009هه ۾ منهنجي خيال مطابق اروڙ واري پُل جوڙائي وئي هجي.

اروڙ واري پُل ٺهرائڻ کان پوءِ نواب مير معصوم شاهه بکري سن 1014هه ۾ فوت ٿيو يعني اروڙ واري پُل ٺهرائڻ کانپوءِ 5 سال زنده رهيو. انهيءَ مطابق اروڙ پُل مير معصوم شاهه بکري جو آخري يادگار هو جيڪو سن 1932ع ۾ ناري واهه جي کوٽائي وقت ڊهي ويو.

مير معصوم شاهه بکري جي سکر، روهڙي ۽ اروڙ ۾ اڏاوتن واري سالن ۾ بکر جا چار مغليه گورنر اچن ٿا، جن مان فقط مير ابو القاسم نمشين، صفحه صفا (ستين جو ٿان) کان سواءِ ٻي ڪا به جاءِ هن شهر ۾ ڪونه جوڙائي، سعد خان جي به ڪا عمارت جوڙايل هئي، نظر نٿي اچي، اها مير معصوم شاهه بکري جي شخصيت هئي، جنهن کوهه کوٽايا، مسجدون، منزل گاهون، باغ ۽ ٻيون تفريح جون جايون تعمير ڪرايون.

مير معصوم شاهه بکري سن 1008ع ۾ اروڙ جي درياهه جي پراڻي ڏوري ۾ به پٿر هٽايا هئا، هنن پٿرن جو ذڪر پير سيد حسام الدين شاهه راشدي به ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته هينئين ڪتبو اروڙ جي قتل شهر جي پير ۾ هڪ ڪبڙ جي ٻوٽي جي پاڙ ۾ پيل آهي، جيڪو معلوم ٿئي ٿو ته پنهنجي اصل جاءِ تان نڪري اتي اچي پيو آهي. (از- مير معصوم بکري)

اڄ کان ڪيترائي سال اڳ پروفيسر محمد شفيع مرحوم هن ماڳ جي آثارن جي کوجنا ڪرڻ لاءِ اروڙ آيو هو. هن کي هن شهر جا آثار نظر ته نه آيا البته هڪ وڏو پٿر مليو. جنهن تي ٽن سٽن وارو فارسي ۾ هينيون ڪتبو لڳل هو:

بردار قدم چو رهِ نور دان
درباد ڳوپائي نهه چو مردان.
بفرموده سياست پناهه امير محمد معصوم رمقوم شد سن 1008هه

مٿئين تحقيق مطابق ته اروڙ واري پُل مير معصوم شاهه بکري جي ٺهرايل آهي. سن 1009هه کان سن 1352هه (سن 1839ع) تائين اروڙ واري پُل پورا 343 سال اروڙ جي رهاڪن جي نظرن جي سامهون بيٺي رهي ۽ پوءِ سن 1932ع ۾ هي پُل ناري واهه جي کوٽائي سبب ڊهي ناس ٿي وئي.

مددي ڪتاب:
(1) مناويد سنڌ، مولوي پروفيسر محمد شفيع.
(2) سنڌ جا قديم آثار مترجم عطا محمد ڀنڀرو
(3) تذڪره اميرخاني، پير سيد حسام الدين شاهه راشدي
(4) مير معصوم بکري، پير سيد حسام الدين شاهه راشدي
(5) نئين مصر جا پراڻا ورق. مترجم. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ
(6) سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ، مرتب، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
(7) تاريخ سکر- مولائي شيدائي.

# سراج الحق ميمڻ
# سنڌي ٻولي، ادب ۽ صحافت جون سُونهون

لعل بخش سولنگي

سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت تحقيقي ڪتاب ” سنڌي ٻولي “ لکي بيٺل پاڻي ۾ پٿر اُڇلائي ٻوليءَ بابت نئين بحث جي شروعات ڪئي. سراج کان اڳ گريئرسن، رچرڊ برٽن، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻين عالمن به سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجا نقطئه نظر/رايا پيش ڪيا هئا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت ۽ عربي ٻولي مان ڦٽي نڪرڻ جا نظريا ڏنا هئا، پر سراج الحق ميمڻ پنهنجي عالماڻي تحقيق سان سنڌي ٻوليءَ بابت اڳ ڏنل عالمن جي راين/نظرين کي رد ڪندي سنڌ ٻوليءَ جي دراوڙي نسل وارين ٻولين مان هجڻ جو نظريو پيش ڪيو.

ان ڪانسواءِ سراج صاحب پنهنجن ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ قومي جدوجهد جي حوالي سان سنڌي فڪشن کي مالامال ڪيو ۽ نئين ٽرينڊ جي شروعات ڪئي. ناول نويسيءَ جي حوالي سان هڪ ڳالهه ته: ناولن جي پهرين ٽريالاجي پڻ سراج ميمڻ لکي ميجتا ماڻي. سراج صاحب سنڌي ٻولي، ادب ۽ صحافت جي ترقي، واڌاري ۽ سڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو(1).

سراج صاحب سنڌ جي نهايت ئي احترام لائق دانشورن مان هو جنهن ڪنهن ڊاڙ ۽ پتاڙ ڪانسواءِ خاموشيءَ سان ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪارائتو ڪردار ادا ڪيو. سراج صاحب ان حوالي سان پنهنجو مٽ پاڻ هو. سنڌي ادب ۾ نواڻ جا بنياد رکندو ۽ نئينهن جا نعرا هڻندو اڳتي وڌندو رهيو.

سراج الحق ميمڻ ٽنڊو جام ۾ استاد محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ 24هين آڪٽوبر 1933ع تي جنم ورتو. سنڌ جو هي سپاهي پٽ پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ 1954ع ۾ سي ايس پي جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽئڪس کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو.

ان کان اڳ سراج صاحب 1952ع ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جي پريس ۾ ساڻس گڏ ڪم ڪيو. جڏهن ته سراج صاحب پهرين نوڪري 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪئي.

1969ع ۾ يحيٰ خان جي مارشل لا جي زماني ۾ انتقامي طور 303 آفيسرن کي نوڪرين مان برطرف ڪيو ويو. انهن آفيسرن ۾ سراج



صاحب به شامل هو جنهن کان پوءِ سراج ميمڻ انڪم ٽئڪس جي حوالي سان وڪالت شروع ڪئي. سراج صاحب جيئن ته انڪم ٽئڪس جو آفيسر رهيو هو ۽ ان حوالي سان ڇاپايل شعبي جي قانون جو ماهر هيو، ان ڪري ٿوري ئي وقت ۾ سراج صاحب انڪم ٽئڪس جو قابل ۽ مشهور وڪيل بڻجي ويو. سراج صاحب نوڪرين سان لاڳاپيل هجڻ وارو سمورو عرصو سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندو رهيو.

سراج صاحب، تحقيق، تخليق ۽ ترجمي سان خوب نڀايو سندس ادبي خدمتن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ 'اي درد هلي آ' جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو 'اڻون ماٺهو' 1985ع ۾ شايع ٿيو. سراج جو پهريون جڳ مشهور ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' 1979ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو ناول 'مرڻ مون سين آ' 1988ع ۾ ڇپيو ان کانسواءِ 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' سندس اهم ناول آهن. جن جي بعد ۾ ٽريالاجي 'پياسي ڌرتي رمندا بادل' عنوان سان شايع ٿي.

سراج ڪيترائي ڊراما به لکيا، جن وڏي مقبوليت ماڻي، جن ۾ 'اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن' (نورا رچرڊس جي ڊرامي جو ترجمو)، 'گهاتو گهر نه آيا' (شاهه جي سر گهاتوءَ تي ٻڌل ناٽڪ)، 'جر ۾ ڦوٽو جيئن'، 'پوڇا ڏنم پير، ڍڪڻي مٿي ڍول جا'، 'تنهنجي تند تنوار' (سر پيرويءَ تي ٻڌل آزاد نظم ۾ ناٽڪ) ۽ 'پروفيسر' وغيره شامل آهن.

هڪ مترجم جي حيثيت سان هن 'چين جي هارين کي زمين ڪيئن ملي'، 'چونڊ آمريڪي افسانا' (غلام رباني سان گڏ)، 'ڏکڻ مان ٿو سج اڀري' (ڪرشنچندر جو ناول) ۽ ڊاڪٽر ايس. پي چبلاڻيءَ جي ڪتاب: (Economic Conditions in Sindh 1595_1984) جو ترجمو 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' جا ترجما ڪيا.

سندس ناولن ۽ افسانن جا مجموعا، افسانوي ادب ۾ تمام گهڻي اهميت جا حامل آهن.

سراج صاحب جي ڇاپايل ڪتابن ان دور جي شعور کي اُڀارڻ ۾ ڪارائتو ڪردار نڀايو(2).

* سراج صاحب سنڌي ٻولي ۾ ادب کي نوان رخ ۽ نوان لاڙا ڏيندڙ ٻولي ۽ قومي حقن جي حاصلات واري ويڙهه ۾ جدوجهد جو جهونجهار ۽ ٻوليءَ جو وينجهار هيو. جنهن پنهنجي لکڻين ۾ تاريخ کي فڪشنائيز ڪيو. سراج صاحب جو سنڌ جي فڪري ويڙهاند ۾ اهم ڪردار رهيو. جنهن پنهنجي علمي ادبي سگهه سان سنڌ جي سرهائيءَ لاءِ نه رڳو پنهنجو نور نچويو پر هن پنهنجي رت ولوڙ ڪري سنڌ جي سينڌ کي سنواريو.

* 1955ع ۾ سراج صاحب ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جهڙي علمي ادبي اداري ۾ ملازمت ڪئي.

1955ع ۾ محمد ابراهيم جويو جي ڪيس سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري جي عهدي تي مقرر ڪيو.

ان وقت سنڌي ادبي بورڊ سائين جي ايم سيد، ميران محمد شاهه، ڊاڪٽر شمس العلماءَ عمر بن دائود پوٽي، پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين شاهه راشدي، جهڙن عالمن جي سهڪار سان هلندڙ هو(3).

* ادب جي خوشبو ته سراج صاحب کي پنهنجي والد صاحب محمد يعقوب " نياز ميمڻ " کان پلئه پئي، جيڪو اهل علم ۽ ان زماني جو قابل اُستاد ۽ ناميارو تعليمي ماهر هيو جنهن جو ادب سان به چاهه هوندو هيو. پاڻ سنڌي ۽ فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو هيو. حافظ شيرازيءَ جي " ديوانِ حافظ " جو سنڌيءَ ۾ ڪيل سندس ترجمو ثابت ڪري ٿو ته ڪيس سنڌي ۽ فارسي ٻولي تي هڪ ئي وقت عبور حاصل هيو. اهڙي علم پرور ۽ علم دوست والد جي ساٿ ڪيس سنڌي ٻولي ۽ ادب جو عاشق بڻائي ڇڏيو(4).

* سراج صاحب جي علمي ادبي تربيت ۾ سندس والد صاحب کان پوءِ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ محمد ابراهيم جويي جو وڏو هٿ رهيو. محمد عثمان ڏيپلائي جي پريس ۽ سنڌي ادبي بورڊ، سراج صاحب جي سنوار ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ علمي، ادبي ڪم ڪندي ۽ ان وقت جي عالمن، اڪابرن، اديبن ۽ شاعرن جي وچ ۾ ويهندي ڪين ٻڌندي ۽ پڙهندي، سراج صاحب ادب جي شاهي رستي تي پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو. سندس شاهڪار تخليقون ۽ ترجما، تحقيق ۽ تنقيد، ادبي دُنيا ۾ اهم هلچل پيدا ڪئي،سراج صاحب جو زمانو" ته ماهي مهراڻ" " سهڻي " ۽ " روح رهاڻ " جو زمانو هيو. مُلڪ مٿان "ون يونٽ" جو ڪارو نانگ ويٺل هيو. سنڌ جي صدين جي سڃاڻپ لاءِ سنڌ جو شعور جوالا مُکي بڻجي انقلابي " لاوو " اُوڳاڇي رهيو هيو.

* سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان پورا پنج سال تحقيقي ڪم ڪري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ بابت هڪ شاندار ڪتاب " سنڌي ٻولي " لکي 1964ع ۾ شايع

ڪرايو. جنهن ۾ سراج صاحب جو موقف هيو تہ سنڌي ٻولي ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي جائي ڪونهي بلڪ سنڌي نديءَ ڪنڌ جي قديم ٻولي آهي، جنهن جي هڪ جداگانہ حيثيت آهي.

اِهو وقت ڏاڍو ڏکيو هيو. ڇاڪاڻ تہ ڪن ماهرن جو چوڻ هو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت جي جائي آهي، تہ ٻيا وري ان کي ڇڪي وڃي عربي ٻولي سان ملائيندا هيا، هڪ ئي وقت ان ڪتاب جي حمايت ۽ مخالفت شروع ٿي وئي. خاص ڪري پارت ۾ رهندڙ هڪ سنڌي اديب ۽ لسانيات جي ماهر گنگارام سمراٽ ان ڪتاب تي ڇتي تنقيد ڪئي، گنگارام جي تنقيد جو رويو نهايت ئي ٻي رحماڻو هيو. اِهو مضمون ان زماني ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ "سهڻي" رسالي ۾ طارق اشرف شايع ڪيو هو.

* جواب ۾ سراج صاحب حيدرآباد مان ئي شايع ٿيندڙ مشهور قومي رسالي "روح رهاڻ" ۾ مضمون لکي تنقيد جو مدلل جواب ڏنو. ٻئي طرف سنڌ جي ترقي پسند فڪر سان لاڳاپيل اديب بہ سراج صاحب جي حمايت ۾ ميدان تي لهي آيا.

* گنگارام سمراٽ جيئن تہ اصل ۾ "سن" جو رهاڪو هو انڪري، سائين جي ايم سيد پنهنجي ڳوٺائي کي خط لکي ميار ڏني تہ: سراج سنڌي ٻوليءَ جو نوجوان محقق آهي، اوهان کي اُن تي ان قسم جي تنقيد کان پاسو ڪرڻ کپندو هيو. گنگارام سمراٽ، سائين جي ايم سيد کي جواب ۾ خط لکيو هو ۽ اِهو خط سائين جي ايم سيد جي خطن واري ڪتاب ۾ شامل آهي. ان مان اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ سائين جي ايم سيد جهڙا ماڻهو سراج صاحب سان ڪيڏي نہ محبت ڪندا هئا(5).

* سنڌ ڪيئي ڳاڻ ڳڻيا ليکڪ، عالم، اديب، دانشور ۽ محقق پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي تخليقي صلاحيتن سان سنڌ جو نالو ساري جڳ ۾ روشن ڪيو آهي. سراج الحق ميمڻ صاحب بہ اهڙن ئي چوندي اديبن، دانشورن ۽ عالمن مان هڪ هيو. هن ڪيترن ئي شعبن ۾ مثالي ڪم ڪري ميڄتا ماڻي، تخليق، تحقيق، تنقيد، ترجمو لسانيات، قانون، صحافت ۽ معاشيات جهڙن اهم شعبن ۾ ايتري گهري دلچسپيءَ سان ڪم ڪيو جو ان شعبي جا ذميوار ماڻهو بہ کيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا، هن ڪڏهن بہ سرڪاري داد( ايوارڊ/ تمغا ) قبول نہ ڪيا، سرڪاري نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ هن، آزادي ۽ خودمختياريءَ سان ڪم ڪيو، جنهن جي علمي ادبي حيثيت ايتري مڃاهين ٻڌجي وئي جو کيس ڪيئي ڀيرا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين شپ جي آڇ ڪئي وئي، پر پاڻ ڪنهن بہ آڇ قبولڻ کان انڪاري رهيو. سراج صاحب نهايت ئي خوددار ۽ ذميدار شخص هيو سندس ذميوارين جا ڪوڙ سارا مثال هن مضمون ۾ ڄاڻايا ويا آهن(6).

* امر جليل لکيو آهي: تہ الائي ڪٿي ۽ ڪيئن ذوالفقار علي ڀٽي جي دوربين نگاهن ۾ اچي ويو ۽ هو پيپلز پارٽي جو ٿي ويو: ذوالفقار علي ڀُٽي جي انيڪ فيصلن مان هڪ اهم فيصلو هيو سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزي اخبار "ڊان" جهڙي سگهاري اخبار ڪڍڻ، جنهن جو مقصد هيو ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ، آگاهي ڏيڻ، ڇتا پيٽي جي دور ۾ اڳتي وڌڻ جو جذبو جاڳائڻ، مُلڪ تڏهن ئي پنهنجي ابتر حالتن مان اُبري سگهندا آهن، جڏهن ماڻهن ۾ خودداريءَ جو احساس جاڳي پوندو آهي.

* سنڌ جي ماڻهن کي ترقي جي ڏگ تي وٺي اچڻ لاءِ اخبار جاري ڪيائين. اخبار جو نالو "هلال پاڪستان" رکيائين. تجربيڪار ۽ پراڻا ايڊيٽر چڙي سراج صاحب کي اخبار جو ايڊيٽر ٻڌايائين. سراج صاحب سنڌي ٻولي جو ماهر، ڪهاڻيڪار، ناولسٽ ۽ قانوندان، هڪدم ها ڪرڻ بدران هن ڪجهہ شرط ٽرسٽ جي آڏو رکيا، انهن شرطن مان هڪ شرط هيو پارٽي ميمبرن، ڪارڪنن ۽ ڪامورن طرفان اخبار هلائڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي دخل اندازي نہ ڪرڻ . ٽرسٽ سراج صاحب جا سمورا شرط قبولي ورتا.

سراج صاحب اخبار لاءِ ٽيم گڏ ڪرڻ شروع ڪئي، ويو ماڻهن سان ملندو، چوندي چوندي ماڻهو ڪٺندو اسسٽنٽ ايڊيٽر، سب ايڊيٽر، رپورٽر ۽ نمائندا ڪٺندو پهرين مئي 1972ع تي هن اخبار جو افتتاح ڪيو ويو(07).

امر جليل لکيو آهي تہ :

* ٻاهرين مُلڪن جي دوري لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ سان چوندي ايڊيٽرن جو جٿو ڪٺي نڪرندو هو ان ڊيليگيشن ۾ سراج ضرور شامل هوندو هيو. سفر دوران هوائي جهاز ۾ ذوالفقار علي ڀٽو کيس سڏائي پاڻ وٽ ويهاريندو هيو ۽ اخبار جي باري ۾ ڪائنس حال احوال وٺندو هيو. کيس خبر هئي تہ "هلال پاڪستان" سنڌ ۾ هٽي هنڌ ڪيو آهي، ڳالهين ٻولهين دوران ڀٽو صاحب سراج سان پيرن، ميرن ۽ سردارن جون ڪيل شڪايتون ۽ احتجاجن جو ذڪر ڪندي، منهنجي باري ۾ پڇندو هيو اهو ڪير آهي؟ جنهن کي تو ڇوٽ ڇڏي ڏنو آهي؟ سراج کيس سمجهائيندو هيو. قبلا پهرئين اکر کان آخري اکر تائين، اخبار پارٽي ۽ پارٽي ميمبرن جي خبرن ۽ ڪارنامن

سان پريل هوندي آهي، ان ۾ جيڪڏهن هڪ شخص کي اختلاف راءِ جو حق ڏجي ته اخبار جا جمهوري حق پورا ٿيندا_ سراج جا اهڙا وضاحتي جواب ٻُڌي ذوالفقار علي ڀٽو چُپ ٿي ويندو هيو(8).

سينيئر صحافي نصير اعجاز لکي ٿو ته:

* مئي 1972 ع ۾ ”هلال پاڪستان“ سنڌين جي ڀرپور نمائندا اخبار طور ڪراچي مان شايع ٿيڻ شروع ٿي، هن اخبار جو ايڊيٽر سراج الحق ميمڻ هيو. جنهن پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان اخبار کي اوج تي رسايو جو ڇپائي لاءِ وڏي ۽ قيمتي پرنٽنگ پريس لڳائي وئي، ٻارن، عورتن ۽ نوجوانن لاءِ هفتيوار رنگين صفحا ۽ رسالا شروع ڪيا ويا. سراج صاحب حيدرآباد مان تجربيڪار صحافين جي ٽيم کي آڻي ٿوري وقت ۾ ئي ” هلال پاڪستان “ کي ايترو مقبول ڪري ڇڏيو جو هر ماڻهو جي هٿ ۾ اها اخبار هوندي هئي. پيپلز پارٽيءَ جي ترجمان اخبار سڏجڻ باوجود ” هلال پاڪستان “ ۾ سرڪاري ڇاپ نظر ڪانه ايندي هئي. ڇو ته سراج صاحب جي ايڊيٽوريلن“ امر جليل جي ڪالمن، قمر شهباز، آغا سليم ۽ ٻين ناميارن اديبن جي لکڻين، نوجوانن، عورتن ۽ ٻارن سان گڏ سنڌ جي فنڪارن کي ملندڙ نمائندگيءَ هن اخبار کي منفرد رنگ ڏئي ڇڏيو (9).

* جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي مُلڪ جي اخباري ملازمن لاءِ ڀرپور ويج بورڊ ايوارڊ لاڳو ڪيو تڏهن ” هلال پاڪستان “ واحد سنڌي اخبار هئي جنهن ۾ سراج صاحب ان ايوارڊ تي باقاعدگيءَ سان عمل ڪيو.

اڄ تائين ٻي ڪنهن به سنڌي اخبار ان ايوارڊ تي عمل نه ڪيو آهي ۽ ڪي سنڌي اخبارون سال ۾ ڪروڙين رُپيا ڪمائڻ باوجود لاڳاپيل قانون جي پڇڪڙي ڪندي اخباري ڪارڪنن جو حق ماري رهيون آهن.

ويج بورڊ ايوارڊ تحت اخبار جي سب ايڊيٽرن جي پوسٽ سترنهن گريڊ جي آفيسر برابر هئي.

انهيءَ ڪري سب ايڊيٽرن، سينيئر سب ايڊيٽرن، شفٽ انچارجن، نيوز ايڊيٽرن ۽ ڪمپازيٽرن کي گريڊن تحت پگهار ملندي هئي. جنهن ۾ ساليانو انڪريمنٽ پڻ لڳندي رهندي هئي(10).

* هڪ بهترين منتظم جي حيثيت ۾ سراج صاحب ملازمن کي حق ڏيڻ ۽ کين خوش رکڻ سان ڪم جا سٺا نتيجا حاصل ڪرڻ ڄاڻندو هو. اهو ئي سبب هو جو ” هلال پاڪستان “ ۾ بونس ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن به سنڌي اخبار ۾ اڳ ڪڏهن ٿيو ۽ نه وري ٿيڻ جي ڪا اميد آهي. ڪير يقين ڪندو ته سراج صاحب جي زماني ۾ ” هلال پاڪستان “ جي هر ملازم کي سال ۾ چار بونس يعني چار مڪمل پگهارون بونس طور ڏنيون وينديون هيون. اڄ اهي سڀ ڳالهيون جڻ ته خواب لڳن ٿيون(11).

* ” هلال پاڪستان “ ڀرپور سنڌي اخباري ادارو هيو. جنهن کي سراج صاحب باقائدي ۽ قانون تحت هلايو. پارٽي جي اخبار هئڻ سبب هو ڪنهن به سفارشي ماڻهو کي اخبار ۾ ملازم رکي سگهيو ٿي، پر هن اشتهارن ذريعي درخواستون گهرائي، ٽيسٽ ۽ انٽرويو ذريعي سليڪشن ڪئي. ٻي ڳالهه ته هر ملازم جو سروس رڪارڊ پڻ رکيو ويندو هيو ۽ ملازمن کي اپائنٽمنٽ آرڊر جاري ڪيو ويندو هيو. جيڪو ان کان اڳ يا پوءِ ڪنهن به سنڌي اخبار ۾ اڄ تائين نه ٿيو آهي. هر ملازم جو جنرل پراويڊنٽ فنڊ ( جي پي فنڊ ) ڪٽيو ويندو هيو ته جيئن رٽائرمينٽ يا نوڪري ڇڏڻ مهل ملازم کيءِ اهي پئسا ملي سگهن. ان سان گڏ گريجوئيٽي به ملندي هئي ته گروپ انشورنس به متعارف ڪرايل هئي. اتفاقي موڪلن ڪانسواءِ ڪمايل موڪلن ۾ ( EARNE D.LEAVE )هڪ سال ۾ هڪ مهينو ملازم جو حق هيو. ملازم تي ڇڏيل هوندو هيو ته هو موڪل وٺي يا موڪل جي عيوض ڏوڪڙ وٺي. اخباري دُنيا ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ سراج صاحب جي انتظامي حوالي سان ڪو به مثال نه ٿو ملي. اهڙي نموني سراج صاحب” هلال پاڪستان “ اخبار کي هڪ اداري جي حيثيت ۾ نهايت ئي سگهارو ۽ فعال ادارو بڻائي ڇڏيو. ۽ هڪ اعليٰ مثال قائم ڪري پنهنجو پاڻ ملهايو(12).

* 1980ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌي جي خادمن جي جماعت ”سروَنٽس آف سنڌ “ جو بنياد پيو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه، محمد ابراهيم جويو ۽ سراج صاحب هن جماعت جو بنياد وجهندڙ هيا. هن جماعت 25 سال سرگرميءَ سان سنڌ جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪئي( 13).

* سراج صاحب هڪ ناميارو قانوندان هيو. هڪ قانوندان جي حيثيت ۾ سراج صاحب قانوني طور سدائين سنڌ جي مفادن جي حفاظت ڪئي.

* سراج صاحب جو جيڪو لکت ۾ ڪم آهي اُن جو ايندڙ وقت ۾ اجا به وڌيڪ قدر ڪيو ويندو ڇاڪاڻ جو سنڌ پنهنجي عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن، ڌرتي ۽ ديس لاءِ پاڻ

پتوڙيندڙن کي سدائين جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن، سچ پچ تہ سراج صاحب پنهنجي سمورين صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي سنڌ جي علمي، ادبي ۽ صحافتي ميدان ۾ بي مثال ڪردار ادا ڪيو.

* اڄ اسان وٽ سراج صاحب نہ آهي، پر هن جي لفظن جا پڙاڏا موجود آهن. سراج صاحب جنهن ” پراڻو سوئي سڌ“ ۽ ” مرڻ مون سين آءُ “ جهڙا ناول لکي سنڌ جي ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ڪيترن ئي سنڌي ليکڪن کي اُتساهيو ۽ هن جي لفظن ڪيترن ئي قلمڪارن کي جنم ڏنو. هو پنهنجي دور جو تمام وڏو ليکڪ هيو. جنهن کي اِهو پورو پورو يقين هو تہ اِها سنڌ ضرور اکيون کوليندي، جنهن کي هٿ وٺي ”غلاميءَ جي ڪوما“ ۾ ڏڪيو ويو آهي . هن پنهنجي ديس کي دل سان پڪاريو. سنڌ ۾ هن وقت جيتري بہ سجاڳي آهي ان ۾ سراج صاحب جي علمي، ادبي جاکوڙ جو بہ اهم حصو ۽ ڪردار رهيو آهي.

* سراج صاحب، جڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ تي لکندو هيو تہ تڏهن اسان جي ذهنن ۾ پوري عالمي ادب جا ڪتب خانا کلي پوندا هيا. سنڌ ۾ تمام ٿورڙا اديب ئي گهڻو پڙهيل رهيا آهن. سراج صاحب انهن مان هڪ هيو. جنهن جو ذوق تمام بلند ۽ مطالعو وسيع هوندو هيو. جنهن جي خواهش هئي تہ: سنڌي ادب جو معيار عالمي معيار کي رسي ۽ ان سلسلي ۾ هن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. هو جنهن بہ نوجوان سان ملندو هيو تنهن کي انگريزي ادب پڙهڻ تي اُتساهيندو هيو(14).

* سراج صاحب کي زندگيءَ جي پڇاڙڪي دور ۾ ان ڳالهہ جو شدت سان احساس جاڳيو تہ : جيڪڏهن سنڌ کي جيئارڻو آهي تہ پوءِ سنڌ ۾ بهترين تعليم جو بنياد رکڻو پوندو. ان سلسلي ۾ هن بنگال جي عظيم شاعر رابندر ناٿ ٽئگور وانگر هڪ مثالي نموني جو تعليمي ادارو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ محمد ابراهيم جويي کي پنهنجي پاران حيدرآباد ۾ هڪ عمارت بہ ڏني ۽ ڏوڪڙ بہ ڏنا تہ اهڙو تعليمي ادارو ٺاهي، ادارن ٺاهڻ پويان انساني ڪوششون ئي شامل رهنديون آهن. اعليٰ انسان ادارا ٺاهيندا آهن تہ جيئن سندن نئين نسل جو آئيندو روشن ٿيندو رهي. سراج صاحب جون محنتون، ايندڙ نسلن کي ڪاميابين جي منزلن ڏانهن ضرور وٺي وينديون. انساني ڪوششون ئي سدائين ڪاميابين ڏانهن وٺي وينديون آهن.



* سراج ريسرچ انسٽيٽيوٽ، ان ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. جنهن ذريعي سراج صاحب جي خوابن کي ساڀيائن جو روپ ملي سگهي ٿو ۽ سنڌ جو ايندڙ نسل اعليٰ تعليم سان سنوارجي پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جي سک، سڪار، خوشحالي ۽ آجپائي لاءِ پنهنجو قومي ڪردار نڀائي سگهي ٿو.

* سراج صاحب، سنڌي شاعري جي حوالي سان بہ نهايت ئي احترام لائق ڪردار ادا ڪيو. سراج صاحب جو جڳ مشهور نظم جنهن ” ون يونٽ “ جي کهري ڪوٽ مٿان لڳاتار وار ڪري، کيس ڪيرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اهو ڪراچي بابت لکيل سندس نظم حاضر آهي-

*

اي- ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي رُوحِ وطن،
تنهنجي ’ماضي‘ کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ- منهنجي ماضيءَ- کي سلام!
ها، اُهو ماضي جو بيحد روشن و تابان هيو-
جنهن ۾ روشن ها اُميدن جا چراغ،
آرزوئن جا هزارين چنڊ اُڀريا ۽ اُميدن جا ستارا جاڳيا،
اَمن و آزاديءَ سندي آڪاشَ تي!
ڪلپنائن ۽ اُمنگن جي ٿڌيءَ چانڊاڻ ۾،
هلڪي هلڪيءَ جوتِ جي مانڊاڻ ۾،
منڙا منڙا گيت ٿي مُرڪيا هتي-
ڄڻڪ هي ڪو ديسُ ئي گيتن جو هو،
گيتن ۽ نغمن جو ديس!

گيت اهڙا جن ۾ هو
ڪنهن سهاڳڻ سُندريءَ جي نرگسي
نيڻن جو ڪيف-
ڇلڪندڙ آبِ حيات!
اي- ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اي- ستارن جي زمين، اي- اَپسرائن جا وطن،
تنهنجي مٽيءَ جي مٿان
اڄ بہ آهن چمڪندر ماضيءَ جا نقش:
تنهنجي مِٽيءَ مان اچي ٿي جا سُڳنڌ،
سا ٻڌائي ٿي هزارين داستان:
اڄ بہ تنهنجون ’بلڊنگون‘ ٿيون ساک ڏين،
اڄ بہ تنهنجا ’گُلڪدا‘ تا ڏَڪندي ڏَڪندي چون:
(جن جي بنيادن تي بيٺل هي ’تجارت گاهہ‘ تا
ڪوڪلي تهذيب جي چُغلي هڻن!)
سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت تون هُئينءَ،
تون هئينءَ سنڌ جي تهذيب جو سُورج مکي:
ڇڻ هئينءَ تون ’شاهہ‘ جي هڪ سورمي!
مذهبي ويڇن کان دور،
تو ۾ هو ڇڻ امنِ عالم جو مثال-
زندگِيءَ جي عزم جي تابندگي،
آدميت جو سُهاڳ!
اي- ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اڳ بہ تون سوداگرن جو شهر هُئينءَ،
اڄ بہ تون سوداگرن جو آن وطن-
پر بنهي ’سوداگرن‘ ۾ فرق آهہ!
اڳ جا سوداگر ڪندا ها صرف هڪ سوداگري-
سِرُ ڏئي پنهنجي وطن کي ’غير‘ کان ڍڪيندا هئا:
اڄ جا سوداگر تہ پيا نيلام ڪن پنهنجو وطن،
’ڪڻڪ جي مُٺِ‘ تي وِڪامي ٿو ’بهشت‘!
اي- ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نہ آهي اجنبي!
تنهنجو ساگر ڪيترو مايوسُ آهہ!
هر گهٽيءَ ۾ لُٽجي پيو ٿو آدميت جو سُهاڳ
سون چانديءَ جي سجايل ’جاندهن‘ ۾،
اندران ئي اندران ڏِس زندگيءَ پسجي پئي،
آبرو لُٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهورا!
’غير‘ ڏس ڪيڏو نہ آهي سر بلند،
ڪيترو مضبوط آ هِت سامراج!
اي- ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجي رنگينيءَ جي پردي ۾ لڪل
ڏسجي ٿو ڪو انقلاب!
وقت جون واڳون ورڻ لاءِ بيقرار!
تنهنجي رستن مان اچي ٿي سرمدي رَت جي پُڪار-
گلشنن جا گل ٿا ڏسجن خُونچڪان،
تنهنجي خاموشين ۾ شايد ٿو هُري سُڏڪن جو ساز
ڪيستائين رهندو آخر هي فريب:
مدتن کان آ زمانو منتظر،
گر ٿو موڙي هٿ نئون ڪو دَور ڏس-
ڏس تہ ڏورانهين اُفق تي پِرهہ آ جاڳڻ لڳي،
چاڪ ٿيندو ظلمتن جو پردهءِ تاريڪ تر،
هر طرف روشن ’حقيقت‘ ٻهڪندي،
سر بلند ٿيندو وري هٿ لوڪ راڄ،
سر نوائي نيٺ ڀڄندو سامراج!
هڪ ٿي ويندينءَ سنڌڙيءَ سان اي ڪراچي نيٺ تون،
روح پنهنجي جسم سان ملندو وري!
اي- ڪراچي، سنڌ جا سينگار اي- روح وطن،
اي -ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن!

*

هي آزاد نظم، سراج، ’ڪراچي‘ سنڌ کان کسي مرڪز جي حوالي ڪرڻ وقت لکيو هو. نظم لکڻ جو اصل سال تہ خبر نہ آهي ڪهڙو هو پر پهريون ڀيرو سماهي مهراڻ، 3- 1956ع ۾ ڇپيو هو.

* سراج صاحب بہ فيبروري 2013ع تي دل جو دورو پوڻ سبب هن دُنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

*


1 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اهڃاڻ، صفحو (06)
2 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اهڃاڻ، صفحو (07)
3 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (30_31)
4 سراج: سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (40)
5 سراج -سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (31)
6سراج- سنڌي ادب ۽ ٻولي جو اُهڃاڻ، صفحو (35)
7 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (42_43)
8 سراج- سنڌي ادب ۽ ٻولي جو اُهڃاڻ، صفحو (46)
9 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (49)
10سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (52)
11 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (52)
12سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (52_53)
13 سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (82_83)
14سراج- سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اُهڃاڻ، صفحو (59)

# شيخ عبدالمجيد سنڌي

يسريٰ سليم

شيخ عبدالمجيد سنڌي انهن سياستدانن ۾ شامل آهي، جن کي مذهبي نہ پر سياسي حيثيت جي ڪري ياد ڪيو ويندو آهي. پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪالمن جي مجموعو "روداد چمن" جي صفحي 69 تي لکي ٿو:

"شيخ صاحب کي ڪڏهن بہ پاڪستان جي خدمت جو موقعو نہ ڏنو ويو. ايوب خان جيئن ئي سرڪاري حڪومت سان سهڪار ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو تہ هن 85 سالن جي پوڙهي ماڻهوءَ کي رڳو ان ڪري جيل ۾ وڌو ويو جو هن "حقوق جي درخواست" جو مسودو تيار ڪيو هو.



درخواست، هڪ چرڪائيندڙ طنز جو هڪ ٽڪرو، ساڳئي صفحي تي راشدي طرفان اڻ سڌي طرح نقل ڪيو ويو آهي:

"اي سلطان بن سلطان، هن وقت پاڪستان جو شهنشاهہ، جنرل ايوب خان، فيلڊ مارشل (بغير هڪ جنگ وڙهڻ جي) وقت ۽ ڌرتي ۽ شام جي بنيادي جمهوريتن جو موجد، خدا توهان جي پاڪستان تي فتح ۽ توهان جي ظالم حڪمراني ٻنهي کي برڪت ڏي، ڇو تہ اصل ۾ تون ئي هئين جنهن هن ملڪ کي انگريزن ۽ هندن ٻنهيءَ کي جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي تيز ترين چالبازيءَ سان شڪست ڏني هئي (جڏهن هندستان جا سياستدان ۽ مسلمان ووٽر رڳو بکواس ڪندا هئا).

"هن وقت، اسان، ڌرتيءَ جا ننڍڙا ننڍڙا انسان، ۽ پائيگاه جي اشرافيہ جا بندوقون، رڳو اوهان کي عرض ڪرڻ گهرون ٿا تہ پاڪستان ۾ رهندڙ بي آواز اينٽروپائيڊ حشرات (جنهن کي اسين ڪڏهن ڪڏهن ملڪ جا شهري بہ چوندا آهيون) انهن کي بنيادي انساني ۽ جمهوري حقن کان وڌيڪ محروم نہ ڪيو وڃي. ڪوڙن واعدن ۽ سياسي چالبازين سان ننگي ڪرڻ بدران انهن کي انساني حقن جي لقاءَ تي اُڇليو وڃي، جيڪو ڪين دنيا جي قومن آڏو نہ ختم ٿيندڙ ذلت کان بچائيندو.

سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "جَنب گُذاريم جن سين" (The People in My Life) ۾ لکي ٿو:

"شيخ صاحب جي ولادت 8 ذوالقعد



1306ھ مطابق آچر 7 جولاءِ 1889ع تي جيٺانند جي نالي سان ٿي. 10 فيبروري 1908ع تي هن اسلام قبول ڪيو ۽ سندس نالو عبدالمجيد رکيو ويو. جڏهن هندن احتجاج ڪيو ته ڪيس لڌيانا موڪليو ويو. جتان هو جلد ئي ڪراچي موٽي آيو. هن حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي.

هن 85 سالن جي پوڙهي ماڻهوءَ کي ايستائين ظلمن جو منهن ڏسڻو پيو جيستائين حالتن ايوب خان کي صدر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو جيتوڻيڪ ملڪ جي عوام کي اجا تائين سندن حق نه مليا. اها رڳو چهري جي تبديلي هئي: ايوب جي جاءِ تي يحيٰ خان آيو.

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جا ابا ڏاڏا سيوهڻ شريف ڇڏي ٺٽي ۾ اچي آباد ٿيا. سندس خاندان جو تعلق هندن جي نياٽي قبيلي سان هو جيڪي پنهنجي ڪتاب سازي جي صلاحيتن جي ڪري مشهور هئا.

هن سياست جي اندروني ڪم کي سمجهي ورتو ۽ سندس چونڊ حڪمت عملي هميشه ڪاميابي جي ضمانت ڏني.

شيخ صاحب کي سنڌ ۽ هند جي سياست جو چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي. هو بين الاقوامي سياسي معاملن جو پڻ مبصر هو. گهڻو ڪري، هن جا سياسي تجزيا درست ثابت ٿيندا ها. سنڌي سياست جي عميق ڄاڻ ڪيس پنهنجي همعصر سياستدانن ۾ هڪ نمايان حيثيت ڏني، جن ڪيس پنهنجي گروهه جي حيثيت ۾ وڏي عزت ڏني.

پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب "اوهين" جي صفحي 162 تي لکي ٿو ته:

هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو جنهن ۾ سر شاهنواز ڀٽو کي سندس گهر واري تڪ تان شڪست ملي. سر شاهنواز کي سنڌ جي سياست مان نيڪالي ڏني وئي. بعد ۾، هن کي بمبئي (هاڻي ممبئي) ۾ حڪومت سان ٺهرايو ويو.

ڪانفرنس ۾ هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو جنهن ۾ آل انڊيا مسلم ليگ کي سفارش ڪئي وئي ته هو آئين جي هڪ اهڙي اسڪيم ناهي، جنهن تحت مسلمان مڪمل آزادي حاصل ڪري سگهن. اهو صوبو سنڌ هو جنهن پهريون پيرو هڪ آزاد مسلم رياست جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

اهو ٺهراءُ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ پيش ڪيو جنهن ۾ سفارش ڪئي وئي ته. "آل انڊيا مسلم ليگ کي آئين جي هڪ اهڙي رٿا ناهڻ گهرجي، جنهن تحت مسلمان مڪمل آزادي حاصل ڪري سگهن".

اڻ ورهايل هندستان جي سمورن صوبن مان فقط سنڌ اسيمبلي ئي هئي، جنهن 3 مارچ 1943ع تي مرحوم جي ايم سيد پاران پيش ڪيل ٺهراءُ پاس ڪيو. سيد پاڪستان جي حمايت ۾ لاهور جي ٺهراءُ جي طرز تي.

تنهن هوندي به، سر شاهنواز جي پوٽي فاطمه ڀٽو ساڳئي واقعي کي پنهنجي يادگيري سان گڏ رت ۽ تلوار جي يادگيري ۾ بيان ڪيو آهي. ڪتاب جي صفحي 43 تي، هوءَ پنهنجي ڏاڏي سر شاهنواز ڀُٽو جي ساراهه ڪندي، ۽ ادل مجيد سنڌي لاءِ ڪي اڻ وڻندڙ لفظ استعمال ڪري ٿي، جيئن "مڪمل اڻڄاڻ" ۽ "ٻاهر".

اهو اهو آهي جيڪو هوءَ چوي ٿو:

1935ع ۾ انڊيا ايڪٽ تحت مختلف صوبن اندر راڄ ۾ ڪائونسلون ٺهيون ۽ آڪٽوبر 1937ع ۾ چونڊون ڪرايون ويون، انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سياسي پارٽيون ڪونه هيون، ان ڪري اها اليڪشن هئي جيڪا تمام ٿورن ماڻهن لاءِ کليل هئي يعني طاقتور ۽.

پيو ڪير ٻه نه. سر شاهنواز ڀٽو غلام مرتضيٰ جو پٽ ۽ انگريز قابضن پاران تڪراري طور تي نائيٽ جو نشانو بڻيل، سندس اباڻي شهر لاڙڪاڻي مان اليڪشن ۾ بيٺو. هو وڏو زميندار، معزز ماڻهو ۽ وڏو اثر رسوخ وارو مقامي ماڻهو هو. پر هو وڃائي ويٺو. مڪمل نامعلوم شيخ عبدالمجيد سنڌي سر شاهنواز کي چونڊن ۾ شڪست ڏني. سنڌي ضلعي جو رهاڪو نه هو. هو هڪ ٻاهران ماڻهو هو. جنهن ۾ پوئتي هٽڻ جي ڪا به شهرت نه هئي. ان وقت اها افواهون هيون ته سنڌين کي پاڻ ۾ آندو ويو هو ۽ ان جي حمايت ڀٽو صاحب جي هڪ حصي طرفان ڪئي وئي هئي، جيڪي سر شاهنواز کي سندس مقامي اقتدار کان فارغ ڪرڻ جي خواهشمند هئا.

فاطمه ڀٽو وڌيڪ ٻڌائي ٿي ته ”سر شاهنواز پراڻي دور جو ماڻهو هو. هن محسوس ڪيو ته هن جي نقصان سان خيانت ڪئي وئي جيڪا هڪ خودڪار فتح ٿيڻ گهرجي ها، پر هن مسئلي کي وڌيڪ نه وڌايو. هن 1938ع ۾ پنهنجي گهر ڀاتين کي ساڙي سنڌ ڇڏيو.



شيخ صاحب هڪ سادو ماڻهو هو جنهن کي مسلم ليگ سان جذباتي وابستگي هئي، جنهن کي هو واقعي منظم ڏسڻ چاهيندو هو. هن آل انڊيا مسلم ليگ جي سنڌ شاخ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪجهه سياسي اڳواڻن کي پنهنجي گهر گهرايو ته جيئن ان جي شروعات تي بحث ڪيو وڃي.

هن ملاقات جو تفصيل جِي الانا پنهنجي پيش لفظ ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي: زندگي ۽ حاصلات (خان محمد پنهور جي ترتيب) ۾ بيان ڪيو آهي. الانا چوي ٿو:

”مان دعوت ڏنل ماڻهن مان هڪ هوس. مجموعي طور تي، 12 کان مٿي ماڻهن هن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. شيخ صاحب جي گهر ۾ 12 ڪرسيون نه هيون ۽ اسين سڀ فرش تي ويٺا هئاسين. شيخ صاحب اسان کي سنڌ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي شاخ منظم ڪرڻ جي اهميت سمجهائي. ان لاءِ هن هڪ تمام زبردست ۽ قائل ڪيس ڏاهيو. اسان سڀني سندس تجويز سان اتفاق ڪيو. اسان اتفاق راءِ سان شيخ صاحب کي نئين ٺهندڙ سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو. سوال اهو پيدا ٿيو ته پارٽي جو سيڪريٽري جنرل ڪير هوندو؟ اسان جي وچ ۾ اهو اتفاق ٿي ويو ته چونڊ کي پاڻ شيخ صاحب تي ڇڏيو وڃي.

هن 85 سالن جي پوڙهي ماڻهوءَ کي ايستائين ظلمن جو منهن ڏسڻو پيو جيستائين حالتن ايوب خان کي صدر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو جيتوڻيڪ ملڪ جي عوام کي اڃا تائين سندن حق نه مليا. اها رڳو منهن جي ڦيرڦار هئي: ايوب جي جاءِ تي يحيٰ خان آيو.

جنهن ماڻهوءَ اسلام قبول ڪيو ان جي آواز کي پنهنجي مسلمان ڀائرن جي آواز ۾ شامل ڪيو ۽ هڪ الڳ وطن لاءِ سندن ڪوشش ۾ شامل ٿيو ان جي خدمتن جو بدلو ملڻ بجاءِ ان کي سياسي طور بي دخل ڪيو ويو.

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي گهڻ رخي شخصيت کي ڪنهن به ڪتاب ۾ پوريءَ طرح سمائي نه ٿو سگهجي. ان جي فقط هڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ جي منهنجي ڪوشش آهي، پر ڪافي آهي.

# جسماني ۽ ذهني صحت لاءِ
# غير نصابي سرگرمين کي به اهميت ڏيو

امام ڏنو

جڏهن اوهين ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺندا آهيو ته ڏاڍي ڏيان ۽ چنڊڇاڻ ڪان پوءِ چونڊيندا آهيو ڇو ته ڪاليج ۽ يونيورسٽي، اسڪول جي تعليم ڪانپوءِ ڪيريئر چونڊڻ جو وڏو سبب هوندو آهي ته اوهين ڪهڙي موضوع، ڪهڙي مضمون ۾ دلچسپي رکو ٿا. ظاهر آهي ته اوهين ان ڏس ۾ تعليمي نصاب، فيڪلٽي ۽ سهولتن تي سمجهوتو ناهيو ڪندا. تعليمي اداري جي سيني خوبين ۽ اوڻاين کي سامهون رکندي اوهين اُتي قدم رکو ٿا پر اوهين سڄو سال رڳو پڙهائي نٿا ڪري سگهو هر وقت پڙهڻ، ليڪچر ٻڌڻ، اسائنمنٽس جي تياري ۽ وائيواز جي تياريءَ ۾ رُڌل هئڻ واري ڪرت ڪارڻ ڪڏهن ڪڏهن اوهان جي دل پڙهائي تي ناهي لڳندي ۽ اوهان جو من ڪندو آهي ته ڪجهه وندر ۽ ورونهن به هئڻ گهرجي. ان لاءِ غير نصابي سرگرميون پڙهائيءَ مان بوريت ۽ ڏيان کي هٽ جاءِ ڪرڻ لاءِ لاپائيتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون. ان ڏس ۾ جيڪڏهن اوهين ڪاليج يا يونيورسٽي جي غير نصابي سرگرمين جهڙوڪ بيت بازي، تقريري مقابلا، ڪرڪيٽ، هاڪي، ٽينس، بيڊمنٽن، اسڪوائش يا ميگزين ۾ لکڻ ڪي به ڏسڻو پوندو ته آيا هتي والي بال، فٽبال، ڪبڊي سميت ڪهڙيون رانديون آهن جيڪي اوهانکي اولمپڪ مقابلن لاءِ تيار ڪري سگهن ٿيون ۽



اوهين مستقبل جا وڏا رانديگر ٿي ملڪ جو نالو روشن ڪرڻ سان گڏ پاڻ کي ذهني ۽ جسماني صحت سان به مالا مال ڪندي هڪ متوازن حياتي گهاري سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهين امتحانن مان واندا ٿي چُڪا آهيو ۽ اوهان وٽ ٿورا ڏينهن واندڪائي آهي ته ان کي غير نصابي سرگرمين ۾ ڪتب آڻيو پر ان لاءِ اوهان کي دانشمنديءَ کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ دانشمند شاگرد اهو آهي جيڪو مستقبل کي سامهون رکندي اهڙي راند ۽ وروهن وندر جي چونڊ ڪري جيڪا کيس رانديڻ جي دنيا ۾ وڏي ماڳ تي رسائي.

جيئن پڙهائيءَ لاءِ اهڙي مضمون جي چونڊ ڪرڻ جنهن ۾ اوهان جو چاهه آهي ته اُن ۾ اوهان سُٺا نتيجا ماڻي سگهو ٿا ۽ ذهني صحت کي سگهارو ڪري سگهو ٿا. ساڳيءَ ريت جسماني صحت لاءِ ورزش، پنڌ هلڻ، ڊڪڻ جي مقابلن سميت اهڙين رانديڻ کي وندر جو مرڪز ڪرڻو پوندو جنهن کي اوهان چاهيو ٿا، ڇو ته انسان جي اها فطرت آهي ته هُو رڳو اهڙي شيءِ يا ساهواري تي ڌيان ڏيندو آهي جنهن سان هن کي پيار هوندو آهي ڇو ته زندگيءَ ۾ پيار ئي وڏي وِٽ ۽ حوصلو آهي جنهن تي سوڀ ملندي آهي، جنهن وندر سان لڳاءُ هوندو آهي ان مان اوهين لطف به ماڻي سگهو ٿا. شاگردن جي گهڻائي رڳو پنهنجي جاب پروفائل ۽ ايپليڪيشنز ۾ خالي جاءِ پرڻ لاءِ راند يا ٻين سرگرمين ۾ حصو وٺندا آهن، ڇو ته اوهان جي ڪاليج، يونيورسٽيءَ جي ضرورت هوندي آهي ته گڏو گڏ ڪنهن به هوشيار شاگرد لاءِ پڻ وڏو موقعو به آهي ته هُو اسپورٽس مين شپ جو مظاهرو ڪندي تعليمي ڪارنامن سان گڏ راند جي ميدان ۾ به سوڀ حاصل ڪري سنڌ جو مان جڳ ۾ نيارو ڪري سگهي ٿو جهڙيءَ ريت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ پريميئر ليگ متعارف ڪرائيندي پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيم کي شاهنواز ڏاهاڻيءَ جهڙا فاسٽ بالرز ڏنا. ساڳيءَ ريت سنڌ سرڪار اولمپڪ گيمز سان گڏ فٽبال جهڙي وڏي راند کي به پنهنجي ڌيان جو مرڪز ڪيو آهي. هاڻ اهو سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين تي ڇڏيل آهي ته هُو ڪهڙيءَ ريت سنڌ سرڪار جي اسپورٽس مين ويمن شپ کي ڪيئن اڳتي وڌائن ٿا. هيٺ ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندڙ ڪجهه غير نصابي سرگرمين بابت ٻڌايو پيو وڃي جن منجهان ڪنهن هڪ يا ٻن ۾ پنهنجي دلچسپي ۽ رجحان موجب حصو وٺي سنڌ جو نالو روشن ڪري سگهو ٿا.

### اڪيڊمڪ ٽيم ۽ ڪلب

ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي اسپورٽس ٽيم يا ڪلب ۾ شامل ٿيڻ جو مطلب هي آهي ته اوهين مقابلي جي ڊوڙ کي سنجيدگيءَ سان وٺو ٿا ۽ صحتمند مقابلي بازيءَ وسيلي پنهنجي صلاحيتن جو اظهار عُمدگيءَ سان ڪري سگهو ٿا. ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي ڪرڪيٽ، هاڪي يا فٽبال ٽيم يا ڪنهن به ٻئي اسپورٽس ٽيم جا جيڪڏهن اوهين اهم ميمبر آهيو ته اوهين قومي سطح تي به پنهنجي سڃاڻپ ناهي سگهو ٿا. رانديڻ ۾ حصو وٺڻ سان اوهين فٽ رهو ٿا، رت جي رواني بهتر ٿيندي آهي ۽ ان سان دماغ بهتر ڪم ڪندو آهي. اوهين مصروف رهندي واندڪائيءَ جي اجاين پُورن ۽ خيالي پلاءَ پچائڻ کان پاڻ کي بچائي اعصابي مريض ٿيڻ کان روڪي سگهو ٿا.

### تقرير ۽ خطابت

حالات حاضره (Current Affairs) يا ڪنهن به ڏنل موضوع تي دليل سان ڳالهائڻ، ان جو بچاءُ ڪرڻ يا ان لاءِ قائل ڪرڻ هڪ زبردست صلاحيت آهي. فصاحت ۽ بلاغت سان تقرير ڪندڙ شاگرد شاگردياڻيون ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي اک جو تارو هوندا آهن. جيئن اوهين زباني ڪلامي پنهنجي خيالن سان ٻين کي متاثر ڪندا ۽ کين پنهنجو همنوا ڪيو ٿا ساڳيءَ ريت اوهين پنهنجي امتحان ۾ پنهنجي جامع ۽ مدلل لکتن سان مهتمن کي به متاثر ڪري سگهو ٿا. ايترو ئي نه پر جي اوهان جو سياسي ۽ اسلامي ذهن آهي ته ان لاءِ تقرير ۽ خطابت ته انتهائي ضروري آهي. خطابت جي فن ۾ پختگي ئي هڪ سياستدان، عالم ۽ استاد جي وڏي ۾ وڏي صلاحيت هوندي آهي جنهن ۾ هُو ٻڌندڙن تي سحر طاري ڪري ڇڏي ٿو.

### لطيف فن

توهان پل ميٿ، فزڪس يا ڪيمسٽري پڙهندا هجو پر جيڪڏهن اوهين تخليقي صلاحيتن جا مالڪ آهيو ته پوءِ سائنس سان گڏ اوهان لاءِ لطيف فن سان چاهت اڻٽر آهي. لطيف فن کي اسين سوشل سائنس چئون ته وڌاءُ نه ٿيندو. آرٽس اينڊ سائنس جو لاڳاپو ايڏو اڻوٽ آهي جهڙوڪ ذهن سان گڏ جسم جي سگهه لاءِ آرٽس ۽ سائنس جو ميلاپ اينئن ضروري آهي جيئن تخيل کي عملي صورت آڻڻ لاءِ روح جو لباس جسم- جڳ مشهور سائنسدان آئن اسٽائن وائلن وڄائيندو هو تنهن لاءِ به ڏنڊ ۾ ٻيڙيءَ تي ويهي سير سان گڏ وائلن جا سُر وکيريندو هو. سنڌس من پسند اديب جيمز جوانس هو. آئن اسٽائن مذهب کانسواءِ سائنس کي انڌو چيو. اهڙيءَ ريت دنيا جا وڏا سائنسدان جن نوبل انعام ماڻيا سي به باڪسنگ، ايٿليٽڪ جهڙين وندرن کانپوءِ ليبارٽريءَ جو رخ ڪندا هئا. ذهني مشق سان گڏ جسماني مشق به ضروري ڄاڻندا هئا. جيڪڏهن اوهين به تخليقي

صلاحيتن جا مالڪ آهيو ته ان جو اظهار ڪرڻ کان نه ڪيٻايو تخليقي فن جهڙوڪ ميوزڪ، ڊراما يا ويزوَل آرٽس جي سرگرمين ۾ حصو وٺو ايئن ڪرڻ سان پڙهائيءَ تي ڌيان ڏيڻ ۾ مدد ملندي. اوهين ڪاليج، يونيورسٽيءَ جي نمائندگي ڪندي قومي ۽ بين الاقوامي مقابلا کٽي پنهنجي سڃاڻپ به قائم رکي سگهو ٿا.

## انٽرن شپ

ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي جيڪڏهن اوهانکي قبوليت جوڳي انٽرن شپ جو موقعو ملي ته اُن کي هٿان وڃائڻ نه ڏيو ڇو ته پيشيوراڻي عملي زندگيءَ ۾ وک وڌائڻ کان پهريان اهو لاياٺتو قدم آهي ته اوهين پنهنجي موضوع موجب ڪنهن فيڪٽري يا ميڊيا هائوسز ۾ ٻه ٽي مهينا ڪم ڪري ڏسو ته مارڪيٽ ۾ هنر جي ڪهڙي ڪرت آهي جيڪا تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اوهان کي سٺي نوڪريءَ لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي. انٽرن شپ ڪرڻ سان اوهانکي پنهنجي صلاحيتن سان گڏ انهن خامين جي به خبر پوندي آهي جن کي ڪاروباري حياتيءَ ۾ قدم رکڻ کان اڳ ختم ڪرڻ ضروري آهي. ان سان اوهانکي اها پروڙ به پوندي آهي ته اوهان ۾ ذهني دٻاءُ برداشت ڪرڻ يا ڪورس جو لوڊ کڻڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي.

## ڪلچر ڪلب

شاگردن کي سماجي ٻراين کان پري رکڻ لاءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ثقافتي سرگرميون به منعقد ڪندا رهندا آهن ۽ ان لاءِ ڪلچرل ڪلب به تشڪيل ڏيندا آهن. هن ڪلب هيٺ مقامي ۽ غير مقامي يعني عوامي سطح تي ٿيندڙ ثقافت کي اجاگر ڪيو ويندو آهي، جهڙيءَ ريت سنڌ سرڪار وڏي پيماني تي سنڌي ٽوپي اجرڪ ۽ سنڌ فيسٽيول وسيلي ادبي ثقافتي سرگرمين کي وڌائي ويجهائي رهي آهي. قومي ڏهاڙن جهڙوڪ 23 مارچ، يوم پاڪستان، 14 آگسٽ، قيام پاڪستان وغيره جي تقريبن جو انعقاد ڪيو ويندو آهي. فلاح بهبود جا پروگرام ترتيب ڏنا ويندا آهن ۽ قومي هيروز جي ياد ۾ پروگرام ڪيا ويندا آهن ته جيئن شاگرد شاگردياڻيون اسٽريٽ ڪرائيم کان بچي ڪلچرل ڪلب ۾ شامل ٿي روشن سنڌ جو بنياد وجهن.

## رضاڪار ڪميونٽي سروسز

ڪيترائي ڪاليج ۽ يونيورسٽيون سماجي سطح تي رضاڪاراڻا ڪم به ڪرائينديون آهن. مثال طور ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ٻاهران رستن جي صفائي مهم، ساموندي ڪناري تان گند ڪچرو گڏ ڪري، ٻوٽا پوکي ماحولياتي گدلاڻ تي ضابطو آڻڻ، باغن کي نئين سر سينگارڻ- اهي اهڙيون ڪرتون آهن جن ۾ اوهين وڌ ۾ وڌ حصو وٺي سگهو ٿا. هونئن به هن ڪلچر جو صدين کان وندي ورهائي گڏيل دستر خوان تي کائڻ جو ڪلچر رهيو آهي. ساڳيءَ ريت ٻيو ڪجهه نه ته محلي پاڙي جي مستحق ٻارن کي ئي علم جي روشنيءَ سان منور ڪيو. جي اوهين سٺا آرٽس، پينٽر، چترڪار آهيو ته ٻين کي آرٽ جي تعليم ڏئي سگهو ٿا.

## ڪاليج يونيورسٽي ميگزين

ٽه ماهي يا ڇهه ماهي يا ساليانى بنيادن تي ڪاليج ۽ يونيورسٽيون پنهنجا تحقيقي ادبي رسالا ۽ نيوز ليٽرز شايع ڪندا آهن تن ۾ اوهين لکاريءَ جي حيثيت سان شامل ٿي سگهو ٿا. پنهنجا لکيل ليک پڌرا ڪرائي سگهو ٿا، جنهن سان ٻين شاگردن شاگردياڻين جو به فائدو ٿيندو. اوهان ۾ ايڊيٽر جي صلاحيت آهي ته اوهين انهن پرچن، رسالن جا ايڊيٽر، چيف ايڊيٽر به ٿي سگهو ٿا. هونئن به تحقيقي مقالا لکڻ لاءِ به ته اظهار جي سگهه کپي پوءِ اُها سگهه تحريري هجي يا زباني ڪلامي، پڙهت لکت ۾ ٻڌت کي سليقو کپي. اهڙي ئي طاقت ڪري اوهان کي وڏا سائنسدان ساڳي وقت اديب به ملندا. جيئن سگمنڊ فرائيڊ جون لکتون يا وري اسانجي پنهنجي سرتاج شاعر شاهه ڀٽائيءَ جي شاعري، جدت جي چوليءَ ۾ رڱيل شيخ اياز، تنوير عباسي، استاد بُخاريءَ جي شاعراڻي ڪٽ کي پروڙڻ پرجهڻ سوجهڻ لاءِ اوهان کي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ اهو عشق ڪرڻو پوندو جيڪو موسيقي جي سُرن جي پسمنظر ۾ خشڪ دماغ سائنسدان کي احساس ڏياري سگهي ٿو ته همدردي ۽ نظر جو حياءُ ڇو ضروري آهي. رومانوي ذهن جي ملاقات جسماني ذهن سان به هئڻ گهرجي.

## ايٿليٽڪس

راندين ۾ حصو وٺڻ سان اوهان جي ٽيم ورڪ، ليڊرشپ ۽ جوش جنون جي پروڙ پوندي آهي. ايٿليٽڪس سرگرميون جهڙوڪ هلڻ، ڊڪڻ، ورزش ڪسرت ڪرڻ، باڪسنگ، ويٽ لفٽنگ وغيره توهان ۾ فٽنيس ۽ جذبي کي پروان چڙهائن ٿيون. پڙهائيءَ سان گڏ اهڙي قسم جون سرگرميون زندگيءَ ۾ توازن آڻينديون آهن ۽ مسابقت جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. اهو دوست جنهن کي اوهين ميٽ مارڪس ۾ هارائي نه سگهيا، تنهن کي ريس ۾ هارائي اوهين پنهنجي منفي سوچن کي ختم ڪري سگهو ٿا. مسابقت ۽ مقابلي جو جذبو ۽ کٽڻ جو احساس اوهان جي ايندڙ زندگيءَ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪندو ڇو ته سوڀ انهن کي ملندي آهي جي سوڀ لاءِ دل جان سان آسوند هوندا آهن.

# ريفائنڊ ۽ اڻ ريفائنڊ تيل ۾ فرق

محمد مبين

تيل جي هاٽوڪي شڪل کي ريفائنڊ تيل سڏيو ويندو آهي. يعني پراسس ڪيل يا صاف تيل، آءٌ سڀ کان پهرين اوهان جي ڄاڻ ۾ اها ڳالهه آڻڻ چاهيان ٿو ته ڪينولا آئل آخر اسان جي خوراڪ جو حصو ڪيئن بڻيو؟ صدين کان اسان جا ابا ڏاڏا سرنهن، کوپرو، زيتون ۽ ديسي گيهه استعمال ڪندا پيا اچن، اهو هڪ مڪمل آرگينگ تيل هو جيڪو بهتر صحت جي اصولن موجب تيار ڪيو ويندو هو ان ۾ سڀ کان وڌيڪ سرنهن جو تيل استعمال ڪيو ويندو هو ڇو ته اهو سستو به هو ۽ آسانيءَ سان ملي به ويندو هو ۽ صحت لاءِ به فائديمند هوندو هو.




70ع جي ڏهاڪي ۾ آمريڪا ۽ يورپ مان آواز اٿيو ته سرنهن جي تيل ۾ اوميگا 9 يعني ايرڪ ايسڊ (Erick Acid) وڌيڪ مقدار ۾ آهي جيڪو دل جي بيمارين جو سبب بڻجندو آهي، ان سان گڏوگڏ جانورن جي چربي، ديسي گيهه ۽ مکڻ کي به صحت لاءِ هاڃيڪار قرار ڏنو ويو. جڏهن ان جي تمام گهڻي مشهوري ڪئي وئي ته پوءِ مارڪيٽ ۾ ڪينولا آئل متعارف ڪرايو ويو ۽ اهو چيو ويو ته ان ۾ ايرڪ ايسڊ نه هجڻ برابر آهي ۽ تيل صحت لاءِ بهترين آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪيناڊا ڏاڍا ڏڙ تيل ناهڻ لڳو. معاملو اهو هو ته (Erick Acid) جي معمولي مقدار کي وڌائي پيش ڪيو ويو ته جيئن سندن ڪاروبار شروع ٿي سگهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ڪينولا به سرنهن جي تيل جوئي هڪ قسم آهي، جنهن کي مٺي سرنهن سڏيو ويندو آهي، ان ڪانپوءِ ڪينولا آئل ۽ ريفائنڊ آئل کي هٿي ملي ۽ سڄي دنيا ۾ ان جو استعمال عام ٿي ويو پر پوءِ ان جا صحت لاءِ هاڃيڪار اثر سامهون اچڻ لڳا ۽ سڄي دنيا ۾ شگر، بلڊ پريشر، ٿولهه، دل جون بيماريون ۽ ڪينسر جو مرض عام ٿيڻ لڳو ايئن ڇو ٿيو؟ اچو ته ان جا سبب ڄاڻون.

ڪينولا آئل هڪ GMO خوراڪ هئي، ان جو مطلب آهي ته اهڙي خوراڪ جنهن ۾ جينياتي انجنيئرنگ ذريعي ليبارٽري ۾ تبديلي ڪئي ويندي آهي اهو چاڪاڻ ته فطرت خلاف آهي ان لاءِ مڪمل آرگينڪ نه آهي. ٻيو طريقو هائبرڊ سڏيو ويندو آهي جيڪو مقامي طور تي آبادگار هٿرادو ملاوٽ ذريعي ٻن قسمن جي ڪراس بريڊنگ ڪري ڪندا آهن هڪ ٻوٽي تي ڪنهن ٻئي ٻوٽي جو قلم لڳائڻ اهو آرگينڪ طريقيڪار آهي. ٻي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته هاٽوڪي تيل کي پراسس يعني ريفائنڊ ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙي عمل ۾ ان ۾ صحت لاءِ مفيد عنصر خاص طور تي Omega نه هجڻ برابر رهجي ويندا آهن ۽ نقصان ڏيندڙ

ڪوليسٽرول يعني LDL جو مقدار وڌي ويندو آهي. ريفائننگ جو اهو عمل ڳري مشينري ذريعي ڪيو ويندو آهي ۽ ان عمل دوران ان جو رنگ سونهري ڪرڻ، بدبوءِ ختم ڪرڻ ۽ ڊگهي عرصي تائين محفوظ بڻائڻ لاءِ ان ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل شامل ڪيا ويندا آهن ۽ گهڻي دير تائين هيوي هيٽ ڏني ويندي آهي.

اها ڳالهه به ذهن ۾ رهي ته تيل جي پراسيسنگ ۾ هيٽ تمام گهڻي اهميت رکندي آهي. ريفائننگ جي ان عمل دوران تيز گرمي پد ۾ ڪيميڪل ان مان سموريون قيمتي ۽ قدرتي خوبيون ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان جي بدران اهو تيل ٽرانس چربي جي مقدار کي وڌائي ڇڏيندو آهي جنهن سان غير صحت بخش ڪوليسٽرول يعني LDL ڪوليسٽرول، ٽرائگليرائڊز ۽ انسولين جي سطح وڌي ويندي آهي ۽ فائديمند HDL ڪوليسٽرول جي سطح گهٽجي ويندي آهي. اَن ريفائنڊ تيل يقيني طور تي ريفائنڊ تيل کان وڌيڪ صحت بخش هوندو آهي ڇو ته اهو بنا ڪيميڪل ۽ گهٽ پراسيس سان تيار ٿيندو آهي. اَن ريفائنڊ تيل اڳي گهاڻن ۾ تيار ٿيندو هو هڪ وڏي ڏونگي ۾ سرنهن جو ٻج وجهي ان کي ڪاٺي ۽ ڏاندن جي مدد سان پيڙهي تيل ڪڍيو ويندو هو. اهڙي عمل کي ڪولڊ پروسيس سڏيو ويندو آهي جنهن ۾ تيل قدرتي حالت ۾ رهجي ويندو آهي ڇو ته تيل کي هيٽ به گهٽ لڳندي آهي ۽ ڪيميڪل به شامل ناهن ڪيا ويندا بس رڳو ان کي ڊگهي عرصي تائين نه رکي سگهبو آهي. تيل ڪڍڻ ڪانپوءِ ٽن مهينن جي اندر اندر استعمال ڪرڻو پوندو آهي. هاڻي گهاڻن جي جاءِ موٽر مشينن ورتي ڇڏي آهي باقي طريقيڪار ساڳيو ئي آهي. جڏهن تيل کي گهڻو گرم ڪيو وڃي ۽ ان مان دونهون نڪرڻ لڳي ته اهڙي عمل کي Smoke Point سڏيو ويندو آهي. تيل مان دونهون نڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن ان کي باهه تان هٽايو وڃي يا باهه گهٽ نه ڪئي وڃي ۽ ان ۾ ايئن ئي دونهون نڪرندو رهي ته ان مان صحت بخش عنصر ته ختم ٿي ئي ويندا آهن گڏوگڏ اهو تيل بلڪل زهريلو بڻجي ويندو آهي جيڪو صحت لاءِ ۽ خاص ڪري دل لاءِ قاتل زهر آهي. عام طور تي فيڪٽرين ۾ پراسيسنگ جو عمل سنو ناهي هوندو ڇو ته اُتي پراسيسنگ دوران هيٽ جو خيال ناهي رکيو ويندو ۽ تيل صحت لاءِ هاڃيڪار ٿي ويندو آهي ۽ ان تي دعويٰ ڪئي ويندي آهي ته هي تيل ريفائنڊ يعني صاف ۽ شفاف تيل آهي. ظاهري طرح ڏسڻ ۾ تيل صاف ۽ شفاف ٿي نظر ايندو آهي پر حقيقت ۾ غير فائديمند ۽ نقصان ڏيندڙ هوندو آهي.

اها ڳالهه به ڄاڻ ۾ هجڻ ضروري آهي ته صحت کي سامهون رکندي فراءِ ڪرڻ لاءِ تيل کي فقط ٻه پيرا ۽ اهو به گهٽ وقت لاءِ ئي استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانپوءِ اهو تيل استعمال جي قابل نه رهندو آهي. هاڻي ان تناظر ۾ بازار ۾ فراءِ ڪرڻ وارن کي ذهن ۾ آڻيو هڪ ته اُهي ريفائنڊ تيل استعمال ڪندا آهن جيڪو اڳ ئي نقصانڪار هوندو آهي، ان جي مٿان وري هُو ان کي لڳاتار استعمال ڪندا رهندا آهن. جيڪو پڇي پڇي ڊيزل وانگر ۽ قاتل زهر بڻجي ويندو آهي، ان ڪري بازار جون فراءِ ڪيل شيون سخت نقصانڪار هونديون آهن خاص طور مڇي ڇو ته اها ڊيپ فراءِ ۾ سڄو ڏينهن استعمال ٿيندڙ تيل ۾ پچائي ويندي آهي. پوءِ سڀ کان وڌيڪ نقصانڪار ڊيپ فراءِ آهي. ان لاءِ هميشه Shallow فرائي ڪندا ڪريو. پين ۾ ضرورت موجب تيل وڌو وڃي جڏهن ته ان جي اُبتڙ اسان وٽ ڪڙهائي ۾ پين کي آئل سان لڳ ڀڳ اڌ تائين ڀريو ويندو آهي. سڀ کان وڌيڪ اسموڪ پوائنٽ ايووڪاڊو (avocado) آئل جو آهي جيڪو 271 ڊگري سيليس آهي. يعني اهو تيل تيز هيٽ ۾ وڌيڪ دير تائين پچڻ سان به ناهي سڙندو اهڙي طرح اهو فراءِ لاءِ بهترين آهي پر اهو مهانگو هجڻ ڪري عام عوام جي پهچ کان ٻاهر آهي. ان ڪانپوءِ ديسي گيهه جيڪو 250 ڊگري آهي ليڪن اهو به مهانگو آهي.

سرنهن جو تيل 249 ڊگري، سن فلاور 232 ڊگري، ڪنولا 204 ڊگري، زيتون جو 160 ڊگري ۽ ناريل جو 177 ڊگري آهي. انهن سڀني مان صحت لاءِ سڀ کان بهترين ديسي گيهه ۽ زيتون جو تيل آهي پر اُهي ٻئي مهانگا هجڻ ڪري عام استعمال لاءِ ممڪن نه آهن. زيتون يعني Olive oil جو اسموڪ تمام پوائنٽ گهٽ آهي. ان لاءِ ان کي هلڪي باهه ۽ گهٽ وقت تائين پچندڙ کاڌن لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. بهترين پسند مسٽرڊ آئل يعني سرنهن جو تيل آهي جنهن جو اسموڪ پوائنٽ به وڌيڪ آهي ۽ صحت لاءِ به گهڻو ڪارائتو آهي. ڏهي، مکڻ، ديسي گيهه، جانورن جي چربي ۽ Nuts جو استعمال ضرور ڪريو. تازو ڪيل ريسرچ مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته انهن خوراڪن جو دل جي بيماري، ٿولهه ۽ شگر سان ڪو تعلق نه آهي، اُهي جسم جي فٽنيس لاءِ صحت بخش آهن جيڪي صحت مند ڪوليسٽرول HDL کي وڌائيندا آهن.

### سنڌ حڪومت پاران برسات متاثر

# آبادگارن جي بحاليءَ لاءِ شروع ڪيل ”ٻج سبسڊي پروگرام“

سفير احمد

سنڌ ۾ گذريل سال غير معمولي برساتون پيون، جنهن سبب صوبي جا 19 ضلعا سخت متاثر ٿيا ۽ لڳ ڀڳ 100 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي گڏ ٿي ويو. برسات ۽ ٻوڏ کان پوءِ جتي جاني توڙي مالي نقصان ٿيو اُتي صوبي جون 35 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زرعي زمينون ۽ فصل تباھ ٿي ويا. سنڌ ۾ جولاءِ کان آگسٽ تائين سارين جو پيجارو پوکيو ويندو آهي، جنهن لاءِ زمينن کي پاڻي سان پريو ويندو آهي، پر جڏهن آگسٽ ۾ شديد برساتن جو سلسلو شروع ٿيو تہ اُهي فصل مڪمل طور تي ٻڏي ويا.

پاڪستان دنيا ۾ ڪپھ جي پيداوار جي لحاظ کان پنجون وڏو ملڪ آهي. شديد برساتن ۽ ٻوڏ سبب تقريبن 14 لک ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضي تي پوکيل ڪپھ جو فصل بہ خراب ٿي ويو. پاڻي ۾ ٻڏل فصل مان جيڪا ڪپھ بچي وئي ان جو ڪوالٽي معيار بهتر نہ رهيو، اهڙي صورتحال ۾ زميندارن، هارين، مل مالڪن ۽ مزدورن سڀني جي آمدني متاثر ٿي.

سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، خيرپورميرس، شڪارپور، ميرپورخاص سنڌ جا وڏا شهر آهن، انهن شهرن جي معيشت بہ آسپاس موجود ڳوٺن جي زراعت تي پاڙي ٿي. زرعي فصل سٺا لهندا آهن تہ انهن شهرن ۾ بہ خوشحالي هوندي آهي، جيڪڏهن زراعت بدحاليءَ جو شڪار هوندي آهي تہ اهي شهر بہ معاشي سرگرمين جي لحاظ کان ٻاڙائي جو شڪار هوندا آهن. ٻوڏ سبب آيل زرعي تباهي ڪارڻ سنڌ ۾ مجموعي طور صورتحال اها آهي تہ ماڻهو هن مهانگائي جي دور ۾ ماني ڳپي لاءِ پريشان آهن. ان ڪارڻ هر روز مختلف علائقن مان خودڪشيءَ جون خبرون پڙھ اچي رهيون آهن. ان جو واحد سبب معاشي بدحالي آهي. ماڻهن جا گهرگهاٽ ڊهي پيا تہ ماڻهو چيرا ۽ تنبو هڻي عارضي اجهن ۾ ويهڻ تي مجبور ٿي ويا.

تازو پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت ٻوڏ ستايل ماڻهن جي سهائتا ۽ زراعت جي بحالي جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جيڪو نهايت مثبت ڪم آهي، تازو پ پ جي چيئرمين ۽ وفاقي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪمپيوٽر جو بٽڻ دٻائي ”ٻج سبسڊي پروگرام“ جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي 12 ايڪڙن تائين زرعي زمين رکندڙ هارين ۾ 5000 هزار رپيا في ايڪڙ ورهائڻ واري عمل جي شروعات ڪئي ۽ 8.39 ارب رپيا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي منتقل ڪيا ويا.



وزيراعليٰ هائوس ۾ رٿيل پروگرام ۾ سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه ايم اين اي فريال ٽالپر، سيد قائم علي شاهه، نثار کهڙو، وفاقي وزير شازيه عطا مري، منظور وسان، صوبائي وزيرن، چونڊيل ميمبرن سميت عورتن ۽ مرد آبادگارن خصوصي طور شرڪت ڪئي.

انگن اکرن مطابق 2022ع جي ٻوڏ 4.4 ملين ايڪڙ زمين مان 3.6 ملين ايڪڙن تي بيٺل خريف جو فصل تباهه ٿي ويو جنهن سبب هارين کي 421 ارب رپين جو نقصان ٿيو. فصل جي تباهيءَ صوبي ۾ کاڌ خوراڪ ۾ معاشي مسئلا پيدا ڪيا. سنڌ حڪومت پارٽي قيادت جي هدايت تي ڪڻڪ جي ٻج مهيا ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. ٻج تي سبسڊي لاءِ 13.5 ارب رپيا گهربل هئا، سنڌ حڪومت ٻج جي سبسڊي لاءِ 8.39 ارب رپين جو بندوبست ڪيو ۽ وفاقي حڪومت ان پروگرام لاءِ 4.7 ارب رپين جي خاص گرانٽ ڏني.

سنڌ حڪومت آبادگارن کي ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ مفت ٻج ڏيڻ جو پروگرام جوڙيو هو آبادگارن جو ڊيٽا ۽ ان جي تصديق واري عمل بعد هاڻي هارين کي في ايڪڙ پنج هزار رپين جي حساب سان ٻج ۽ ڀاڻ جي مد ۾ ڏنا پيا وڃن. تصديق ٿيل آبادگارن جو انگ 185928 آهي جن کي پنج هزار رپيا في ايڪڙ منتقل ڪيا ويندا. پهرين مرحلي ۾ 4.227 ارب رپيا 185928 آبادگارن ۾ ورهايا ويندا، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي 8.39 ارب رپيا ڏنا ويا آهن. جنهن مان 4.227 ارب رپيا ايندڙ ڏهن ڏينهن ۾ ورهايا ويندا.

واضح رهي ته سنڌ حڪومت ڪڻڪ جو امدادي اگهه چار هزار رپيا في مڻ مقرر ڪيو آهي. ورلڊ بينڪ هارين لاءِ سنڌ حڪومت جي مدد ڪئي آهي. سنڌ حڪومت هارين کي ٻج جي بدران رقم جي واپسيءَ جي خواهشمند هئي، پر وفاقي حڪومت پنهنجو وعدو پورو نه ڪيو. تنهن ڪري سنڌ حڪومت پاران پهرين مرحلي ۾ 12 ايڪڙ زمين رکندڙ ننڍن آبادگارن تائين رقم جي منتقلي کي محدود ڪيو ويو. 4.227 بلين رپيا جي تقسيم ڪان پوءِ 4.17 بلين رپيا رقم بي آءِ ايس پي وٽ بچندي جيڪا ٻئين مرحلي ۾ 25 ايڪڙ ايراضي رکندڙ هارين ۾ پهرين مرحلي ۾ رهجي ويل 12 ايڪڙ رکندڙ آبادگارن ۾ ورهائي ويندي، 25 ايڪڙ جي آبادگارن کي ٻج جي مد ۾ 5000 رپيا في ايڪڙ ڏنا پيا وڃن.

سنڌ حڪومت جي ان مدد جو لاڀ تڏهن ملندو جڏهن وڏا زميندار سنڌ حڪومت طرفان ملندڙ 5000 رپيا سندن هارين کي ڏين. هارين جي حوالي سان ڪا به مستند ڊيٽا موجود نه آهي. صوبي جي ڏورانهن علائقن کان ماڻهن جو وڏو انگ ڊيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ پهتو آهي. سنڌ حڪومت لاءِ موبائل ايپ جي تياري ۽ ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ ايپ جي تصديق جي حوالي سان لاڳاپيل عملي کي سکيا ڏيڻ پڻ هڪ وڏو چيلنج هو. ان دوران هارين پاران زمين جي ڪاغذن جي تصديق هڪ مسئلو هو پر سمورن مسئلن ۽ چيلنجز جو مقابلو ڪيو ويو ۽ 12 کان 25 ايڪڙ زمين رکندڙ هارين جو ڊيٽا بينڪ تيار ڪيو. ورلڊ بينڪ موبائل ايپ ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي. ان بابت نشاندهي ڪئي وئي ته زمين جي رڪارڊ جي تصديق لاءِ تپي سطح تي ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن. جڏهن ته بي آءِ ايس پي ويب سائيٽ تي بائيو ميٽرڪ تصديق بعد موبائل اڪائونٽ ذريعي رقم ورهائڻ لاءِ حبيب بينڪ لميٽڊ سان پائيواري ڪري تعلقي سطح تي 110 مرڪز قائم ڪيا آهن. سنڌ حڪومت 8.39 بلين رپيا بي آءِ ايس پي کي منتقل ڪيا آهن. جنهن مان 4.227 بلين رپيا ايندڙ 10 ڏينهن ۾ جاري ڪيا ويندا.

ڏٺو وڃي ته سنڌ حڪومت طرفان "ٻج سبسڊي پروگرام ۾ ڪڻڪ جي ٻج لاءِ معاوضو" ڏيڻ زراعت، آبادگارن جي بحالي ۽ سنڌ جي خوشحالي جو منصوبو آهي. بس رڳو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان ۾ سياسي اثر رسوخ ۽ پنهنجا نوازي ڪان هٽي ڪري بنا ڪنهن فرق جي شفاف طريقي سان حقيقي ٻوڏ ستايل آبادگارن جي معاشي مدد ڪئي وڃي. جيڪڏهن شفافيت برقرار رهي ته نه رڳو سنڌ جي زراعت بحال ٿيندي بلڪ آبادگار، مالوند ماڻهو به خوشحال ٿيندا.

سنڌ حڪومت جي ٻج سبسڊي ۽ ڪڻڪ جي ٻج لاءِ معاوضو ڏيڻ بابت منصوبي مان ننڍن آبادگارن کي ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي، ڪنهن به ڪاموري، وڏيري يا ايجنٽ جي پٺيان لڳڻ بدران ڪا شڪايت هجي ته تعلقي ۽ ضلعي انتظاميا سان رابطو ڪيو وڃي. چو ته سنڌ حڪومت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت هيٺ سنڌ ۾ زراعت جي بحالي، سنڌ جي خوشحالي جي نعري هيٺ ان پروگرام تي مڪمل عمل پيرا آهي. اميد ته نيڪ جذبي سان شروع ڪيل اهو منصوبو ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿيندو ۽ سنڌ هڪ ڀيرو ٻيهر ٻوڏ ڪانپوءِ خوشحال ٿيندي.

# سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ کي
# صاف سترو رکڻ لاءِ سنڌ حڪومت جا ساراهه جوڳا فيصلا

طارق احمد

سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي جو شمار دنيا جي ميگا سٽيز ۾ ٿئي ٿو. آباديءَ جي لحاظ کان هي شهر دنيا جي ڪيترن ئي شهرن جي ڀيٽ ۾ ڪافي وڏو آهي. مسئلا به تمام گهڻا آهن. پاڻي، سيوريج، ٽرانسپورٽ ۽ صفائي سترائي جا مسئلا ته روزمره جي زندگيءَ جو حصو آهن. پر سنڌ حڪومت وقت به وقت پنهنجي راڄڌاني واري شهر جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهي آهي ۽ رهي ٿي. پنهنجي شهرن جا مسئلا حل ڪرڻ، انهن کي اوليت ڏيڻ، مالڪي ڪرڻ ڌڻ جي مالڪي وانگر آهي، جيڪو ڪم سنڌ حڪومت، سنجيدگيءَ سان ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي. ان حوالي سان ويجهڙ ۾ ئي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ مڪاني ادارن جي صوبائي وزير سيد ناصر شاهه، قانون واري صوبائي صلاحڪار مرتضيٰ وهاب، چيئرمين پي اينڊ ڊي، سيڪريٽري فنانس، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي شهر ۾ جيتوڻيڪ صفائي جو سلسلو هلندڙ آهي، باوجود ان جي شهر کي وڌيڪ صاف ستروڪڻ لاءِ وڌيڪ صفائي جي ضرورت آهي. خاص طور تي اهڙن علائقن مان گند ڪچرو ٽڪاڻي لڳائڻ جي ضرورت آهي، جتان ڪچي ئي نٿو. جڏهن ته شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ گٽر اُٿلڻ سبب گندو پاڻي گهٽين



۾ بيٺل نظر اچي ٿو. پراڻي سيوريج سسٽم سبب ايئن ٿئي ٿو ان ڪري اهڙن علائقن ۾ سيوريج سسٽم کي نئون ڪري ترت مسئلا حل ڪيا وڃن. جتي مرمت جي ضرورت هجي، اُتي مرمت ڪئي وڃي ۽ جتي سسٽم نئون ڪرڻ جي ضرورت هجي اُتي سيوريج سسٽم نئون ڪيو وڃي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ۾ نئين سر انتظامڪاري ڪئي پئي وڃي، وڏي وزير مڪاني ادارن واري کاتي کي سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪراچي لاءِ ايماندار ۽ محنتي آفيسر مقرر ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون، جيئن شهر ۾ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ۽ آٽوميشن ۾ صفائي سترائي جا مسئلا حل ٿي سگهن.

سيد مراد علي شاهه جو اهو پڻ چوڻ هو ته هو ڪراچي شهر ۾ هلندڙ صفائي مهم، ٽٽل روڊن جي مرمت، روڊن جي تعمير ۽ برساتي نالن جي ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ رات جو شهر جو جائزو وٺڻ لاءِ نڪرندو ۽ ان سلسلي ۾ ڪا به ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. مڪاني ادارن واري صوبائي وزير ناصر

حسين شاهه وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته برساتي پاڻي کي منهن ڏيڻ، توڙي ماحولياتي مسئلا حل ڪرڻ، سامونڊي حيات بچائڻ ۽ ڪلفٽن جي ساحل کي گدلاڻ کان بچائڻ لاءِ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهي. ان سلسلي ۾ 172.163 بلين رپين جي اسڪيم شروع ڪئي وئي آهي، اهو منصوبو 60 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ مڪمل ٿي چڪو آهي. وڏي وزير جو وڌيڪ چوڻ هو ته اهي ڪم جلد مڪمل ڪيا وڃن، وڌيڪ فنڊن جي ضرورت پئي ته فنانس ڊپارٽمينٽ وڌيڪ فنڊ جاري ڪري ڇڏيندو.

ان موقعي تي غني چورنگي شير شاهه کان حب رور روڊ تائين مين روڊ جي ٻيهر تعمير جو پڻ جائزو ورتو ويو. وڏي وزير جو چوڻ هو ته اهو منصوبو 201.803 ملين رپين کان شروع ڪيو ويو هو. هن وقت تائين 25.226 ملين رپيا جاري ڪيا ويا آهن، مڪاني ادارن جي وزير ناصر شاهه ٻڌايو ته اها اسڪيم 25 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪي آهي، ان جي تڪميل لاءِ وڌيڪ فنڊن جي ضرورت آهي. وڏي وزير ان موقعي تي فنانس ڊپارٽمينٽ کي واڌو فنڊ جاري ڪرڻ جون پڻ هدايتون جاري ڪيون. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ٿيل انهي اهم اجلاس ۾ هلندڙ ٻين ترقياتي منصوبن جو پڻ جائزو ورتو ويو. انهن منصوبن ۾ غني چورنگي کان رشيد آباد تائين، حبيب ميٽرو کان سائيٽ پوليس اسٽيشن تائين روڊن جي ٻيهر تعمير شامل هئي، اهي منصوبا 282.743 ملين رپين کان شروع ڪيا ويا آهن ۽ هيل تائين 18 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي.

اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته برساتي نالا تعمير ڪرڻ، احسن آباد پوليس اسٽيشن چوڪ کان معمار روڊ تائين ٻنهي روڊ جي تعمير لاءِ 225.372 ملين رپين جي لاڳت سان ترقياتي ڪم شروع آهي جيڪو 35 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي. مبارڪ شهيد روڊ جي بحاليءَ جو ڪم ڪينٽ جنرل اسپتال کان شاهراهه فيصل تائين 124.472 ملين رپين جي لاڳت سان هلندڙ آهي، جيڪو 8 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي.

بي اينڊ ڊي جي چيئرمين وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته لي مارڪيٽ ۽ ان جي پرپاسي لياري جي روڊن جي بحاليءَ جو ڪم 649.2 ملين رپين جي لاڳت سان هلندڙ آهي جيڪو 92 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي. هن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي اها گذارش پڻ ڪئي ته مذڪوره منصوبن جي افتتاح ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي. جڏهن ته اهو پڻ ٻڌايو ويو ته جام صادق پُل ڪورنگي کان دائود چورنگي تائين روڊن جي ٻيهر تعمير جو ڪم 1.289 ملين رپين جي لاڳت سان هلندڙ آهي جيڪو پڻ 92 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي. اهڙي ريت گل ٻائي کان واءِ جنڪشن روڊ جي ٻيهر تعمير جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي.

وڏي وزير مراد علي شاهه ترت مڪمل اسڪيمن جي افتتاح ڪرڻ ۽ رهيل اسڪيمن کي مڪمل ڪرڻ ۽ شهر ۾ صفائي مهم کي تيز ڪرڻ تي زور ڏنو. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت اين اي ڊي يونيورسٽي کي ٽن وڏن نالن جن ۾ محمود آباد، گجر نالو ۽ اورنگي نالو شامل آهن، جي سروي، ري ماڊلنگ ۽ ڊزائين جو ڪم ڏنو آهي. يونيورسٽي محمود آباد نالي جي هڪ تفصيلي ڊزائين ۽ نئين سر تڪميل جو منصوبو پيش ڪيو آهي. باقي ٻن نالن جي ڊزائيننگ ۽ سروي جو ڪم پڻ جلد مڪمل ٿي ويندو.

ماهرن جي راءِ موجب محمود آباد نالو ڪورنگي جي مقام تي 6 ميٽر گهرائي تائين آهي ۽ ان کان پوءِ ترتيبوار گهرائي ۾ گهٽتائي آهي، جيڪا ڊفينس جي پڇاڙي تائين هڪ ميٽر تائين ٿي وڃي ٿي. پاڻي جي نيڪال جي حوالي سان اهو سنگين مسئلو آهي، تجويز ڪيل ري ماڊلنگ ڊزائين ۾ انهن خامين کي ختم ڪرڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته جتي سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي جي صفائي سترائي لاءِ سنڌ حڪومت سرگرم آُتي سماجي تنظيمون پڻ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيون آهن. ان سلسلي ۾ هينڊز پاران ڪراچي ۾ برسات متاثرن لاءِ صاف سترا ڪراچي جي نالي سان مهم هلائي پئي وڃي، جنهن ۾ 21 علائقن جي گهٽين مان ڪچرو ڪٽي انهن کي صاف سٿرو بڻايو ويو آهي ۽ ڪراچي جي ستن علائقن ۾ صاف سٿرو پاڻي مهيا ڪيو ويو آهي.

ڪراچي سميت حيدرآباد، ٺٽي، بدين، دادو، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ جي برسات متاثرن کي پڻ مدد مهيا ڪئي پئي وڃي. بهرحال جيئن چوندا آهن ته "نيت صاف ته منزل آسان" سو سنڌ حڪومت نيڪ نيتيءَ سان ڪراچي سميت سڄي سنڌ جي شهرن جي صفائي سترائي ۽ ترقياتي منصوبن جو پلان تيار ڪيو آهي، اميد ته ان ۾ ڪاميابي سندن مقدر بڻبي.

# رمضان المبارڪ ۾ پيش آيل اهم تاريخي واقعا

سيده خديجه بخاري

روزن جي روايت تہ تقريبن هر مذهب ۾ موجود آهي. ڪليسائي عقيدي ۾ روزا نهايت سخت هئا ۽ ڊگهي عرصي تائين ڏينهن ۽ رات تي ٻڌل هئا پر اسلام ۾ روزن جي شدت ۽ وقت کي گهٽائي فقط هڪ مهيني تائين محدود ڪري وقت سج اُڀرڻ کان اڳ ۽ شام جو سج لهڻ تائين مقرر ڪيو ويو. رمضان لفظ ر، م، ض، ن جي حرفن تي ٻڌل آهي جنهن جي معنيٰ گرم واري جهڙي آهي، گرمي جي موسم جسمن کي گرمي پهچائيندي آهي، اهڙيءَ ريت رمضان المبارڪ جو مهينو انساني جسم ۾ هڪ مصنوعي گرمي ۽ تپش پيدا ڪندو آهي.

رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ انساني جسم بک، اُڃ ۽ نفسي خواهشن تي پابندي لڳي ويندي آهي، لازمي طور تي ان جو نتيجو نمي ۽ گرمي جي صورت ۾ جسم ۾ حرارت پيدا ڪندو آهي ۽ اها گرمي نفس کي ساڙي انسان کي پاڪ بڻائيندي آهي بلڪل ايئن جيئن سون کي لچڪدار، چمڪدار ۽ نجاست کان پاڪ ڪرڻ لاءِ باهہ ۾ تپايو ويندو آهي. ٻنهي جهانن جي سردار حضور صہ جن جو ارشاد آهي تہ ”الله تعاليٰ رمضان المبارڪ مهيني ۾ اسان جا سڀ گناهہ بخشي ڇڏيندو آهي. حضور صہ جن جو ارشاد آهي تہ ”الله تعاليٰ رمضان المبارڪ مهيني جي پهرين ڏهاڪي ۾ رحمت، ٻئي ڏهاڪي ۾ گناهن کان توبهہ ۽ ٽئين ڏهاڪي ۾ دوزخ جي باهہ کان ڇوٽڪارو عطا فرمائيندو آهي.“ رمضان اهو مهينو آهي جنهن جو نالو الله پاڪ پاڻ رکيو. باقي سيني مهينن جا اسلامي نالا عربن رکيا هئا.

چارئي اسلامي ڪتاب رمضان ۾ نازل ٿيا. رمضان المبارڪ ۾ حضرت ابراهيم تي ننديا ڪتاب نازل ٿيا، پهرين رمضان تي حضرت موسيٰ تي تورات لٿو، 2 رمضان تي حضرت دائود عہ تي زبور لٿو، ڇهہ رمضان تي حضرت عيسيٰ عہ تي انجيل لٿو 12 يا 18 رمضان تي ۽ الله جي نبي صہ تي قرآن پاڪ نازل ٿيو. يعني سمورو اسلامي ۽ آسماني علم رمضان ۾ نازل ٿيو. انهي مهيني ۾ ئي هڪ رات اهڙي آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي، جنهن جي عبادت هزارين راتين جي عبادت کان بهتر آهي. اِناانزلنا في ليلتہ القدر“. پهرين رمضان



قبر مطهر بي بي عائشہ صديقہ رضہ

تي ئي حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح جي ولادت باسعادت ٿي. 10 رمضان المبارڪ تي پاڻ صہ جن جي پهرين گهرواري حضرت خديجة الڪبريٰ رضہ الله تعاليٰ مڪي ۾ وفات ڪئي. 15 رمضان المبارڪ تي حضرت حسن رضہ جي ولادت باسعادت مديني پاڪ ۾ ٿي. 17 رمضان تي اسلام ۽ ڪفر وچ ۾ پهرين جنگ ٿي، اها جنگ بدر واري هنڌ تي ٿي، ان ڪري ان کي غزوه بدر جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. غزوه ان جنگ کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ نبي پاڪ صہ پاڻ شرڪت ڪئي هجي ۽ بدر ان جاءِ جو نالو آهي جنهن جاءِ تي اها جنگ ٿي هئي. ان جنگ ۾ 14 مسلمانن شهادت ماڻي جن ۾ 6 مهاجر ۽ انصار شامل

هئا، انهي جنگ بدر ۾ 20 ڪافر قتل ۽ 10 جي لڳ ڀڳ قيدي ٻڌيا.

12 رمضان المبارڪ تي حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعالىٰ لاڏاڻو ڪيو. حضرت عائشہ رضہ پاڻ صہ جن جي سڀ کان ننڍي عمر جي گهرواري هئي. 21 رمضان تي اميرالمومنين حضرت علي رضہ شهادت ماڻي، سندن شهادت اسلام لاءِ تمام وڏو خسارو هئي. معصوم ٻارڙن ۾ سڀ کان پهرين حضرت علي رضہ اسلام قبول ڪيو هو. حضور پاڪ صہ حضرت علي لاءِ فرمايو هو تہ: ”مان علم جو شهر آهيان ۽ علي عہ ان جو دروازو آهي.“

عبدالرحمان بن ملجم نماز واري حالت ۾ حضرت علي عہ جن تي زهر لڳل تلوار سان وار ڪيو پاڻ عہ ٻن ڏينهن تائين انتهائي تڪليف واري حالت ۾ رهيا ۽ آخرڪار 21 رمضان تي فجر جي نماز وقت شهادت فرمائي. حضرت امام حسن رضہ ۽ حسين رضہ تدفين جا انتظام ڪيا ۽ عراق جي سرزمين نجف اشرف ۾ حضرت علي عہ جن کي دفنايو ويو. پاڻ سڳورن جي پياري نياڻي حضرت سيدنا رقيہ رضہ جي وفات بہ رمضان ۾ ٿي ۽ مديني ۾ تدفين ٿي. حضرت رقيہ رضہ جو نڪاح حضرت عثمان غني رضہ سان ٿيو هو. حضرت محمد صہ جن جي شهزادي فاطمتہ الزهره بہ 3 رمضان المبارڪ 11 هجري تي مديني منوره ۾ وفات ڪئي. سندس نڪاح حضرت علي رضہ سان ٿيو هو. حضرت فاطمتہ الزهرا حضرت حسن رضہ ۽ حسين رضہ جي والده ۽ جنت ۾ عورتن جي سردار هئي. پاڻ سڳورن جي نياڻين ۾ صرف فاطمہ رضہ کي ئي اهو اعزاز حاصل آهي تہ پاڻ سڳورن جو نسل باقي رهيو. مشهور روايت مطابق حضرت فاطمہ رضہ جڏهن



روضئہ مبارڪ حضرت علي عہ

29 سالن جي ٿي تہ حضور پاڪ صلعم جن وفات ڪري ويا. حضور صلعم جي لاڏاڻي کان پوءِ حضرت فاطمہ رضہ ڪڏهن بہ چهري تي مسڪراهٽ نہ آندي هئي. پاڻ سڳورن جي لاڏاڻي کي 6 مهينا گذريا هئا تہ رمضان 11 هجري ۾ حضرت فاطمہ رضہ بہ پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي ملي.

حضرت محمد صہ جن جو لشڪر 8 هجري 20 رمضان المبارڪ بمطابق 10 جنوري سنہ 630ع تي وڏي شان سان مڪي ۾ داخل ٿيو پاڻ سڳورن ڪعبي جو طواف ڪندي پنهنجي تلوار سان ٻُتن کي ڪيرايو ۽ زبان المبارڪ تي اهي لفظ ورجايا تہ:

”حق اچي ويو باطل متجي ويو ۽ يقينن باطل اهڙي ئي شئي آهي جيڪا ميسارجڻ واري آهي.“

حضرت محمد صہ جن ڪعبي ۾ لڳل ٻُتن جون تصويرون ۽ نصب ٿيل سمورا مجسما هٽائڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن نماز جو وقت ٿيو تہ محمد بن عبدالله بلال ابن رباح کي حڪم ڏنو تہ ڪعبي تي چڙهي اذان ڏئي. حضرت بلال ڪعبي تي چڙهي اذان ڏني. اهو عظيم ڪم بہ رمضان المبارڪ ۾ سرانجام ڏنو ويو.

# غزوه اُحد

نور افشان

غزوه ان جنگ کي سڏيو ويندو آهي جنهن ۾ نبي پاڪ صہ پاڻ شرڪت فرمائي هجي. غزوه جي جمع غزوات آهي. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي زندگي ۾ لڳ ڀڳ 39 جنگين ۾ شرڪت فرمائي. مڪي جا قريش جڏهن بدر ۾ بري طرح شڪست جو منهن ڏسي مڪي واپس ٿيا تہ ڪين چاڻ ملي تہ واپار واري قافلي کي ابو سفيان سامونڊي رستي بچائي وٺي آيو آهي، آندل خزانو ۽ منافعو امانت طور محفوظ آهي. بدر جي ان خراب ذليل ۽ خواري واري شڪست جو زخم ايئن تہ هر شخص جي دل ۾ هو پر جن جا پيئر، پٽ، ڀائر، ڀائٽيا ۽ ويجها عزيز جنگ ۾ ماريا ويا هئا انهن کي رکي رکي جوش پئي آيو ۽ هر شخص انتقام جي باهہ ۾ پچي رهيو هو. آخرڪار 17 شوال 3 هجري ۾ مسلمانن ۽ ڪافرن وچ ۾ مڪي ويجهو اُحد جبل پرسان غزوه اُحد جو واقعو پيش آيو. اُحد مدينہ منوره جي هڪ مشهور جبل جو نالو آهي جيڪو مديني کان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ميلن جي مفاصلي تي واقع هو. اُحد کي اُحد ان ڪري سڏيو ويندو آهي جو اهو ٻين جبلن کان منفرد ۽ الڳ آهي.

مڪي جا ڪافر ابو سفيان جي اڳواڻي ۾ ٿيل زيادتين جو بدلو وٺڻ لاءِ گڏ ٿيا. فيصلو ٿيو تہ قافلي ۾ آندل خزانو جنگ ۾ شامل ماڻهن ۾ برابر ورهايو وڃي ۽ منافعو محمد صہ سان جنگ جي تياري ۾ سيڙايو وڃي تہ جيئن اسان مسلمانن کان پنهنجن پيئرن ۽ ڀائرن، ويجهن عزيزن ۽ معززن، جيڪي جنگ بدر ۾ ماريا ويا، انهن جو بدلو وٺي سگهون. سڀني هڪ آواز ٿي ان درخواست کي قبول ڪيو ۽ منافعو جيڪو 50 هزار دينار هو اهو سڀ ان ڪم لاءِ گڏ ڪيو ويو. ان بابت الله تعاليٰ آيت نازل فرمائي:



ترجمو:"ڪافر پنهنجو پنهنجو مال خرچ ڪري رهيا آهن تہ جيئن ماڻهن کي خدا جي راهہ تي اچڻ کان روڪي سگهن، سو وڌيڪ بہ خرچ ڪندا ۽ پوءِ اهي سڀ ان تي حسرت ۽ افسوس ڪندا ۽ پوءِ آخر کين شڪست نصيب ٿيندي."

ان ڪري قريش وڏي تياري ڪئي ۽ عورتن کي بہ پاڻ سان گڏ ڪنيو تہ جيئن اُهي جنگ ۾ شريڪ ٿيلن جي همت وڌائن ۽ ڀڄڻ وارن کي غيرت ڏيارين. اهڙي طرح 3 هزار ماڻهن جو لشڪر گڏ ٿي ويو جن ۾ 700 هٿياربند، 200 گهوڙي سوار، 3 هزار اُٺ ۽ 15 عورتون شامل هيون، اهو ٽن هزارن جو لشڪر ابو سفيان جي اڳواڻي ۾ روانو ٿيو.

حضور اڪرم صلعم جو اصحابين سان مشورو:

حضرت عباس رضہ اها سموري صورتحال لکي ڪري نبي ڪريم صہ ڏانهن هڪ تيز رفتار قاصد هٿان روانو ڪئي. اها خبر ٻڌندي ئي پاڻ صلعم انس ۽ مونس رضہ کي قريش جي خبر وٺڻ لاءِ روانو ڪيو. انهن اطلاع ڏنو تہ قريش جو لشڪر مديني جي بلڪل ويجهو پهچي چڪو آهي. اها جمعي جي رات هئي جڏهن صبح ٿيو تہ رسول صلعم اصحابين کي گهرائي مشورو ڪيو. مهاجرن ۽ انصارن جي ڏاهن مشورو ڏنو تہ مديني ۾ ئي رهي ڪري مقابلو ڪيو وڃي پر جيڪي نوجوان بدر جي جنگ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا هئا ۽ شهادت جي شوق ۾ بي چين ۽ بيقرار هئا، انهن جي راءِ هئي تہ مديني مان ٻاهر نڪري دشمن تي حملو ڪيو وڃي. آخرڪار اهو فيصلو ٿيو تہ مديني کان ٻاهر نڪري اُحد جبل جي مقام تي مقابلو ڪيو وڃي. عصر جي نماز کان پوءِ 11 شوال جي ڏينهن پاڻ صلعم هڪ هزار جي لشڪر سان مديني کان روانا ٿيا. پاڻ صلعم گهوڙي تي سوار هئا ۽ سعد بن معاذ ۽ سعد بن عبان رضہ پاڻ صلعم جن جي اڳيان ۽ سڀ مسلمان پاڻ صلعم جن جي کاٻي ۽ ساڄي

پاسي هلندا رهيا. جڏهن پاڻ سڳورا اُحد جبل جي ويجهو پهتا ته راس المنافقين عبدالله بن ابي جنهن 300 ماڻهن جو لشڪر پاڻ سان گڏ آندو هو ان اهو چئي واپسي جو ڏگ ورتو ته پاڻ سڳورن منهنجي راءِ نه مڃي، اسان بنا سبب ڇو پنهنجون جانيون موت جي منهن ۾ وجهون. هاڻي پاڻ سڳورن سان گڏ رڳو 700 اصحابي رهجي ويا جن ۾ رڳو 100 ماڻهو هٿيار بند ۽ پوري لشڪر ۾ فقط ۾ 2 گهوڙا هئا.

پاڻ سڳورن جو لشڪر جڏهن اُحد جبل جي ويجهو پهتو ته فجر جي نماز جو وقت ٿي چڪو هو. پاڻ صلعم جن حضرت بلال رضه کي آذان ڏيڻ جو حڪم ڏنو ۽ اقامت رکي. پاڻ سڳورن پنهنجي سمورن اصحابين کي نماز پڙهائي. جڏهن جنگ لاءِ ڏرين جون صفون تيار ٿيون ته رسول الله صه جن هڪ تلوار هٿ ۾ کڻي فرمايو:

”من ياخذ هذا السيف بحقه“

”ڪير آهي جيڪو هن تلوار جو حق ادا ڪري“

اهو ٻڌي اهڙي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻا هٿ اڳتي وڌيا. حضرت ابودجانه عرض ڪيو ”يا رسول الله مان اها تلوار حق سان گڏ وٺان ٿو.“ يعني ان جو حق ادا ڪندس. پاڻ سڳورن اها تلوار ابودجانه رضه حوالي ڪئي. حضرت حمزه جي دليراڻي حملي سبب ڪافر سخت پريشان ٿيا. اصحابي سڳوري جنهن تي به تلوار سڌي ڪئي ان جو لاش زمين تي نظر آيو. هڪ وحشي حضرت حمزه رضه جي تاڙ ۾ ويٺل هو. آخرڪار ان حضرت حمزه رضه مٿان وار ڪيو جيڪو ڪيس پيٽ ۾ لڳو ۽ آر پار ٿي ويو. حضرت حمز رضه ڪجهه قدم هلڻ ڪانپوءِ ڪِري پيو ۽ شهادت جو جام نوش ڪيائين. حضرت محمد صه جن جا ڏند مبارڪ به انهي غزوه ۾ شهيد ٿيا ۽ نعوذبالله پاڻ سڳورن جي وفات جي خبر به ڦهلائي وئي هئي. آخرڪار مسلمانن جي دليراڻي ۽ جانباز حملن سبب قريش جا جنگ جي ميدان مان پير اکڙي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن لڪي ۽ پويان پير ڪري ڀڄڻ لڳا ۽ عورتون به پريشان ۽ بدحواس ٿي جبلن ڏانهن ڀڄڻ لڳيون. مسلمان مال غنيمت گڏ ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا. تير اندازن جي جماعت جنهن کي دره جي حفاظت لاءِ بيهاريو ويو هو جڏهن انهن ڏٺو ته فتح حاصل ٿي چڪي آهي ۽ مسلمان مال غنيمت گڏ ڪرڻ ۾ مصروف آهي ته اُهي به انهي طرف وڌيا. سندن امير عبدالله بن جبير کين گهڻوئي روڪيو ۽ چيو ته رسول الله صه جن تاڪيد فرمائي آهي ته فتح ٿئي يا شڪست انهي دري کان ناهي هٽڻو. جنهن کانپوءِ مرڪز تي فقط 10 ماڻهو رهجي ويا جيڪي ڪُل 20 هئا. حڪم نبوي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ سبب فتح شڪست ۾ تبديل ٿي وئي، ڪافرن دره خالي ڏسي پٺيان حملو ڪيو ان حملي ۾ عبدالله بن جبير رضه پنهنجي سيني ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. ان جنگ ۾ 70 اصحابي شهيد ٿيا، جن ۾ اڪثر انصار هئا. اهڙي افراتفري جو عالم هو جو ڪفن جي چادر به پوري نه هئي. ٻن ٻن ماڻهن کي هڪ ئي چادر ۾ ڪفن ڏنو ويو ۽ ٽن ٽن کي ملائي هڪ قبر ۾ دفنايو ويو. دفن ڪرڻ وقت پڇا ڪئي پئي وئي ته انهن مان گهڻن کي قرآن پاڪ ياد آهي، جنهن ڏانهن اشارو ڪيو پئي ويو انهي جو رخ قبلي ڏانهن ڪري لحد ۾ لاٿو پئي ويو. حڪم ڏنو ويو ته اهڙي طرح بنا غسل ڏيڻ جي کين رت ۾ ٻڏل دفنايو وڃي.

نبي پاڪ صه جن جي حڪم جي نافرماني سبب اها شڪست ٿي، الله پاڪ کي اها ڳالهه بلڪل پسند نه هئي ته مخلص اصحابي سڳورا الله جي رسول جي حڪم کان ذرو برابر هٽي وڃن، توڙي جو اها ڀڃڪڙي کنهن غلط فهمي سبب ئي ڇو نه هجي، اهو پڻ عاشق صادق جي شان عشق جي خلاف آهي ته دنيا جي مال دولت ۽ مال غنيمت گڏ ڪرڻ لاءِ اُهي خدا ۽ ان جي رسول جي نافرماني تي لهي اچن. الله تعاليٰ اصحابين جي ان فعل کي قرآن ۾ لغزش جو نالو ڏنو آهي. ”استزلهم الشيطان“ جو لفظ ان تي دليل ڪري ٿو ۽ لغزش جي معنيٰ آهي ته ارادو ته ڪجهه ٻيو هو پر غلطي ۽ ڀُل ۾ بنا ارادي جي ٻيو ڪري ويٺا. اشارو ان طرف آهي ته اهو جيڪو ڪجهه ٿي ويو اها لغزش هئي، توهان ڄاڻي واڻي ايئن نه ڪيو. ان ڪي اسان پنهنجي رحمت ۽ رحم سان معاف ڪري ڇڏيو. توهان کي ته معافي جو اطلاع ڏئي ڇڏيو ته جيئن توهان ٽڪجي ۽ ڏک ۾ مبتلا ٿي اُداس نه ويهي رهو ۽ توهان جي معافي جو اعلان سڄي دنيا کي ان لاءِ ٻڌايو ويو ته دنيا کي معلوم ٿي وڃي ته الله جون عنايتون ڪيتريون نه لامحدود طرح سان رسول ڪريم صه جن جي اصحابين تي متوجهه آهن ۽ کهڙي کهڙي ريت انهن کي ڪجهه تسليون ڏنيون پيون وڃن ته جيئن قيامت تائين کنهن کي جرئت نه ٿئي ته اصحابي سڳورن جي شان ۾ ڪو گستاخي ڪري سگهي. جڏهن الله انهن کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ انهن سان راضي ٿي ويو ته پوءِ پلا ڪير انهن کي معاف ڪري يا نه ڪري، انهن سان راضي ٿئي يا نه ٿئي، خدا جي بخشش ۽ رضا کان پوءِ کنهن ٻئي جي بخشش ۽ رضا جي ضرورت نه ٿي رهي.

سونهن ۽ انفراديت:

# ستارن جي روشنيءَ ۾

فريحه سليم

چا اوهان ڄاڻو ٿيون ته اوهان جي خوبصورتي، دلڪشي ۽ انفراديت جو تعلق اوهان جي ستارن سان آهي!؟ اوهين روز اخبارن ۾ قسمت جو احوال پڙهي ڏينهن جي شروعات ڪنديون آهيو. ڪاري ٻلي رستو ڪٽي وڃڻ کي نحوست اڄ به سمجهيو وڃي ٿو. ڪيتري ۽ پاراتي سان ڏينهن جي شروعات اشپ اڻ سونهين آهي. علم نجوم موجب هر ستارو ۽ ان تي حاڪم گره اوهانجي عادتن مزاج سان گڏ سونهن ۽ انفراديت جي به ڪٿ ڪندو آهي. تعلق، جنس يا سيڪيورٽيءَ جي حوالي سان هر شخص پريشان هوندو آهي ته اڳتي چا ٿيندو!؟ ايندڙ وقت جو اُلڪو ۽ ان لاءِ منصوبابندي ٻئي شيون هر مرد ۽ عورت جي مزاج ۽ فطرت ۾ شامل رهيون آهن. وهم، خوف کان وٺي پيار ۽ ورونهن تائين هر شيءِ جو اثر انسان جي جنم سان لاڳاپيل ستاري سان هوندو آهي ته اوهين ڪهڙي ڏينهن، وقت ۽ سال ۾ پيدا ٿيا ۽ اڳتي حياتيءَ جو پنڌ ڪيئن گذرندو؟

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي حوالي سان اڄ اسين هڪ اهڙي صديءَ ۾ رهي رهيا آهيون جنهن ۾ خلائي ۽ فلڪياتي سوين اِن ڳالهه جي پڪي ثابتي ڏئي چڏي آهي ته ستارن جو زندگيءَ جي تبديليءَ سان ڪو به ڳانڍاپو ڪونهي پر تڏهن به انساني نفسيات ۾ موجود اڻ ڏٺي جو تجسس اڄ به موجود آهي. اڄ به آڪاش واٽيءَ تي تخت يا تختي جا فيصلا ٿين ٿا. اڄ به آمريڪا ۽ يورپ جهڙن ترقي يافته ملڪن ۾ نه رڳو علم



نجوم موجود آهي پر اُن کي سائنسي بنيادن تي اڳڪٿين لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. اپرنڊڙ تاريخ (Rising Star) جي آڌار تي ڪيل اِها پوپش واٽي گهٽي پاڱي پوري به لهي ٿي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ "فطرت کان مٿانهين سائنس" (Metaphysical) پڪي بنيادن تي بيٺل آهي. هت اوهانجي مزاج جي انفراديت ۽ چهري جي خوبصورتي پچار پرڏيهي ماهر علم نجوم تان ڪنئين وئي آهي. جيڪڏهن اوهين "پيارا تارا" اوهانجي سيني لاڳاپن لاءِ رهنمائي "LOVE STARS: A GUIDE to All Your Relationships" پڙهو "ڪليئر پيٽيو لينگرو" (Claire Petulengro) آسٽرولوجر برطانوي اخبار ايڪسپريس ۽ _Ok ته اوهان کي اندازو ٿي ويندو ته اوهان جي سج تاري (Sun Star) ۽ چنڊ تاري (Moon Star) ۾ ڪهڙا ڪهڙا خوبصورت رنگ پريا پيا آهن- من جي آس ئي ته يڪتائت ۽ سونهن ورونهن ۾ وڪوڙي ٿي، پوءِ دير چا جي-! اچو ته خوبصورتي ۽ انفراديت جي روشني تارن منجهان حاصل ڪيون.

## حمل (Aries)

اوهان جي سڀ کان وڏي خوبي ۽ انفراديت اِها آهي ته اوهين زندگيءَ جي سٺاين تي نظر رکندي "هاڪاري مثبت سوچ" (Positive thinking) رکندڙ آهيو. ماڻهن ۾ بديءَ جي لاڙن کان مورڳو انڪار

ڪندي دنيا کي سونهن، نيڪي ۽ صداقت جي نظر سان ڏسنديون آهن. اوهان جو هر عمل ۽ وک دنيا کي خوبصورت ڪرڻ ۽ انسانيت جي احترام کي وڌائڻ لاءِ اٿندي آهي. جنهن جو عڪس اوهان جي چهري تي اچي سندرتا جي اهڙي صورت ڪري ٿو جيڏي جنهن ۾ ڏسي هُڙڪ هري پئي ته زندگي مقابلي جو ميدان آهي. سورهيه موٽ ناهن کائيندا. اوهان جو شمار گهٽي وفادار ۽ سُنين ساهيڙين ۾ ٿيندو آهي. زندگيءَ کي مثبت سوچ سان گذارڻ کارڻ اوهان جا ويري گهٽ هوندا آهن. هونئن به منهن تي مرڪ جا گلاب وکريل چهري جي سندرتا جا هوندي جنهن لاءِ ڪوي ڪويتا لکي. حمل پيدائش ۽ زرخيزيءَ جي علامت طور جي ٻڪر جي سڱ وانگر آهي ته مچڻ مراد آهي ته اوهان جي سونهن تخليق جي سونهن آهي ۽ تخليقڪار سهڻا نه هوندا ته ٻيا ڪير هوندا!؟ تنهن ڪري سندن انتقام کان به بچو- دغا هن جي لغت ۾ ناهي. وفا پرست خوبصورت، وڏي قد ڪاٺ واري، پنهنجي راءِ پنهنجي دماغ سان سوچيندڙ، عمل ۾ اڳيريون، سرواڻ، وفادار ۽ جذباتي اوهان جي مزاج جي تختي آهي جنهن تي سنهري اکرن ۾ لکيل آهي: ”وفا ڪندين وفا ملندئي، دغا ڪندين دغا ملندئي!“

## ثور (Taurus)

ٿڌي تي جواب ڏيڻ، حساس، وفا شعار، جذباتي، مادي ۽ تحفظ جي ڳُهر ڪندڙ اوهان جي شخصيت ۾ تحمل ۽ برداشت جو ڪمال حوصلو هوندو آهي، چپن تي هر وقت مسڪان محفل ۾ اوهان کي ڏسندڙن جي اک جو تارو بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ اوهانکي محفل ۾ ڏسندي پاڻ هُرتو ماڻهن جي چهري تي مرڪ سجي ٿي وڃي. هر ڪو اوهانکي پليڪار ڪري ٿو ڪدورت، ڪينو بغض، ساڙ حسد جهڙا لفظ اوهان جي لغت ۾ ناهن پر جي ڪو اوهان سان پرچڻ چاهي ٿو ته ڪيس تيار رهڻ گهرجي ته اوهين ٿڌي تي پلاند آجو ڪندي اهڙو جواب ڏينديون آهيو جنهن جي سهپ هر ڪنهن جي وس کان ٻاهر آهي. جو ته ڪيس برداشت آهي پر توهين قبول ناهي- اهو هر انسان جو بنيادي حق آهي پر اعليٰ ظرف ڪيس ڪاڙوائي نٿو- هوءَ من موجي آهي. دل نه هاريو، جو ته سندن سنگت ۾ خراب ماڻهو به سنا ٿي ويندا آهن. هر وقت منهن تي مُرڪ ڪيس سونهن راڻيءَ جي پد تي بيهاري ٿي.




## جوزا (Gemini)

اوهين همدردي، رحمدلي، مهرباني، نوازش ۽ ڪرم جي ملڪ آهيو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ماڻهو اوهان سان ملڻ پسند ڪندا آهن. اوهين خود غرض ناهيو. اوهان جي همدرد دل پسند ناپسند جي ڪا به تفريق ناهي ڪندو. مطلبي لفظ توهان لاءِ ناهي ٺهيو. ساهيڙين دوستن جي دوست آهيو. مدد ۽ سهائتا ڪري وساري ڇڏڻ وارين منجهان آهيو - پوءِ اهو فائدو قول سان هجي يا وري ڏيتي ليتيءَ جو- ڪڏهن به جتائڻ پسند ناهيو ڪنديون. 100 ڏک به ملي وڃن درگذر ڪرڻ اوهان جي ڪرت آهي. اوهان لاءِ ڏک سکن جي سونهن آهن. اها ئي همدردي ۽ حُسن سُلوڪ اوهان کي ظاهري باطني طور خوبصورتيءَ سان نوازي ٿو.

## سرطان (Caner)

اوهان ۾ سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته ماڻهن جي مسئلن ۽ مونجهارن کي چڱيءَ ريت پروڙي انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهيو. اوهين ماڻهن جي بنا لوڀ خدمت ڪرڻ جي جذبي سان سرشار آهيو دوست هجي يا اجنبي اوهان ۾ خلق جي خدمت جو جذبو اتانهون هوندو آهي. اوهين ڪنهن کي اداس ٿيندي نٿيون ڏسي سگهو هر وقت اوهان جي ڪلٽي طبيعت اوهان کي اهڙو جاوداني حسن ۽ ڪشش تي ڏئي جنهن کي ڏسي ڪري هر ڪو اوهان سان ملڻ لاءِ آتو هوندو آهي. اوهان پنهنجي گهرياتين ٻارن سان ايڏو پيار ڪنديون آهيو جو اوهان کي مثالي ماءُ جي تصوير قرار ڏنو ويو آهي. اوهين شاعراڻيءَ ۽ جذباتي عادت جون مالڪ آهيو. جي مصور آهيو ته ڪمال- شاعري ته ڪمال- سموري درد ڪٿا پني تي اُڪرائڻ جو ڪم ڪو اوهان کان سکي. وفا شعار ۽ مڙس جي سار سنڀال به اوهان کان سکڻ گهرجي جو ته مڙس جي آمدني ۽ بچت ٻنهي ۾ سهڪاري ۽ هٿ جون چوٽ ناهيو جنهن ڪارڻ مڙس کي گهرجي ته اهڙي دل نه رنجائن جو نازڪ احساسن کي ڏک لڳي. جو ته هُو ترت روٺهڪاريون ٿي وينديون آهن. مجموعي طور تي اوهين ”جيوءِ جيئڻ ڏيو“ جي اصول تي هلندي نه ٻئي جي دل رنجائيندا آهيو نه وري اها اميد رکندا آهيو ته ٻيو ڪو دل آزاري ڪري. تنهن ڪري اوهان هن تي تنقيد ڪندئو ته ڪيس ستو نه لڳندو. سندس موڊ گهڙيءَ ۾ تبديل ٿيندي دير نٿي لڳي. ٻين سان پيار جي ٻلهارپ سندس چهري تي خوبصورتي جي انڊلٺ وکيري ڇڏيندي آهي.

**اسد (Leo)**

اوهين وڏي همت واريون، عام سطحي سوچ کان بلند، منفرد ۽ انتهائي قابليت جون مالڪ آهيو. آزاد مزاج، دل جون وشال، ٻين جي حڪم تي هلڻ کان نفرت ڪنديون آهيو. نهايت مضبوط خيال ۽ ارادي جي پختگي ۽ سنجيدگي چهري تي اهڙو نور آڻي ٿي جنهن کي ڏسي ڪا به شخصيت موهت ٿي سگهي ٿي ته ساهيڙي هجي ته شينهن جهڙي گجگوڙ ڪندڙ اسدي جا هر رڪاوٽ کي پري ڪري ڪم کي اُڪلائڻ ۾ ماهر جاتي وڃي ٿي. اوهان ۾ هڪ خاص خوبي اها آهي ته ٻين ۾ آتت ۽ جوش پيدا ڪرڻ ۾ اوهين محفل جون مور آهيو. اڳواڻ واريون سڀئي خوبيون اوهان ۾ اتم درجي تي موجود آهن پر انهن خوبين سان گڏ هڪ بُڇڙي عادت پاڻ پڏائڻ واري به آهي، جنهن سان دوست ويري ٿي سگهن ٿا. ان لچ کي اندران ڪڍي ڇڏيو ته ايئن ڪرڻ سان ڪو به اوهان کي سولائيءَ سان دوکو ڏئي سگهي ٿو. پوءِ اوهين ان جي ردعمل ۾ چيڙاڪ ۽ عيب جُو به ٿي سگهو ٿيون. اوهان جي شخصيت ٻٽي آهي. يا ته اوهين جوالا مکي ثابت ٿي سگهو ٿيون يا انتهائي معصوم، توهان جا ساهيڙين سان محبتن جي قصن جا سرباٺ به پيار پريا هوندا آهن. اوهين آبشار وانگر پرسڪون ۽ گهري طبيعت رکندڙ آهيو تنهن ڪري اوهين جي ڪاوڙ به بنه شينهن جي ڏاڙهه جهڙي آهي. اوهان ڪيترن زاوين کان عام عورت جي مقابلي ۾ وڌيڪ منفرد ۽ دلڪش نظر ايندڀون آهيو. اوهان جي موسيقي جي سرن جهڙو آواز ۽ جادوئي مرڪ دل موهي وجهڻ جو ڏانءُ رکي ٿي.

**سنبلہ (Virgo)**

اوهين عادتي خوش لباس، خوش گفتار، خوش اخلاق سان گڏ سليقي مند ۽ سگهڙ به آهيو. اصولن تي سوديبازي اوهان جي مزاج ۾ ناهي. محنت جي عظمت جا قائل آهيو. گهر ۽ آفيس ۾ صفائي ۽ نفاست اوهان جو خاص اسٽائل آهي. اهڙي سٺي پوشاڪ، گفتار، اخلاق ۽ سگهڙائپ ملي ڪري اوهان جي چهري تي ملڪوتي حسن جا عڪس ڇڏي ٿي. اوهين حسن، نسوانيت ۽ محبت سان گڏ ٻاجهه ۽ شفقت جو پيڪر به آهيو۔ هل هنگامن کان پري، امن پسند، طبيعت ۾ شرميلي آهيو پر اوهان جا اعصاب ۽ حواس فولادي آهن ۽ هر قسم جي صورتحال کي منهن ڏئي سگهو ٿيون. اهو ئي ڪارڻ آهي اوهين ذهين هئڻ سان گڏ وجاهت ۽ وقار جو معيار رکو ٿيون. هڪ ٻن ملاقاتن تي هرڪي نٿيون پئو. اوهان جي مرڪ ڪيترن لاءِ غلط فهميءَ جو ڪارڻ آهي پر اوهين پوتر خيالن ۽ وفا شعاري جي علامت آهيو جنهن جو ڪارڻ اوهان جي برج لامت ڪنواري آهي جيڪا عصمت ۽ پاڪيزگيءَ جي نمائندگي ڪرري ٿي. خوش لباس، خوش گفتار، خوش ڪردار ماٺوئي اوهان کي وڻندا آهن. بدسليقگيءَ کان بچان ايندي آهي. اوهان شخصي طور تي ٻٽيءِ ماٺوءَ کان پري رهنديون آهيو. اوهان ڪرت ۽ وصف اوهان جي چهري تي معصوميت ۽ ڪشش جا گلاب وکيري محفل ۾ اکين جو تارو ڪري ٿي. اوهين مستقل مزاج، ڪم اُڪلائڻ ۾ اڳڀريون آهيو. اوهان جي ڪاميابيءَ جا وڌيڪ امڪان درس تدريس، قانون، تحقيق، شماريات، بينڪاري آهن ڇو ته اوهان جي يادداشت سگهاري آهي. هڪ ڀيرو پڙهڻ، ڏسڻ سان هر شيءِ ياد رهجي وڃي ٿي ۽ اوهان لاءِ ڪا به اڻ تڻ نٿي رهي، جنهن جو اثر چهري کي خوبصورت، پرڪشش ۽ دل آويز ڪري ڇڏي ٿو.

**ميزان (Libra)**

تارازيءَ جي ٻن پڙڻ واري علامت سان اوهان جي برج ۾ نسوانيت ۽ ڪشش جو توازن اهڙي ريت سمايل آهي جو اوهان جي قول ۽ فعل ۾ تضاد ڏسڻ ۾ ناهي ايندو. اهو ئي اوهان کي سونهن جي ديويءَ جي ماڳ تي رسائي ٿو. اوهين ڊسلپلن جي قائل، راز کي راز رکندڙ ڇوڪرين منجهان آهيو. اوهين صاف گو انصاف پسند ۽ سادگي پسند طبيعت رکندڙ آهيو. خوبصورت ۽ حسن جمال جو پيڪر هئڻ ڪري ٻين کان ممتاز نظر اچو ٿيون. اوهان کي انتهاپسنديءَ کان شديد نفرت آهي.

اوهين وفا شاعر آهيو. جيون ساٿيءَ جون ساٿ ساٿاريون آهيو۔ اوهان جي رفاقت گهر کي جنت جو نمونو بڻائي سگهي ٿي. اوهان بحث مباحثي ۾ پڙ ۽ ٻين کي لاجواب ڪرڻ جي سموري سگهه رکو ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اوهان جي سنگت ۾ هڪ خاص قسم جو سڪون ۽ راحت هوندي آهي. اوهين جذباتي ناهيو. عقل جي بنياد تي فيصلو ڪنديون آهيو. قيمتي لباس، خوشبو ۽ موسيقيءَ جون چاهڪ آهيو. ان ڪري اوهان جي سونهن جو مقابلو ٻيو ڪير به نٿو ڪري سگهي. اوهان لاءِ سڀ کان ڪارائتا شعبا مضمون نگار، مجسم ساز، مصور، موسيقار، قانون دان آهن. اوهين خيالي پلاءَ پچائڻ کان وڌ عمل تي ڀاڙينديون آهيو جيڪا اوهان کي اندران ٻاهران سوجهري ۾ رکي حسن ۽ دلڪشيءَ جا ڏس پتا ۽ پار ڏئي ٿي.

**عقرب (Scorpio)**

اوهين انتهائي پراسرار ۽ گهري حُسن مالڪياڻي آهيو. اڪثر سوچينديون آهيو ته ڪاش عورت بجاءِ مرد پيدا ٿيان ها. ڇو ته اوهين سنجيدگيءَ ۽ وقار کي هٿان وڃائڻ ناهيو ڏينديون. اوهان ۾ ٻين کان سکڻ

بجاءِ سيڪارڻ جي اهليت آهي پر مرد جي حاڪميت ڪي پائينديون آهيو. اوهان لاءِ محبت بہ شديد هوندي آهي تہ نفرت بہ. اوهين احسان فراموش ناهيو. احسان ياد رکو ٿيون، پنهنجي مضبوط ڪردار، حسن جي طاقت ۽ روح ۾ پيهي ويندڙ اکين سان مخاطب جو ذهن چڱيءَ ريت پڙهي وٺو ٿيون. اوهان تي ڪنهن جي ڪا بہ خوشامد تر جيترو اثر نٿي ڪري. اوهين هڪ نظر ڏسي ماڻهوءَ کي سڃاڻڻ جي قدرتي وصف رکو ٿيون، تنهن ڪري دوکي دولاب کان بچيل رهو ٿيون. اوهان لاءِ انجنيئرنگ، آرڪيالوجي، ڪاروبار ۽ نفسيات جهڙا شعبا وڏيڪ سوپارا ٿي سگهن ٿا، جيڪي اوهان کي ظاهري باطني سونهن سان همڪنار ڪن ٿا.

## قوس (Sagittarius)

خوش مزاج، ديانتدار، صاف گو، امانت دار ۽ معقول سياءُ رکڻ اوهان جي ڪردار جون خوبيون آهن، ڪنهن حد تي اوهين احساس برتريءَ جا شڪار بہ ٿيو ٿيون. جيترو ٿي سگهي ان روش کان پاسو ڪيو. هونئن بہ اوهين ذاتي زندگيءَ ۾ ٻئي جي مداخلت پسند ناهيو ڪندا. اوهان ۾ ٻين کان وڏيڪ سچ چوڻ جي وڏيڪ عادت آهي۔ اوهين شوخ چنچل مزاج ڪارڻ مزاح جو اهڙو رنگ رکو ٿيون جو اوهان جي سنگت ۾ گهرڀاتي، ساهيڙيون، رشتيدار ڪڏهن بہ بور ناهن ٿيندا. چوڪرن وانگر اوهان کي ٽينگ ٽپن ۽ راندين جو شوق آهي. اها ئي شگفتہ مزاجي اوهان کي ٻين لاءِ وندر جو سامان مهيا ڪري ٿي. اوهين شين جي ميڙ کان وڏيڪ گهر ۾ گهٽ پر سليقي سان سجايل شين ۽ فرنيچر کي پسند ڪنديون آهيو. اوهان انفراديت تي سمجهوتو نہ ڪنديون آهيون. ايمانداري اوهان جي مزاج جو فليگ ٽيگ آهي، اوهان لاءِ تدريس، اداڪاري، لٽريچر سڀ کان وڏيڪ لاپائتا آهن.

## جدي (Capricorn)

مضبوط قوت ارادي، قدامت پسندي، سڀ جو احترام، فرض شناسي، جفاڪشي، ديانتداري ۽ عمل پسندي اوهان جي خوبصورت شخصيت جو امتزاج آهن. اهڙي سحر انگيز شخصيت کي هر ڪنهن کي موهي سگهي ٿي. اوهين شادي يا محبت بجاءِ ملازمت کي اوليت ڏينديون آهيو ۽ معاشي تحفظ جو وڏيڪ خيال رکنديون آهيو. اوهان سماجي حيثيت، عزت، وقار، اختيار ۽ تحفظ کي زندگي جو اهم مقصد ڄاڻو ٿيون ان ڪري آفيس ڪوليگ سان نينهن جڙي تہ ان جو اوهين دل سان قدر ڪيو ٿيون ۽ مان رکو ٿيون. اهو ئي سياءُ اوهان کي حسن جي سوڪڙي ڏئي ٿو. پنهنجي منفرد سوچ، ڪردار جي مضبوطي، آزادي پسند ۽ سهڻي هئڻ جي ڪري ڪاميابي اوهان جي ٻانهي آهي. جيڪڏهن اوهين آن لائن ڪاروبار ڪيو تڏهن بہ مايوسي اوهان جي ويجهو بہ نہ ايندي جو اوهين پيدائشي طور مهذب ۽ معاشرتي رسم رواج جون سخت پابند، ساڙ ۽ ڪيني کان ڪوهين ڏور ڪم سان ڪم رکندڙ آهيو. اها صلاحيت اوهان کي ٻين ڇوڪرين ۽ عورتن ۾ ممتاز ۽ منفرد ڪري سهڻيءَ جي لقب سان نوازي ٿي.

## دلو (Aquarius)

اوهين رفاقت ۽ دوستيءَ جي بلندي تي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن سان مالا مال آهيو پر لباس جي مامري ۾ لاپرواهي ڪنديون آهيو. اوهين روايت کان هٽي انقلابي سوچ رکندڙ سرواڻ عورت طور اڳتي وڌو ٿيون. اوهين سچ جي ڳولهائو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ بجاءِ هڪ منزل تي اٽڪيو. اوهان ۾ موسيقيءَ سان چاهت گلوڪاره بہ ڪري سگهي ٿي. اوهين هر ڪم کي معياري انداز سان ڪرڻ چاهينديون آهيو. ڊڪٽيشن تي ڪم ڪرڻ اوهان کان نہ پڄي. رضاڪاراڻي طور ڪم ڪرڻ کي اوهين فرض ڄاڻيو ٿا. توهان ۾ منافقت جو عنصر ناهي. اهو ئي سبب آهي جو اوهين اهڙن ماڻهن کي پائينديون آهيو جيڪي فضيلت مند، مهذب ۽ شائستہ هجن. ان ڪري اوهين محبت ۽ رومانس بجاءِ عملي زندگيءَ کي وڏيڪ ڪارائتو سمجهنديون آهيو. اوهان جي خودداري اوهان کي منافقت کان پري رکندي هڪ شفاف ڪردار واري ڇوڪريءَ جي روپ ۾ بيهاري دلڪشي ۽ محبت جو سامان پيدا ڪري ٿو.

## حوت (Pisces)

اوهان جي گهٽ ڳالهائڻ ۽ وڏيڪ ٻڌڻ واري خوبي اوهان کي سونهن ۽ سندرتا سان اُڀاري ٿي ڇڏي. اوهان ۾ ڀرپور نسواني ۽ فنڪاراڻيون صلاحيتون آهن. اوهان گهروارن کي وڏيڪ پسند ڪيو ٿيون. ڪنهن جي غلطيءَ کي نظرانداز ڪرڻ اوهان کان نہ پڄي. اوهين ڳالهائڻ کان وڏيڪ ٻڌڻ کي ترجيح ڏينديون آهيو. اها ئي خوبي اوهان کي محفل ۾ سڀنن لاءِ خوشيءَ جو سبب ٿئي ٿي. اوهين صابر ۽ حساس آهيو اوهان جي محبت ۾ گهري ذهانت جو وڏيڪ عمل دخل هوندو آهي ان ڪري اوهان جي بي لوث محبت ڪنهن بہ شخص کي موهي سگهي ٿي. مصوري، ڊراما نگاري، شاعري، فڪشن، تصنيف تاليف، اداڪاري، زيبائش ۽ آرائش اوهان جا مزاجي شعبا آهن جن تي ڌيان ڏيندي اوهين سڦلتا ماڻي سگهو ٿا.

جيڪڏهن اوهين لکت کي اظهار جو ذريعو ڪيو ٿا تہ اوهان جي ذهني پختگي ڪنهن بہ پڙهندڙ کي ان ڳالهہ تي قائل ڪري سگهي ٿي تہ بيلي ڳالهہ ۾ جان آهي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ملير گڏاپ ۾ ايڊمز نيورو سائيڪاٽرڪ
چلڊرين هاسپيٽل جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ملير گڏاپ ۾
نيورو سائيڪاٽرڪ چلڊرين هاسپيٽل جي پيڙهه جي پٿر جي نقاب ڪشائي ڪري رهيو آهي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

**APRIL 2023**




# ايڪويهين صديءَ جون تعليمي تقاضائون

(خاص ليک اندر پڙهندا)

ايڪيويهين صديءَ جي تعليم ۽ تربيت جي بنيادي جزن کي انگريزي اکر "C" سان شروع ٿيندڙ علمن ۽ سوچ جي چئن زاوين کي پڌرو ڪيو ويو آهي، جن ۾ Communication (سُڌ سماءُ، لهه وچڙ، رابطو) Critical Thinking (تنقيدي سوچ)، Collaboration (تعاون) ۽ Creativity (تخليق) شامل آهن. ان فهرست ۾ پنجين "C" Computational Thinking (ڪمپيوٽري سوچ) کي شامل ڪري سگهجي ٿو، جيڪا پيچيده مسئلن جو حل رياضياتي ۽ منطقي بنيادن تي پيش ڪري ٿي. ڪمپيوٽيشنل سوچ جو اطلاق سائنسي علمن سان گڏ سماجي علمن ۽ زبان ۽ اسان تي به ٿئي ٿو، جنهن ڪري اسان مصنوعي ذهانت رکندڙ اهڙو الگورٿم ٺاهيو آهي جنهن وسيلي زبان جي ٽڪ تور سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿي. جيئن سنڌ سرڪار پنهنجي ادبي ادارن کي ڊجيٽل روپ ۾ آندو آهي، اها سگهه ڪمپيوٽري ادراڪ ۽ شعور جي سوڀ آهي، انهيءَ ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي شاگردن جي ڪمپيوٽيشنل ٿنڪنگ کي متعارف ڪرايو ويو آهي.

**Information Department**
**Government of Sindh**